Mal

آدب ۽ آديب

گوبند مالهي

M-5 (105)

گوبند مالهي - اَدب ۽ اَديب

(سنڌڙي، منهنجي جندڙي)

گوبند مالهي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لکشمي مارڪيٽ، الهاسنگر - ٣

ڪتاب بابت...!

ادب ۽ اديب :- گوبند مالهي جو ٻيو ڀاڱو "سنڌڙي منهنجي جندڙي" ڏيندي سمجهان ٿو ته ٻه وکون اڳتي وڌيو آهيان ۽ اڃا ٻه وکون آهن. جي اميد ته توهان جي ساٿ ۽ سهڪار سان، وڌائيندو رهندس.

گوبند مالهيءَ جي آتم ڪٿا جي پهرين ڀاڱي وقت مون لکيو هو ته:

"گوبند مالهي - هڪ شخص، هڪ تحريڪ، زماني جي هڪ تصوير - گوبند مالهي جي آتم - ڪٿا. هڪ شخص جي آتم- ڪهاڻي ته آهي ئي پاڪ ان سان گڏ هڪ تحريڪ / ادبي تحريڪ / سياسي تحريڪ جي ڪهاڻي به آهي ته پنهنجي زماني جي هڪ تصوير هڪ چٽ، هڪ نقش به آهي، تاريخ به آهي."

سندس آتم ڪٿا جي پهرين ڀاڱي ظاهر ٿيڻ بعد جيڪي رايا مليا آهن، تن مان ڪي ڪتا آهن ته ڪي مٺا - پر جيڪي به رايا مليا آهن، پنهنجي قسمت وارا، تن مان لڳي ٿو ته اسان جا سنڌي پڙهندڙ تمام ٿورو ٿا پڙهن - ۽ جيڪي پڙهن ٿا، تنهن مطابق ئي پنهنجي راءِ ٿا ڏاهين. اتي سنڌي جي هڪ چوڻي ٿي ياد اچي:

"ڪوه جي ڏيڏري، اپ ڪچي."

ڪجهه مهنا اڳ ڀارت جي پرسڌ ودوان ليکڪ نيرد چوڌري جي آتم ڪٿا انگريزي ۾ ظاهر ٿي آهي. Thy Hand Great Anarch.

GOBIND, MALHI

Adib ain Aclab

Autobiography

By: Gobind Malhi

SINDHI TIMES

Publicatton

90, Laxmi Market,

Ulhasnagar-3

Phone: 75618

Published by:

Suresh Paryani

For

The Sindhi Times

Publication

Printed by:

Smt. Mohini Sobhraj

Budhwani, INQLAB Press

Ulhasnagar-3 (Phone70066)

Sole Agant:

Jagdish Book Depot,

Main Bazar,

Ulhasnagar.2 (Phone:70455)

Price: Rupees Thirty

Year: JULY 1988

ارپـيـان ٿـو

-

سويي گيانچنداٽيء

کـي

فقط جيڪڏهن اهائي آتم ڪٿا پڙهن ها ته به سندن راءِ ڪافي ٻي هجي ها.

اها اسان جي خوشنصيبي آهي يا بدنصيبي آهي جو اسان پڙهون گهٽ ٿا ۽ لکون وڌيڪ ٿا. شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسان جو لکون ٿا اهو ٻين ٻولين جي ادب جي معيار تي نٿو بيهي- مان هت سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڳالهه نٿو ڪريان- آتم- ڪٿا لکڻ، پڙهڻ جو ذڪر آهي.

خوشي ۽ پڪ اٿم جو منهنجي خيال موجب گوبند مالهي جي آتم- ڪٿا پنهنجو درجو ۽ معيار ڪو گهٽ ڪونه ٿي رکي. جي وڌيڪ نه، ته برابر ضرور آهي.

سنڌ جي ادبي تاريخ، سياسي تصوير جي ڄاڻ ڪافي حد تائين ٿي پوي.

وري به توهان ڇا ٿا سمجهو، اهو ته توهان يعني پڙهندڙ ئي ٻڌائيندا - بس.

٢٥، مئي ١٩٨٨ع — نارائڻ ڀارتي

آهي ۽ پاڻ کي ساڳيو شيواداري ۾ جتائيندو آهي. سنڌ جي
هڪ ٻن سچن ڪن واقعن جي وسرجي وڃڻ جي ڄاڻ ڏني ۽
ڪن وارداتن کي وڌيڪ واضح ڪرڻ جي صلاح ڏني. ٻه عيدن
۾ رهندڙ هڪ مسلمان ڀاڻڪ پنهنجي ڏاڏي کان پڻاڻيءَ جي
تحقيقات ڪئي ۽ هنجي صحيح هجڻ جي ساک نارائڻ پارتيءَ
کي خط لکي، پاڻ کان پاڻهي منهنجيءَ پنهنجيءَ نظر ۾، آتم ڪٿا
ڪنهن شخص جي جيون ڪهاڻي هنجي زباني ته، آهي ٿي ۾
جن واقعن ۽ ڪردارن هنجي جيون تي ڪا ڇاپ ڇڏي آهي
يا / ۽ هنجي زندگيءَ تي ڪو اثر وڌو آهي، سڌيءَ يا اڻ-
سڌيءَ ريت؛ انهن جي وستار ڀڻا آتم ڪٿا اڌوري آهي.
تنهن سواءِ آتم ڪٿا لکندڙ جي زندگي گهڻي گذري چڪي هوندي
آهي، ٿوري باقي رهندي آهي- زندگيءَ جي اهڙي منزل تي هو
پاڻ پنهنجيءَ گذريل زندگيءَ، واقعن ۽ لهه وچڙهه ۾ آيل شخصن
تي نظرثاني ڪندي کي انيڪ آزمودا، ڪاميابيون ناڪاميابيون
۽ ڪميون پيشيون بيان ڪندو ٿي آهي ۽ اهڙيءَ منزل تي
هو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجيءَ زندگيءَ بابت ڪي سچ سلڻ، زندگيءَ
جي ڪٿن مٿن آزمودن جي اپٽار ڪرڻ کان رهي نه سگهندو
آهي. جيون جون مسرتون ۽ حسرتون ۾ جهانڪڻ لڳنديون آهن،
سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت ۽ منهنجي اتفاقن پڙي جيون جو
اتفاق اهو ۾ آهي ته منهنجي زندگي، شخصيءَ کان وڌيڪ
سماجي ۽ انفراديءَ کان وڌيڪ مجموعي رهي آهي ۽ مان
ساهتڪ، سنسڪرتڪ ۽ سياسي کيترن ۾ سرگرم رهيو آهيان.
سياست سان منهنجو پالو گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ٺائين ضرور رهيو-
انهن کيترن جي ارد گرد جون حالتون، همراهه، راشٽريه خواه
انتر راشٽريه راجنيتيءَ جو ذڪر ۾ لازميءَ کان وڌيڪ سياويڪ
ٿيو آهي. پنهنجي صوفي ويچارڌارا سان نباهيندي مون همراهن

ليکڪ طرفان

مان ساهتڪار جي ناتي ته خوشنصيب رهيو ئي آهيان. منهنجي هر رچنا ۽ هر ڪتاب ۾ پاٺڪن جي دلچسپي ته رهي آهي پر ليکڪ ۽ آلوچڪ به انهن کي نظرانداز نه ڪندا رهيا آهن.

منهنجي آتم ڪٿا جو پهريون ڀاڱو "ڏاڍيون مٺن جي ڳوٺ جون" به ان سلسلي ۾ اميدن کان وڌيڪ ڪامياب رهيو. ڪرشن کٽواڻيءَ ان کي منهنجي سڀني رچنائن ۾ بهترين سمجهيو ۽ ان معرفت سنڌ جي هڪ ڳوٺ کي هر طرح اجاگر ڪيو. بلديو گاجرا کي ڪتاب راس نه آيو ۽ هن کي پاتر بيشمار نظر آيا. هري دلگير کي طرز بيان متاثر ڪيو ۽ هيري شيوڪاڻيءَ ريڊيو آلوچنا ۾ ان کي اميدن کان گهٽ ڪيو. ارجن حاسد، ڪمل پياسي ۽ چندر رائسنگهاڻي (پونا) جي ذهن ۾ ڪي پاتر ۽ ڪي واقعا تازا ٿي اٿيا. ٻين ڪيترن اديبن ۽ آلوچڪن جا به رايا سڌو يا ٻين معرفت مون تائين پهتا. اهو به ڄاڻم ته اديبن جي ڪن شخصي محفلن ۾ به ان تي چرچا ٿي.

مون هري موٽواڻيءَ معرفت صرف پنج ڪاپيون سنڌ جي عالمن - اديبن کي موڪليون. هري اڃا سنڌ ۾ ئي هو جو ان جو ڇاپو، چون ٿا ٻن هزار ڪاپين جو، سنڌ ۾ به ڇپيو ۽ ان جي هڪ ڪاپي تاج جويو مون لاءِ کڻي آيو. هن ۽ ٻين سنڌي همراهن ٻڌايو ته سنڌي پاٺڪن ۽ اديبن ۾ اهو چڱو لوڪپريه ٿيو. منهنجي ڳوٺ ۽ آس پاس رهندڙ سڄڻن مون کي به خط لکيا، ڪي گڏوءَ سان به مليا - ۽ گڏو جو هاڻ گڏومل آهي ۽ ڳوٺ جو مکي آهي، هر خط ۾ ڳوٺ اچڻ جي دعوت به ڏيندو

سنڌڙي، منهنجي جندڙي

شڪارپور جي سي ائنڊ ايس ڪاليج بلڊنگ بنسبت مون تي اثر اهو ويٺو ته، ڊي جي سنڌ ڪاليج جي ڀيٽ ۾ اهو ڪاليج نه، وڏو هاءِ اسڪول ٿي هو ۽ ان کي ٻه هاسٽل هئا، هڪ ٻئي کان الڳ دور فاصلن تي ۽ انهن وچ ۾ ڪنهن به قسم جو لاڳاپو نه هو. اسڪول ۽ ڪاليج ۾ فرق اهو هو ته، جتي اسڪول ۾ الاهي ڪتاب ۽ نوٽبڪ کڻي وڃڻا پوندا هئا ٿيلهي ۾ ٻڌا رٻڙ جي رسيءَ ۾؛ هت گهڻا شاگرد هڪ نوٽبڪ هٿ ۾ کڻي ايندا هئا. ٻيو به ظاهر ظهور فرق هو، اسڪول ۾ انتظام زبردست هو، هن ڪاليج ۾ انتظام نه جهڙو هو. شهر کان ڪافي دور هو، سرنديءَ وارا اوت موٽ ٽانگن ۾ ايندا هئا، ڪن کي ته پنهنجا ٽانگا هئا. انتظام صرف هڪ ڳالهه ۾ ٿي ڏٺو، ڊريس ۾. ڪاليج کي پنهنجي يونيفارم هئي- پرنسيپال کان وٺي، شاگردن تائين؛ ڪاڪيءَ جو ناسي رنگ جو جهبو ۽ سوڙهن پاچن واري اڇي پتلون. ان يونيفارم خود ڪاليج کي اسڪولي وايو منڊل ٿي بخشيو؛ ڪي شاگرد آزادي ۽ بي پرواهي جتائڻ لاءِ اڪثر سوٽ بوٽ ۾ ڏڪجي چٺجي ايندا هئا. البت ڪاليج جي ڪنهن ٻڪيءَ ميٽنگ ۾ اهي به فار اي چينج ڪاليج جي يونيفارم ۾ نظر ايندا هئا.

اسڪول، نه، ڪاليج ۾ گهڻن شاگردن جو مالي معيار ظاهر ظهور وچولي طبقي جو ٿي ڏٺو، اهي اسڪولي وايو منڊل مان راضي هئا ۽ سڀ کان وڌيڪ راضي هئا يونيفارم مان. ٻاهران

جي ڪمين پيشين کي يا نظرانداز ڪيو آهي يـا نرمائيءَ سان پيش ڪيو آهي. اُن جي برعڪس مـون پنهنجي سياءَ جي ۽ پنهنجن ڪمزورين کي ايمانداريءَ سـان بيان ڪيو آهي. مون پاڻ سان نباهيو آهي، فلاسافيءَ ۽ عملي سطح تي. پاڻ سان نباهڻ ئي آئم ڪٿا جو مکيه انش آهي - منهنجي نظر ۾.

جتي مان ناراڻ ڀارتيءَ جو شڪرگذار آهيان جو هن منهنجي جيون ڪٿا ڇپائڻ ۾ جوابداري همواري ڪئي آهي لتي مان هنجي اها مجبوري به مڃان تو ته هر ڀاڱو سوا سؤ صفحن جي اردگرد محدود هجي. ان مجبوريءَ جو اعتراف ڪندي، پهرئين ڀاڱي ۾ به پچاڙيءَ جا ڪي صفحا خارج ڪيا ويا هئا ۽ هن ڀاڱي ۾ ڀارت جي آزاديءَ، ورهاڱي ۽ سنڌ مان لڏپلاڻ جـو ذڪر باقي رهجي ويو آهـي. هيءُ ڀاڱو نرواس جي اشاري تـي ڇڏيو ويو آهي؛ سنڌ ۾ گهاريل هڪ پن سالن جي زندگيءَ جو ذڪر به ٽئين ڀاڱي ”نرواس ۾ آس“ ۾ ڪيو ويندو ۽ بس.

٢٥ ميءِ ١٩٨٨ع — گوبند مالهي

درستي:

سنڌي ڇپائيءَ ۽ پروف جي چڪن جو پاڻهي اَلوٽ سنبنڌ رهيو آهي - پروف جون گهٽيئي چڪون هن ڪتاب ۾ به آهن. پر هڪ درستي ڳالهه جي سلسلي ۾ ضروري بڻجي پيئي آهي:

صفحي ٧٨ جي پنن پئرا ٧٧ صفحي جي پـڇـن پئرا ڪري پڙهڻ کپي - ان جو واسطو مامي سان آهي ۽ نه سوٽي سان -

— مالهي

هاسٽل ۾؟ هاسٽل ۾ بهترين انتظام مان ڪري ڏيئي سگهندو سائين. مان آهيان سي. ٽي. راڻي. مون لاءِ وچ ۾ منهن مٿي ڪري ڏٺو هو، منهنجي اڳيان ڊگهو، سنهو ۽ ڪارسرو شخص ڪڙو هو، هو وديارٿي نٿي لڳو، پروفيسر به نٿي لڳو، خير......

ان رات پراڻي اَڻسڃاتل شهر شڪارپور ۾ مونکي سائين ٻه مليو نه سهوليتون به پڙ پيون. سي. ٽي. راڻيءَ نه رڳو مونکي داخلا فارم لاءِ لائين ۾ بيهڻ کان ڇڏايو، سڌو مون سان ۽ گلوءَ سان گلوءَ جي سيٺ جي گهر هليو، منهنجو بئگ بسترو کڻي، واپس سائين ٽانگي ۾ آڻي، ڪاليج اندر بهترين هاسٽل جي بهترين روم نمبر پهرئين ۾ ٽانئيڪو ڪيو. سندس سالن کان پرمننٽ روم نمبر ٻيون هئي، هن مونکي پاڻ سان ڇو نه رهايو؟ هن جا ڪونگهرا جنهن تنهن کي تنگ ڪرڻ نه ڏيندا هئا. جيڪو وديارٿي ساڻس رهايو ويندو هو، سو يا نه ٻن ڏينهن بعد ٻيءَ روم ۾ هليو ويندو هو يا گهٽ ۾ گهٽ سمهڻ جو ڏينهن راتِ انتظام ڪنهن ٻيءَ روم يا ميٽرن جي وچ ۾ ورانڊي ۾ ڪندو هو!

سي. ٽي. راڻيءَ جو سچو صحيح نالو هو چمن ليچومل هنگوراڻي؛ سهوليت کان وڌ، مادرن هجڻ جتائڻ لاءِ سي. ٽي. راڻي سڏائيندو هو، ڪي اچا ته پيار کان هنکي سيٺي سڏيندا هئا ۽ ڪي ان کي بلڪل واضح ڪرڻ لاءِ سامهون نه نه پرپٺ وسل ڪري ڪوٺيندا هئا. هو ليکڪ هو، هنجي ليکي ڪافي غير رواجي. هن جا ليک اخبارن ۾ ڇپبا هئا، ڪڏهن ڪڏهن. اهي سڀ جو سڀ هن چڱيءَ ريت سانڍي رکيا هئا. هن جي وڏي ۾ وڏي تمنا جا اچا پوري ٿيڻي هئي پنهنجي ڪنهن ليکم کي ”سنڌوءَ“ ۾ ڇپجڻ جي. هو دائمي وديارٿي رهڻ جو چاهڪ هو. هن ٽن ڪاهن سان انٽر جو امتحان پاس ڪيو هو ۽ هاڻ جونئر بي. اي. جو وديارٿي هو. هو تمام ٽڪڙو ڳالهائيندو هو، دماغ

آيل هاسٽلن ۾ رهندڙ وديارٿي ان ڪري به راضي هئا جو اُتي ڪائڻ پيئڻ ۾ به رنڊڪ نه هئي. هر هڪ هاسٽل کي پنهنجون ڪلبون ۽ ڪاڌي جا ڌار ڌار انتظام هئا ۽ هر هڪ شاگرد کي ڇوٽ هئي ته هو پنهنجي مالي حيثيت آهر ڪلب ۾ داخل ٿئي؛ خرچائو ۽ ڪفائتي ڪلب ۾ ايڏو گهڻو فرق به نه هو. گهمڻ لائق هنڌن جي ڪوتاهي ۽ شڪارپور جي منجهند واري ٽنهڻ اُس ۽ ڪمرن اندر اُسهه گرمي ته اڪثر شاگردن کي پنهنجي کٽ ۽ ڪرسيءَ سان جڪڙي رکندي هئي. ها، هر هڪ هاسٽل ۾ شام جو الڳ الڳ چهل پهل هوندي هئي. ڪي ٽينس راند کندا، ڪي واليبال ۽ ڪي ڪبڏي کيڏي. ڪي ورانڊن ۾ وينا پت شت هڻندا ۽ ڪي ٻه ٻه چار چار ٿي هاسٽلن کان ٻاهر وڻواه سان پريل ڏڳن تي سير ڪندا نظر ايندا.

ٽن هاسٽلن ۾ ٻهتر هاسٽل هئي ڪاليج جي حاطي اندر، ڪاليج بلڊنگ کان هڪ ڦلان ڪري الڳ. ٽيل اٺن ڪمرن واري ۽ سنئين رِيت سڄايل- ٻن ٻن لاءِ هڪ ڪمرو، الڳ پلنگ، الڳ شيلف ۽ الڳ ميز ڪرسيءَ سان. منهنجي خوشقسمتي هئي جو اختياري وارن ٻهرين داخلا وٺندڙن شاگردن کي بنگلن روايي ڪڙهن ۾ رهائش ڏني هئي، اهي پورڻ بعد هن ٻهترين هاسٽل ۾ جڳهيون ڏيڻ شروع ڪيون هيون ۽ مونکي ان هاسٽل ۾ ٻهرئين نمبر واري ڪمري ۾ رهائش ملي ويئي. ۽ اهو به اتفاق هو...

مان پنهنجي پقات سان ڪاليج جي آفيس ۾ آيس. داخلا فارم وٺي ورانڊي ۾ هڪ ڊيسڪ تي ويهي اُهو پورڻ لڳس. مئٽرڪ امتحان کان وٺي آکهه کي معذلي ملي هئي ۽ اُها ٻهرين لکڻي پوندي هئي. مان به پنهنجي آکهه ۽ نالو لکي ٿي رهيو هوس... اوچتو آواز آيو، ”سندو“ اوهان لکندا آهيو؟ ”مالهي“ تخلص اوهانجو آهي؟ اوهان ڪنهن عزيز وٽ گهر ۾ رهندا ٿا

نه!" مون به کلي چيو، "هلي ٿي ڇو، اهو ميلاپ ته ٿوڙي."

هڪ آرتوار ٿي ورانڊي ۾ ويٺو هوس ته ساڳيو رانڊو آيو. ايندي ئي پڇيائين، "ديوان، ڏائينڊا ڪي ڪائيندا؟" مان شرم ۾ پاڻي پاڻي ٿي ويس. جيڪب آباديءَ سنڌوا چيو، "جنهن ڏائڻ جو سوچيندي تون شرمائين ٿو، تنهن ڏائڻ جي ڇا هيءَ وهي آهي تنهنجي؟ شامون ويچارو تـه ڏائڻ معنيٰ سنان ڪرڻ جي ڳالهه ٿو ڪري."

هاسٽل جو ٽيون شخص جنهن مونکي ٻـهريندي ٿي متاثر ڪيو سو هو سومرو، پهريون نالو پا عبدالله هوس پـا عبيدالله هوُ ٿي هن اسڪولي ٽائيپ ڪاليج ۾ ڪاليجي لڳندو هـو، روم مان ٻاهر نڪتو ته ٽپ ٽاپ، فل سوٽ ۾ ٽاءِ سميت؛ هـوُ خيرپور رياست جي ڪنهن وڏي آفيسر جو فرزند ارجمند هو. آيو به دير سان هو، پوءِ به اُن رومس پرجي وڃڻ بعد اسان جي هاسٽل جي ٿي سڌ ۾ ڪاليج ايوان جي مهڙ ۾ هڪ ريزيڊنٽ پروفيسر جي رهائـش واري جڳهه - سيلف ڪنٽينڊ ننڍڙي فليٽ ۾ هن کي رهڻ ڏنو ويو هو. اُهـو ريزيڊنٽ پروفيسر جـو سيني هاسٽلن جو سپرنٽينڊنٽ به هو، اڳئين سال کان نوڪري ڇڏي ويو هو ۽ ٽنهي هاسٽلن جي ڊيڪپال پرفيڪٽ ڪندا هئا. هنن مٿان نظرداري پا سنڌن رهنمائيءَ لاءِ هـو پروفيسر ڇاپريه جو پنهنجي گهر رهندو هو. سومري پنهنجو ساٿي چونڊيو هو ناري ڪيماڻي (هوُ بمبئيءَ ۾ وڪالت ڪندو آهـي ۽ ڪنهن وقت ديارام غريبداس جو پاڻيوار هو).

پرنسيپال نرملداس ڏرمداس گربخشاڻيءَ کان وٺي هر پروفيسر ۽ هر ڇوڪرو وديارٿي يونيفارم ۾ ڪاليج اندر ايندو هـو. ڳاڻ ڳٽيون ڇوڪريون وديارٿڻيون پتلون بدران اڇي سلوار ۽ اڇي ٻنڊي سان ايندڻيون هيون. پروفيسرن ۾ ڇاپريه ۽ وديـارٿين ۾

۽ زبان وچ ۾ توازن نه رکي سگهڻ ڪري ائين لڳندو هو يا ٻاتو
هو يا آواز ۾ اٽڪ هيس يا ٻئي ڪمزوريون هيس. جوانيءَ ۾ به
ٻڪي عمر جو لڳندو هو. اڪثر هم ڪاليجي همراهه هن کي
شادي ڪرڻ جي صلاح ڏيندا هئا ۽ هو عجيب نموني ڪلهي
چوندو هو، "ڪنوارو، ٻارو!" رام کي پيارو! ۽ هڪ کي ٻڻ ٻڻ
۾ مون ائين چوندو ٻڌو، "ٻار، تون ته ڪرشن جو پيارو آهين،
شڪل ۾."

سي. ٽي. منهنجي لاءِ هر طرح سهائڪ ثابت ٿيو، آنڌيءَ
مانڌيءَ مان هن وٽ مدد لاءِ ڊوڙي ويندو هوس ۽ هو
هر وقت مدد لاءِ تيار رهندو هو. اڪثر منهنجي هر سهوليت
جو هو خيال پاڻ کان ٻاٽهي رکندو هو ۽ مونکي هن وٽان مائٽي
پيار مليو. جيترو وقت مان شڪارپور ۾ هوس.

ٻالچنداڻي منهنجو روم ميٽ به هو ته هاسٽل جو پرفيڪٽ
به. درحقيقت هن کي روم نمبر ٻهرئين ۾ رهائش پرفيڪٽ
هجڻ ڪري ملي هئي. ۽ هنجي روم ميٽ هجڻ ڪري مان
عملي ريت وائيس پرفيڪٽ ٿيو وڃڻ لڳس. اختياري وارن
طرفان- هم ڀ ڀ س طرفان ۽ پٽيوالن، رانڌي ۽ هنجي همراهن
طرفان. رسوائي ۽ ڪلب جو سمورو ٻار ٻالچنداڻيءَ منهنجي مٿان
وجهي ڇڏيو هو. ٻالچنداڻي سينئر بي. اي. ۾ هو ۽ هو منهنجو
سر پرست رهيو، وڏي ڀاءُ جيان.

شڪارپوري ٻوليءَ منڌ ۾ مونکي ڪيئن پريشان ڪيو تنهنجا
به مثال ٻي ٽو ڏيان. هڪ ڏينهن شام جو رانڌي اچي پڇيو،
"ديوان، سيان نيرن تي حلوو پوري ناهيان؟" مون چيومانس،
"دماغ جاءِ تئي؟ ڪٿا حلوو، ڪٿا پوري؟" ٻالچنداڻي هٿو
لاڙڪاڻائي پر شڪارپور ۾ ڪافي وقت رهي چڪو هو، چيائين،
"حلوو معنيٰ سيرو." هن ٽهڪ ڏيئي چيو، "سيرو پوري ته هلي

ڪوئيٽا ميلون شڪارپور سٽيشن تان لنگهنديون هيون، هڪ ڏيڍ ٻجي رات جو، جا ڪوئيٽا وينديون هيون، ۽ ٻيون اڍائي ٻجي جا ڪوئيٽا کان اينديون هيون. سومرو ۽ ٻه ٽي ڄڻا زناني گاڏي وٽ ديدار بازي الله راضي ڪندا هئا، ڪي چرچا گهٻا به ڪندا هئا، سفر ڪندڙ جوانڙين بابت رائزني به ڪندا هئا؛ مان ۽ ٻه ٽي ڄڻا اِن فضول شغل کان دور رهي، گپ شپ هڻندا هئاسين، پليٽ فارم جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ڪٽڪ يا سلو مارچ ڪندا هئاسين. باقي ڪانڌ پيئڻ، هاسٽل مان نڪرڻ ۽ هاسٽل ۾ اچڻ ۽ اٽڪل ميل اوٽ ۽ ميل موٽ ۾ سٺئي اٺئي يارن جا يار هوندا هئاسين. ٻه هاسٽل آسانجي راه ۾ ايندا هئا هڪ ته مين رستي تي هڪ پراڻي بنگلي ۾ هو، ٻيو ٿورو ور تي ٻئي ڪُر ۾ هو. اوت نه ته موٽ ضرور هڪ نه هڪ هاسٽل ۾ وڃي رڙيون واڪا ڪري هنن جي ننڊ ڦٽائيندا هئاسين. چئين ٻجي صبح جو واپس اچي ننڊ ڪندا هئاسين ۽ صبح جو نوين ٻجي مس اُٿندا هئاسين؛ بالڪل ڍنڍائي هڪ پيرڊ حاضر رهي اَچي مونکي اُٿاريندو هو. پهريان ٻه پيرڊ، جنهن ۾ هڪ انگريزيءَ جي پروفيسر ڇابڙيه جو هوندو هو، مون ڪڏهن به اٽينڊ نه ڪيا!

مون في معاف ڪرڻ جي درخواست جو پهريندي ئي خيال لاهي ڇڏيو. اسان واري هاسٽل ۾ سڀ جو سڀ شاهوڪار ٻار نه، ته آسودن نه جو اولاد ضرور لڳندا هئا، باقي ٻين هاسٽلن ۾ وديارٿين جي هلت چلت مان ئي ائين لڳندو هو ته هنن مان گهڻا مٿاهين وچولي طبقي مان نه، هيٺاهين وچولي درجي مان هئا ۽ هوءَ في معافي ٿيڻ جا مون کان گهڻو وڌيڪ مستحق هئا.

منهنجي رول پڻ ڪي نئين سر شدت سان اوج ملي وئي

سومرو ان نيم جو ڀڱ ڪري، نرالپ ڏيکاري سڏائڻ جي
استرتا ثابت ڪندا هئا. چئن مهنن ۾ سومري کي هڪ دفعو ۽
چاٻري کي ٻه دفعا مون ڪاليج ۾ يونيفارم سان ايندو ڏٺو.
سومرو ڪاليج لاءِ نئي يونيفارم ۾ آيو ۽ چاٻرو هڪ ڏينهن ٻيو
يونيفارم ۾ آيو. ڪاليج ۾ هلي ويو، پروفيسر چاٻري جي پٺني
پيڪي وئي آهي هن جي وارڊ روب جي چاٻي ٻه ٻاٽ سان
ڪٽي وئي آهي! پروفيسر چاٻري ٻه اهڙا راءِ زني پڪ نئي پڪ
ٻڌي هوندي، ٻئي ڏينهن وري فل سوٽ ۾ آيو.

سڪولي ٽائيپ ڪاليج ان ڪري ٿو چوان، جو ٻوءِ مون
ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ ڏٺو ۽ شهاڻي لا ڪاليج ۾ ٻه پڙهيس.
ٻنهي ۾ وايومنڊل آزاد، شاگردن ۾ چستي ڦڙتي وڌيڪ ۽ رنگيني
چهل پهل هروقت موجود ڏٺم. ڪاليجن ۾ شاگرد ٽپي ٽپي
پيرن جي ٺڪ ٺڪ ۽ ڊيسڪن تي مڪن جي سٽڪ سٽڪ
ڪندا، اڌ شاگرد ڪلاس اندر ته اڌ شاگرد لابيءَ يا لان ۾ هوندا
هئا، لڳندو ئي هو، ڄڻ ڪجهه نه ڪجهه ٻيءَ طرح آهي؛ شڪارپور
۾ سڀ ڪجهه نت نيم سان ٿيندو هو. بورڊ جو استعمال ٻه ساڳيو
سڪول جهڙو، سوال جواب ٻه سڪول جهڙا، هوم ورڪ ٻه
سڪول جهڙو ۽ پروفيسر جي ڇڙٻ دٻ ٻه سڪولي ماستر
جهڙي! صرف بلڊنگ وڏي هئي، ايوان وڏو هو.

ڪاليج جيان هاسٽلن ۾ ٻه مڪاڻي گنڀير ۽ سعادتمند
وديارٿين جي هئي؛ نيم سان ڪاليج ۾ ايندا، ليڪچر ٻڌندا،
هاسٽل ۾ هوم ورڪ ڪندا، جي بحث ڪندا ته ڪورس تي
ڪندا؛ ڪي. ٿورا اسان جي هاسٽل ۾ سومري جي اچڻ بعد
ڪريا. ارڙهن وديارٿين ۾ ڇهه ست سومري جي صحبت ۾ آواره
بڻجي پيا، مون سميت. منهنجي آواره گرديءَ کي ٻه ڇهر، گهر
۽ ڳوٺ کان ٻاهر ڦلاڻ ڦلاڻ جو موقعو مليو. رات جو ٻه ٽي

جو پاڻ تي حق تسليم ڪري چڪو آهيان، مگر اها همت نه ٿيم ۽ ان ڪري نه جو سمجهيم ته سرلا جي اميدن تي پاڻي ڦيري ويندو؛ ان ڪري جو ڄاتم ٿي ته سرلا جيڪا منهنجي سار سنڀال لهي ٿي اها ختم ٿي ويندي. هن جي هڪ ڳڻتي ته مان ڪنهن به حالت ۾ هن کان جدائي لاءِ تيار نه هوس. رتن جي گهر وڃڻ شرط، سرءُ سان گهائل مائل ٿيندي ٿي مون ناول پڙهڻ جو شوق ظاهر ڪيو هو ۽ هوءَ پنهنجي گهرو لائبرريءَ مان نت نيم سان روز پولدات جيونيءَ جو هڪ هڪ ڀاڱو ڪري مونکي ڏيندي هئي. هر روز هوءَ هڪ ڀاڱو واپس وٺندي هئي ۽ ٻيو ڀاڱو ان جي عيوض ڏيندي هئي ۽ هر روز هڪ ڀاڱو پڙهي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مان اڌ رات جو ڪوئيٽا ميل جي ڇڪر ۾ سٽيشن تي وڃڻ کان به نٽائڻ لڳو هوس...

هڪ ڏينهن ......

دستور موجب شام جو پنجين ٻجي راند پوري ٿيڻ بعد، چانهه پي (۽ چانهه سرلا جي ماءُ پنهنجي گهران ڪاڙهي اسٽيل جي ننڍڙي ڀڪ واري ڏول ۾ کڻي ايندي هئي) رتن جي ٽانگي ۾ پنهنجي هاسٽل وٽ لٿس ته هڪ ننڍڙو گلابي رنگ جو لفافو پٽ تي پيل ڏٺم. مون يڪدم اهو کڻي ورتو هو. اهو پونات جيونيءَ جي ٽئين ڀاڱي مان ڪري پيو هو. مون اهو پنهنجي ڪڙتي جي کيسي ۾ وڌو. منهنجي روم خالي هئي. ٻالچنداڻي نيم موجب، ڪاليج جي ٽئي پاسي ٽينس راند ڪرڻ ويو هو. مون در ڇڳيءَ رهت بند ڪري، لفافو ڪڙتي جي کيسي مان ڪڍيو. ڏڪندڙ هٿ ۾ جهلي ڏٺم، هڪ ڪنڊ تي سائي رنگ ۾ گلاب جو گل ڏانڊيءَ سميت چٽيل هو ۽ ان هيٺان ڇهج ڳاڙهيءَ مس ۾ چٽيل هو Froget me not "مونکي نه وسار". مون لفافو کوليندي دل

هئي. ڪاليج ڇورو ٿيڻ بعد هڪ ٻه ڪتاب جو ڪٽي نڪرندو هوس، روم ۾ ڦٽو ڪري، رتن مسند سان ٽانگي ۾ چڙهي، سڌو هنجي گهر پهچندو هوس. رتن شاهوڪاري ٻار هو، ۽ هن جو پيءُ حيات ڪونه هو، هنجي ماءُ ٻه منهنجي آهڙي سار سنڀال لهندي هئي جهڙي رتن جي لهندي هئي. رتن منجهند جي ماني کائيندو هو مگر مان پاپڙ ۽ شربت پيئندو هوس. پوءِ رتن جي ماءُ ۽ نوڪرياڻي وڃي آرامي ٿيندا هئا. رتن، رتن جي ڀيڻ سيلوتني ۽ هنجي ساهيڙي سرلا ۽ مان پتن راند ڪرڻ وهندا هئاسين. ڀيس ڪوٽ. سيلوتني ۽ رتن، مان ۽ سرلا پائيوار رهندا هئاسين. سيلوتني ۽ سرلا ٻئي سڪول ۾ گڏ پڙهيون هيون، هڪ ئي ڪلاس ۾ ۽ ٻئي پنج درجا انگريزي پاس ڪري گهر اندر پورجي ويون هيون پراڻي گهر وسائڻ جي اون ۾. سيلوتنيءَ لاءِ ته ڪو مسند يا ڪو ڀاواٽو گهر ڳهندو هو پر سرلا هر طرح آزاد هئي. هنجو پيءُ ڪانگريسي به هو ته سوشل ورڪر به ۽ آزاد خيال. ڌيءُ جي سلسلي ۾ هو آزاد خيالي ٿهائين وڌيڪ ڏيکاريندو هو. مان سمجهندي سمجهي ويس ته سرلا راند ۾ ته منهنجي پائيوار هئي پر هوءَ زندگيءَ ۾ به منهنجي ساٿي بڻجڻ جو دل ئي دل ۾ نه، ظاهران ظهور فيصلو ڪري چڪي هئي. ۽ هوءَ عين ٻين مون سان ائين هلندي هئي جڻ هوءَ سچ پچ مون سان لائون لهي چڪي هئي. صرف سرٻر ڪري اسين دور رهندا آياسين، ان لاءِ جڻ هنجي ماءُ، رتن ۽ سيلوتنيءَ ڪسي خاص تاڪيد ڪري ڇڏيو هو. سرلا ۽ مان، ڪڏهن به هڪ ٻئي سان نويڪلائيءَ ۾ نه گڏياسين......

منهنجي پريشاني ۽ من جي ٻڏتر وڌندي رهي. الائي گهڻا ڀيرا منهنجي من ۾ آيو ته مان ظاهر ڪريان ته مان مڱيل آهيان، رسم ڪري خواه من جي واعدي ڪري مان اڳ ئي ڪنهن ٻيءَ

مونکي عجب لڳو جو رتن ائين به نه پڇيو، ”ڇو؟“ هيڪاري چيائين، ”سٺي ڳالهه آهي. مان به ريگيولر لائيف گهاريندس. شام جو پنجين بجي ٽانگو ڪاهي ٿو وٺ ايندس، پوءِ ڪٿي نه ڪٿي هلي ٿهلنداسين، پٽ شٽ هڻنداسين، All work and no play به نه ڪاليج زندگي ڪانهي.“ هوءَ ٽانگي ۾ چڙهي ويٺو. مون پوئتان جيونيءَ جو رات پڙهيل پاڳو هن جي هٿ ۾ ٿمائي ڇيو، ”هيءَ .... هيءَ پنهنجي پاڙيسرياڻيءَ کي ڏج.“

هن ڪتاب وٺي ٽانگي هلائيندڙ کي اشارو ڪيو. ٽانگو هليو ۽ رتن ٿڪ ڏنو، چيائين، ”مان سمجهان ٿو اڄ ڪان پوءِ هوءَ به اسان جي گهر ڪانه ايندي.“ مون به ائين ئي سمجهيو. اوچتو، منهنجي من مونکي لقب لاتو، ”ڊرپوڪ!“ ۽ عين موقعي تي ياد آيم، اڄ صبوح جو ئي پروفيسر چاپري، ڪنگ ليئر پاڙهيندي شيڪسپيئر جو ٻئي ڪتان جو حوالو ڏنو هو، ”هر ووڪي شخص، ڪائر يا ڊرپوڪ Coward ٿيندو آهي.“ منهنجي ڊڄندڙ دل کي تقويت ملي ويئي.

مان موٽي پنهنجي روم ۾ آيس. پالچنداڻيءَ چيو، ”اڄ، رتن سان نه وئين. اوهان وڙهيا آهيو ڇا؟“

مون وراڻيو، ”اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. مان پنهنجي هٿي جي زندگي ريگيولر بڻائڻ ٿو چاهيان.“

پالچنداڻيءَ چيو، ”پنهنجي خواه پيءُ ياءُ جي خيال ڪان ڳالهه نه لڪ جي ڪٿي اڙئي بشرطيڪ......

مون ڪو جواب نه ڏنو، مان ڪاليج واري ڪڙتي پاجامي سان ئي پنهنجي کٽ تي ليٽي پيس.

جملو پالچنداڻيءَ پورو ڪيو، ”بشرطيڪ جيڪي چئين ٿنهن تي عمل ڪرين، اڃا به جي تو کي عمل ڪرڻ ڏنو وڃي.“

ٻي دل ۾ چيو: مونکي پوئتان جيوني پڙهڻ جو حرص مهانگو پوٽو آهي.

خط ۾ نهايت ٺاهوڪن لفظن ۾ لکيل هو:

پريتم پيارا،

دل جي چاهه ۽ بدن جي باهه ٿاس جي پتن جي راند کان وڌيڪ ٿي گهري. تون مونکي گڏج ۽ تن من جي پياس ٻجهاءِ. تون پرديسي پريتم آهين، هتان جي پيار جي راهن کان اڻ ڄاڻ. سڀان مان ٻيءَ ساهيڙيءَ وٽ وڃڻ جو بهانو ڪري سيلونتيءَ جي گهر نه ايندس، مان ولڀ ٽاڪيز وٽان ڦري سنڌ واهه جي ڪنڌي تي تنهنجو انتظار ڪنديس. ڏرٽيءَ جو هنن ڏينهن ۾ سنڌ واهه تي ڪوبه نه هوندو آهي. اچج، ضرور اچج. نراس نه ڪج. تنهنجي، فقط تنهنجي سرلا.

ڇاڪاڻ جو ڪنهن جوان نينگريءَ وٽان زندگيءَ ۾ اهو مون لاءِ پهريون خط هو، مونکي اڃا تائين اکر به اکر ياد آهي. ننڍڙا نزاڪت ڀريا اکر هوبهو منهنجي ذهن تي اُڪريل آهن.

مان سڄو ٻپهر هراسجي ويس؛ ڪرسيءَ تي ويهي ويس؛ وڃڻ نه وڃڻ جي ٻڌتر نه ٿي؛ ٻپ وڪوڙي ويو: پرديس ۾ پريت جو پيچ، ڪنهن نينگر سان اڪيلو سنڌ واهه تي ملڻ ۽ پڪڙجي پوڻ!! مونکي ٻڪ ٿي ويئي، ويندس نه پڪڙبس ضرور .... مون ته طلب فيصلو ڪيو؛ ويندس نه، ۽ اهو فيصلو هر هر دل ئي دل ۾ دهرائيندو رهيس: ويندس هرگز نه.

ٻئي ڏينهن، ڪاليج ۾ گهڙڻ شرط رتن کي چيم: اڄ کان وٺي تنهنجي گهر نه هلندس. درحقيقت، مدهند جو ڪيڏانهن نه ويندس. ڪاليج ۾ آيو آهيان پڙهڻ؛ اڄ کان ريگيولر لائيف ......

هليو ويو آهين جو توسان ٻه لفظ به ڳالهائڻ جو موقعو نٿو ملي،
مٺا!"

هو جنهن ٽنهن کي مٺو، سڄڻ، يار ۽ / يا ٻاءُ سڏيندو هو. مون چيو، "هاڻي، تون مونکي گهڻو ئي ڪاليج هاسٽل ۾ ڏسندين."

هن چيو، "مان سمجهان ٿو، ڪنهن توکي ناراض يا نراس ڪيو ٿو ڏسجي. مان به ليکڪ، تون به ليکڪ؛ ڪنهن نه ڪنهن پيڙا جا ٻئي شڪار. مٺا، مون سان گڏ گهمڻ هل. زندگي ـــ ڏسندين ۽ لفظن ۾ اُن کي چٽڻ جو هنر به پرائيندين. سيبان جا ٻاڳ سيبان سان. اڄ تون مان گڏ پڪچر ڏسڻ ٿا هلون، ڪي.ايل. سهگل جي "دشمن، منظور؟"

مون چيو، "منظور". مون ڪراچيءَ ۾ پهريون دفعو پڪچر ڏٺي هئي ٽي مهنا اڳ. سبيتا ديوي هيروئن هئي ۽ موتيلال هيرو هو. سهگل جي فلم اڃا تائين نه ڏٺي هيم.

هن چيو، "ته پوءِ دير ڇا جي آهي؟ هل،" هن دستور موجب ڪوٽ پاتو ڪونه، پنهنجي ڪلهن تي لڙڪائي ڇڏيو.

ٽانگي ۾ لکيدر وٽ پهتاسين ته ڪئپيٽال سئنيما ٻاهر وڻ جي ڇانوَ ۾ صندل تي گلڻ ڪاسائي گوڏ سان ۽ ڀاري مسند (اباڻا فلم وارو ٽي. ايم. ڀاري) ويٺا هئا. ڪئپيٽال لاءِ مشهور هو ته اُها ڀاريءَ جي يا ڀاريءَ جي ڇاڇي جي آهي. گلڻ سي. ٽيءَ جو به يار هو، مگر ڀاريءَ ۽ سي. ٽيءَ وچ ۾ ڏٺر سنوان نه هئا. سي. ٽي. هنن کي ڏٺو اڻ ڏٺو ڪري ڪابي پاسي واريءَ گهٽيءَ ۾ گهڙيو، مان به هن جي پٺيان پٺيان هلندو هليس. ولب ٽاڪيز سان لڳو لڳ هوٽل ۾ هو به گهڙيو، مان به گهڙيس. هوٽل ۾ اڪڙ ٻڪڙ ماڻهو هئا. ڪائونٽر تي ويٺل ڪرڙو شخص ۽ اسانجي ٽيبل واري ويٽر سي. ٽيءَ کي

مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. سمهي ڀالچندرائي نه پيو، ۽ ننڊ هنکي مونکان اڳ ڪٽي ويئي.

پوري پنجين بجي رتن جي ٽانگي جي هارن جو آواز منهنجي ڪنن تي پهتو. مان ان کان اڳ ئي ڪپڙا بدلائي آئيني اڳيان وار لساڙي رهيو هوس.

ڀالچندرائي جاڳي رهيو هو، ”مون چيو ڪونه ته تنهنجي ويچار ۽ عمل وچ ۾ دست اندازي ٻين جي آهي ......

مان ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ٻاهر نڪري ويس.

رتن پوتنات جيونيءَ جو نئون پاڳو منهنجي هٿ ۾ ٿمائي چيو، ”سنڀال ۽ ٻڌ، سچ پچ جي تون اسانجي گهر يا گهٽيءَ ۾ آئين ته سنئين لڳين نه ٻڌندين. سولا توکي ڇا ڪرڻ ناءِ چيو جو تو نه ڪيو؟“

پهرين سوچيم ته ٻڌايانس پر اٿي ئي الي وڃڻ بهتر سمجهيم. مون ڀالو ڀولو چهرو بڻائي چيو، ”ڇا چيو هئائين؟ ڪيڏيمهل چيو هئائين؟“

رتن ٿهڪ ڏئي ۽ چيو ”نٿو ٻڌائڻ چاهين ته نه ٻڌاءِ ......“

هن ۽ منهنجي وچ ۾ ڪي ڏينهن سولا جو ذڪر ئي نه نڪتو، پر هو روز نت نيم سان پهرين پوتنات جيونيءَ ۽ پوءِ چندر ليکا جو هڪ پاڳو وٺي ويندو هو، پيو ڪٽي ايندو هو......

ٻئي ڏينهن ڪاليج مان نڪري پنهنجي روم ۾ گهڙڻ وارو هوس جو پنجين نمبر روم جي دروازي وٽ بيٺل سي. ٽي. رائيءَ سڏ ڪيو. مون چيو، ”ڪتاب رکي اچان ٿو.“ ڀالچندرائيءَ وري چيو، ”توکي سڄي عمر پنهنجي مرضيءَ سان نه ٻين جي مرضيءَ سان ڪاٽڻي پوندي.“

مان ڪتاب رکي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويس.

سي. ٽي. رائيءَ چيو، ”تون ويجهو رهندي به ايترو دور

بيئر جو خمار مون مٿان طاري ٿيڻ لڳو ۽ مان چپ ٿي ويس. سڀ ڳيءَ کي چاٻي ملي وئي......

مونکي ”دشمن“ فلم ڏسندي ننڊ ڪٽي وئي!

اُن ڏينهن پهريون دفعو، مون ڳامي شيئر لفظ ٻڌو ۽ عمل ۾ آندو. خرچ جي حصي رسي اَداڻگي، سمورو خرچ اَڌو اَڌ. اِن کان اڳي سٽيشن تي هرڪو پنهنجو خرچ پاڻ ڪندو هو ۽ رتن ۽ منهنجي وچ ۾ ڪو حساب نه هو، ڪڏهن هوءَ ڪڏهن مان پر اڪثر هوءَ خرچ ڪندو هو.

مسلميءَ لاءِ ڪو ليڪو نه لکيم اُن ڏينهن. پوءِ ٻه، مون شام جو پاڪڪي رنگين مزاج پاتو ۽ رات جو هوٽل کان وڏيڪ ڪاڏو ڪاڏم.

مون ٽرم ۾ ٻه دفعا وري بيئر پيتو، هڪ پيرو ريلوائيءَ سان، ٽامي شيئر ڪيوسين. ٻيو پيرو مان، ڪيماڻي ۽ سومرو هواسين. هوٽل ۾ ڪاڏي پيتي جو، بيئر سميت بل سومري ڀريو. بل آيو ۽ اهو هن ڪٽي ورتو تهه ٻه. بل چڪائڻ بعد چيائين، ”سومرو ساڻ هجي نه سمجهو خرچ ڪرڻ جو حق سومري کان سواءِ ٻئي ڪنهنجو نٿو ٿي سگهي.“

هڪ شخص جنهن سان مون، شڪارپور ڪاليج طيءِ ٿيڻ شرط، ملڻ جو من ۾ فيصلو ڪيو هو، اهو شخص ايترو محبوب هو، پيڙ ۽ دوستن کان ايترو ڪترائيندو هو، سڀ ٽيءَ جي لفظن ۾ ايترو پاڻ ۾ پورو هو، جو مان هن کي ڏسندو روز هوس، مگر ڳالهائڻ نه ٻري رهيو، هن وٽهو ڏمڪڻ نه ٻري رهيو، گويا ٻري رهڻ لاءِ مجبور ڪندو رهيو. اهو هو چاچي لال طاعل. هو سينئر بي. اي. ۾ هو، هن جو ڪاليج ۾ هجڻ هنجي ڪلاسز ۽ اُنهن جي ٽائيمنگ تي مدار هو. هو ڪاليج جي ٻين سرگرمين ۾ به نظر نه ايندو هو. هڪ ٽئي سرگرميءَ ۾ هن پاڃ پاڃ ورتو ۽ اُن ۾ ٿي هن مون سان پهريون ڀيرو دفعو ڳالهايو.

اُڏوگاڙو سلام ڪيو. ظاهر هو سي. ٽي. هن هوٽل ۾ ايندڙ ويندڙ هو. ويٽر اسان جي وهڻ شرط پڇيو، "سي. ٽي. صاحب، بيئر؟ يا ٻوتلون؟" سي. ٽيءَ چيو "هڪ بوتل بلڪل ٿڌي" ويٽر جي هلڻ وڃڻ تي مون ڏانهن نهاري چيائين، "في الحال." منهنجي زبان مان بي اختيار نڪتو "مان بيئر نه پيئندس."

سي. ٽيءَ چيو "بيئر هڪ ئي وقت ٻاراڻو ۽ شاهاڻو ٻرنڪ آهي. نشو نه ڏيندو آهي، هلڪو خمار ڏيندو آهي، وڻندڙ. هڪ وار پي ڏس ۽ پوءِ عمر ڀر اُن کان جند ڇڏائي ڏس." هن فلڪ ۽ للڪار جي ملائي جهلڻي ياڻ سان چيو.

اُن وچ ۾ بيئر اَچي چڪو هو. ويٽر اُهو کوليو ۽ گلاس اڌو ڪري، ڀري مونکي ڏنو ۽ ٻيو سي. ٽيءَ کي ڏنو. گلاس مٿي ڪري چيئرس ڪياسين. مون پهريون ڍڪ ڀريو، منهنجو منهن ڪَوڙو ٿي ويو.

مون چيو "نه سي. ٽي. نه. مان هيءَ پي نه سگهندس."

سي. ٽيءَ ٽهڪ ڏنو. هُو اتفاق سان ٽهڪ ڏيندو هو ۽ ٽڙيل ڏندن سان هُو عجيب لڳندو هو. چيائين، "ياد ڪر، هر ڪَوڙي چيز ترياق ٿيندي آهي، ڪريلو هجي يا بيئر؛ ڪوڙو هوندي به صحت سنواريندا آهن. ٻيو ڍڪ پيءُ، اُهو گهٽ ڪَوڙو لڳندءِ ۽ ٽيون اُن کان به گهٽ ۽ چوٿون ته ماڳهين ڪَوڙو ئي نه لڳندءِ، هڪ ٻه ٽڪڙا ڍڪ ڀر......"

مون به هڪ ٻئي پٺيان ٻه ٽي ڍڪ ڀريا ۽ مونکي سي. ٽي. صحيح لڳو. منهنجي نڙيءَ ۾ بيئر لاءِ ذائقو پيدا ٿي ويو.

سي. ٽيءَ چيو "بيئر جي نماڻي خمار ۾ لکڻ شروع ڪندين ته بهتر لکندين. آزمائي ڏسج. گهر پهچڻ تي ڪاليج مسلميءَ لاءِ لکج."

هُو ڪاليج مسلميءَ جي سنڌي ورياڱ جو ايڊيٽر چونڊيو ويو هو.

رتن رسالي ۾ پڙهي چڪو هوس. نؤجوان شاعرن ۾ پرڪ شاعر مڃڻ لڳو هو، ڪاليج ۾ پهچندي ئي.

ٻالاڻي (هوءَ اڄڪلهه رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ ميڊيڪل آفيسر آهي ۽ ڀڳونتيءَ جي ڀاءُ ايشورءَ سان لڳولڳ رهندو آهي. هن جو سچتر پرڪاش ڀڳونتيءَ جو ڊاڪٽر ٿي رهيو، ذري گهٽ انت گهڙيءَ ٽائين. انت گهڙيءَ جو سينٽر ٻالاڻي هن جو ڊاڪٽر هو، پرڪاش جي غير حاضريءَ ۾.) ايف. واء. سيءَ جو شاگرد هو. هوءَ ڪتابي ڪيڙو هو ۽ ڪنهن سان رلندو ملندو نه هو. مون هن سان پهريون دفعو ڳالهايو ۽ شيام جي ائڊريس پڇي. هوءَ ڪا دير ته خاموش رهيو، ڄڻ مون هن کان هن جي جيوت جوڙي ۾ وڏو راز پڇيو هو! پوءِ گويا ڪنڌ نه ڪيائيندي اها مونکي ڏنائين. مون شيام کي وزن ۽ بحر سمجهائڻ لاءِ لکيو. هن جواب ۾ لکيو: اهو خط ۾ سمجهائڻ ۽ خط معرفت سمجهڻ ڏکيو آهي. ڪڏهن ملياسين ته مان پنهنجي جاڻ انوسار اهو توکي ضرور سمجهائيندس.

طاعر جي رڪائيءَ جي ڪري مون وري ڪڏهن هنکي وزن بحر سمجهائڻ لاءِ نه چيو.

شڪارپور ڪاليج ۾ شروع ٿيل هڪ واقفيت اڄ تائين سلامت آهي. پرنسپال اين. ڊي. گربخشاڻيءَ جو وڏو پٽ گوپال منهنجو هم ڪلاسي هو ۽ جڏهن مان ريگيولر شاگرد جي طور نت نيم سان ڪاليج جا سڀ پيرئڊ ڪلاس ۾ وهڻ لڳس تڏهن گوپال ۽ مان هڪ ئي بينچ تي ويهندا هئاسين. قوميت ۽ آدرشواد ۾ ٻئي هم خيالي هئاسين ۽ هڪ ٻئي لاءِ عزت ۽ سنيهه جو دلين اندر جاڳيو، اهو اڄ به قائم آهي، جيتوڻيڪ هڪ ٻئي سان ملڻ اتفاق سان ٿيندو آهي. ۽ ويچارن ڪاريه ۾ به انتر اچي چڪو آهي. سچو ڌرم شڪارپور ۾ رهندي گهرائـپ هڪ ئي پروفيسر

ڪاليج طرفان قومي اڳواڻن جا ڏينهن ڇڱي امنگ ۽ اتساهه سان ملهايا ويندا هئا. لوڪ مانيه تلڪ جي ورسي به شردا سان ملهائي ويئي. هن جي يوگدان تي پروفيسرن ۽ شاگردن ڳالهايو. مون هڪ شعر پڙهيو، لوڪ مانيه جي مهانتا تي. اُن شعر تي هال ۾ تاڙيون به وڳيون ۽ مونکي انعام به مليو. مان فخر کان ڦوليو نه پيو سمايان. جلسو پورو ٿيو ته طائر پاڻ کان پاڻهي مون وٽ آيو ۽ چيائين، "تنهنجي عمر آهر تو وٽ ويچارن جو ڀنڊار آهي، مگر وزن بحر جي کسائيءَ ڪري اهو شعر مونکي راس نه آيو."
هُو جئن ئي آيو تئن ئي هليو ويو.

وزن ۽ بحر!

سچ ئي. به شاعري (تڪبندي!) ڪندو هو، چيومانس، "وزن ۽ بحر سيکاريندين مونکي؟" هُو جلسي ۾ شريڪ نه ٿيو هو. چيائين، "جي طائر توکي مهاڄار ۾ ڦاسائي ٿو ۽ تون ڦاسڻ ٿو چاهين ته اهو تون ڄاڻ. تنهنجا ويچار نوان آهن، تنهنجي ڪلپنا زور آهي ۽ تنهنجا اُتما توکان ڪجهه لکائڻ ٿا نثر ۾ يا شعر ۾، اهو ساهتيه آهي. ڪو زمانو ايندو شاعر وزن ۽ بحر جي قيد کان آزاد هوندا..."

مان پوءِ به وزن ۽ بحر جي چڪر ۾ رهيس.

ٻئي ڏينهن هڪ اتفاق ٿيو.

مان ڪاليج لائبريءَ جي پٽ ۾ ٽنگيل رئڪ ۾ پنهنجي ٽپال ڳولهي رهيو هوس جو هڪ ننڍڙو ڪنب ۾ گلاب جي گل وارو لفافو (ذري گهٽ اهڙو جو سرلا موڪليو هو، مونکي) رئڪ ۾ ٽنگيل ڏٺم. هرگوبند پالاڻيءَ ڏانهن لکيل هو ۽ لکندڙ جو نالو ڪاپيءَ ڪنب ۾ لکيل هو - نارائڻ شيام!

نارائڻ ناگواڻي "شيام" جي نالي کان اول ئي واقف ٿي چڪو هوس. هن جا شعر نواب شاهه جي ولس هاءِ سڪول ۽

۾ موٽي آيس.

اِهو منهنجي زندگيءَ ۾ شاديءَ جو پهريون نيهن پتر هو.
ن ۾ ننڍڙو خط ٻه هو ۽ اِن خط جي ڪري ئي نيهن پتر ڪوئنڙر
سان بند ڪيو ويو هو.

دل جي وڌندڙ ڌڙڪڻ سان مون خط پڙهڻ شروع ڪيو. اُن
جو مضمون اکر ٻه اکر اڄ ٻه ياد اٿم:

پرديسي پريتم،

اَڄ ٻه مان توکي پريتم مڃي رهي آهيان، پويون دفعو ائين
سڏي رهي آهيان. هن ڪان پوءِ ڪنهن ٻئي کي ائين سڏڻ ۽
ڃڻ لاءِ ڪوشش ڪندس. بلڪل دل سان ڪوشش ڪنديس،
ارت جي نينگري آهيان ۽ مائٽن جي عزت جو ٻه اونو اٿم.

تون ضرور روز وار لساڙڻ لاءِ آرسي ڏسندو هوندين. مان
سمجهان ٿي ته اُها تنهنجي شڪل بابت ضرور سچ سليندي
هوندي. مون تنهنجي دل ۾ ليئو پاتو ۽ اُن ۾ ڪجهه هرڪائيندڙ
اتو ۽ ڳڏ اهو ٻه سچ آهي ته منهنجي جواني ديواني ٿي. مون
لائي ڪيئن سمجهيو، تون مان سنا جيون ساٿي ٿي سگهنداسين.
سمت کي ڪجهه ٻيو منظور هو ۽ اُهو ئي ٿي رهيو آهي. مان
وکي ڪنهن ٻه قسم جو ڏوهه نٿي ڏيان.

شاديءَ ٿي اڄ، رو برو آسپس ڪڄ ته يارڻي ناري ٿيان،
ت ورت رهان.

اڄ ضرور.

تو رن ڏينهن ۾ پرائي ٿيڻ واري

سرلا

مون خط ٻه ٻيرا وڌيڪ پڙهيو. پگهر مڙي آيو نرڙ تي. مون
ه طلب محسوس ڪري ورتو، مون ۾ سرلا سان مڃان مڃهن
ڻ جي همت نه هئي. مان اُن ئي رات ڳوٺ لاءِ ڪونيٽا

سان ٿي، پوڄراج هولچند ناگراڻيءَ سان، سا به پروفيسر ۽ شاگرد جي حيثيت ۾ نه، هوميوپيٿيءَ جي ڪري. هوءَ شڪارپور جو ڄاتل سڃاتل هوميوپيٿ هو ۽ بالچنداڻي هوميوپيٿي علاج ۾ وشواس رکندڙ هو. هن سان گڏ ۽ هن جي تڪليف وٺي وڃڻ ٿي هن جي پاران پروفيسر ناگراڻيءَ وٽ ويندو رهندو هوس. سڪولي جيون ۾ ماستر هوندراج جو چاهه هوميوپيٿيءَ ۾ جاڳايو، ناگراڻي صاحب ان ۾ اضافو آندو. پوءِ به هن جي ۽ منهنجي وچ ۾ حجاب جو پردو سلامت رهيو.

طاهر جي منت جي صلاح بعد مون شاعريءَ کان، گهٽ ۾ گهٽ شعرن کي ڇپائڻ کان ڪنارو ڪيو هو؛ باقي نثري نظم ۽ ليکه لکندو رهيس جي "سنڌو" ۾، ڪراچيءَ جي "هندو"، "سنسار سماچار" ۽ "چوڏس" ۾ ڇپبا رهيا......

ٽرم پورو ٿيڻ تي هو ۽ مان گهر وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳس؛ درحقيقت هاسٽل جا سڀ ساٿي گهر جو ٿي سوچڻ ۽ گهر وارن بابت ٿي ڳالهائڻ لڳا هئاسين. هڪ سي. ٽي. ٿي هو جو هميشه جيان پن ٽرمن جي وچ وارو وئڪيشن هاسٽل ۾ ٿي رهڻ وارو ۽ هوٽلن ۾ کائڻ وارو هو. هن کي ڳوٺ وڃڻ جو نه ارادو هو ۽ نه اتساهه. هونءَ به هو هميشه نراتساهه لڳندو هو.

ڳوٺ لاءِ اسهڻ ۾ هفتو پيو هو جو رتن ڪاليج ۾ اچڻ شرط هڪ وڏو چوُرس لفافو مون کي ڏنو. مون پوسٽڪارڊ جيوتيءَ ۽ چندر-ڪانتا جا هڙيئي پاڙا پورا ڪيا هئا، ان وچ ۾ رتن ۽ منهنجي گهرائپ به، ڏيري ڏينهنجي وڌي هئي. هن لفافو هٿ ۾ ٿمائي چيو، "سرلا جي شادي آهي، چار ڏينهن پوءِ. تيستائين نه تون ضرور هتي هوندين."

منهنجي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي هئي، مان هن کان لفافو وٺي چڪو هوس. هن جو چيو پڌو اڻ پڌو ڪري مان هاسٽل

۾ دير نه لڳم، چار مهنا گهر کان ٻاهر رهيو هوس. هن گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن مونکي گهر اندر صرف پنهنجن وچ ۾ رهڻ جي خواهش ٿي ڪئي. علي اڪبر لڙيءَ منجهند جو ٿي مونکي شاه جي اوطاق تي وٺي ويو. پنجين ٻجي تائين يارن دوستن جو سمورو ڪٽڪ اچي شاه جي اوطاق ۾ سهڙيو. ڪي سڌو آيا هئا، ڪي منهنجي گهران ڦرندا آيا هئا ۽ ڪي ريلوءَ جي دوڪان تان پڇائيندا آيا هئا. شاه جي اوطاق سامهون اوسٽي رجب ڪڪڙيون پاليون هيون. شام جو ڇهين ٻجي کان اسين هئاسين، اسانجون ڳالهيون هيون ۽ اوٻاريل ايندا هئا. اهو روز-مره جو نيم بڻجي پيو.

منهنجا ننڍپڻ جا ساٿي - ڏيرو، هيمون ۽ ڏدو ان محفل ۾ ڪڏهن شامل نه ٿيا. ڏيروءَ پنهنجي گهر جي آڳنڌ ۾ دوڪان جوڙيو هو، هن جي زندگي گهر ۽ دوڪان تائين محدود هئي؛ هڪ ڇوڪرو رکيو هئائين جو گهر ۽ دوڪان ۾ ڪم ڪار ڪرڻ کانپوءِ بزار مارڪيٽ وڃي خريداري نه ڪندو هو. خريداري گهڻو تڻو اڳي جيان هنجي ماءُ ڪندي هئي. ڏيروُ مهني ڏينهن ۾ مون وٽ نه آيو. ٽي گهمرا مان هنجي گهر ويس. ڏيروءَ، ماءُ ۽ گنگا منهنجي خاطرداري ڪئي، ٽيئي دفعا! سڪ ۽ مهمانوازيءَ سان ٻئي ڇڏيائون مونکي، پوءِ به زوريءَ رات جي ماني کارايائون. گنگا ٽيئي دفعا اچڻ ۽ موڪلائڻ تي پيرن پوندي هئي.

پڇاڙيءَ واري وقت چيائين، "ڏيرم، آسيس ڪندا رهجو."

ڏيرم، هاڻي مونکي منهنجي سڳي ڀاڀي چوڻ لڳي هئي. منهنجي زبان مان بي اختيار نڪري ويو، "خوش هجين شال!" ۽ مان ڦريو پيرو ڏيروءَ ماءُ ڏي پيرين پيس، چيائين، "ٻلي، ٻار نه چاڙهه مون تي. تنهنجا اڳ ئي مون تي ٿورا آهن......"

ميل ۾ چڙهي پيس. بالڪنڊائيءَ کي ڇڏي، ”صبوح کان منهن
ڪاٻي اک ٿي ڦري، شل خدا خير ڪري ......“ هو چڱو م
اپائي ٻي رات جو موٽي ڪوئيٽا ميل ۾ سمهيلن مسا
وچ ۾ ٿائيندو ڪري آيو.

ياچوڳڙ!

مون هر هر سرلا کي پنهنجي سامهون ايندو ڏٺو ۽ هوءَ
بار چئي رهي هئي ياچوڳڙ، زندگيءَ جي ڪوڙين حقيقتن
ڪترائيندڙ ياچوڳڙ.

اُنهن ڏينهن ۾ سندر ساهتيه جو ناول نڪتو هو، ”آگ
جي پانهي“ ۽ زليخا جي ان قصي نه معلوم گهڻين نوج
دلين ۾ پيار ڪي اُجاگر ڪيو هو ۽ ڪين پيار جو پاٺ پڙهايو ه
سرلا سڀ ناول پڙهندڙ هئي، هن جو من ۽ هن جا خط آگ
جي پانهيءَ کان متاثر لڳم، پوءِ به مون هن سان نه ملي،
ڏينهن ٿائين پاڻ کي ياچوڳڙ ٿي نه، ڪنهن حد ٿائين گنهگار
سمجهيو آهي.

۽ اَج اها حقيقت سمجهڻ ۾ به عار نٿو ٿئيم ته ڪڏهن ڪڏ
حالتن کي سڌو منهن نه ڏيئي، اُنهن کان ڪترائي ويندو آه
۽ ڪڏهن اهو موشو ڪري وجهڻ معاملي کي سلجهائڻ عيو
منجهائيندو آهي، خير ...... سرلا جي حالت ۾ ڪو وڌي
مونجهارو پيدا نه ٿيو، ڳوٺ پهچندي ان راءِ تي پهتس، ه
ڪري چڱو ٿي ٿيو.

سٽيشن تي، اوچتو بنا اطلاع جي لٿو هوس، ڪير ڪ
هو پنهنجو. گهر پهتس ته ڪلاڪ اندر اڪبر علي اچي سهڙ
هوُ سڄو وقت وٽو رهيو؛ منجهند جي ماني به گڏجي کاڌيس
منهنجي اوطاق ۾. مون بابا، امان ۽ پاپيءَ کي پهريون د
علي اڪبر کان خفي ٿيندو محسوس ڪيو ۽ ان جو سبب ج

شادي ڪرڻ کپي يا ڇوهڙ ٻاجيءَ جي ڏيئي ڏر وٺڻيءَ سان.
ڇوهڙ بلڪل راضي آهي ۽ ان کي ڪو اعتراض ڪونهي. سوال
منهنجي همت جو آهي."

هن لاءِ اهو سوال نه هو ته سياءُ ڪنهنجو بهتر هو ۽ ڪنهن هن سان وڌيڪ محبت ٿي ڪئي. پوءِ به ڇوهڙ جي راضپي ۽ ان کي اعتراض نه هجڻ ۾ اُن ڇوڪر جو هڪ اشارو هو. مون به ٿه پهه چيو، "ڏٺو پئي ڪنهن مسلمان ماڇياڻيءَ سان هنجي گهر وڃي عشق ڪري، مگر هو نه ماڇياڻيءَ کي گهر اندر سرپت ڪري رکي وهڻ جو ست سارپندو ۽ نه حاجران کي ٽنهن قبوليندو پئي حاجران ڏر وٺڻيءَ کان وڌيڪ سهڻي به هجي ۽ سلڇڻي به. ٽنهن سواءِ ڏٺوءِ تون هڪ فني پٽ جي ٻئي پاسي منهنجي پيءُ جي اعتراض کان لاپرواهي ڪيئن ڪندا؟" هيمونءَ پنهي هٿن سان پنهي ڳلن تي چماٽون هنيون ۽ چيو، "مونکي اهو خيال گهڻو اڳ اچڻ کپندو هو. اجايو ٽنهنجو وقت وڃايم" هوُ هليو ويو. هن جي پهرين شادي ٿي ڏام ڏوم سان نه ٿي هئي، پين اچا به سادي نموني ٿي. مان اُن وقت ڳوٺ ۾ نه هوس. مهراج شنڪر کي اها شادي ڪرائڻ لاءِ چئي ويو هوس.

۽ گدو؟ هوُ پولي وٽ پڪي نوڪري حاصل ڪري چڪو هو. پولو به دوڪان، کير ڪاڙهڻ، ماوُ ٺاهڻ، پيڙا ٺڏڻ ۽ پيڙا وڪڻڻ اُجو سڄو ٻار گدوءَ جي حوالي ڪري مڪمل ريت ڳوٺ جي پربنڌ ۾ ٻڌجي ويو هو. سئينٽري ڪاميٽي خارج ٿي هئي. ڳوٺ ۾ نوٽيفائيڊ ايريا ڪاميٽي اچڻي هئي؛ هندن کي چار جڳهيون ۽ مسلمانن کي هڪ، ۽ اها عارف شاه لاءِ محفوظ هئي؛ اُسان واري وارڊ ۾ طبيب سيندداس جو اُهي روزگار يا نوڪريءَ کان موقوف ٿيل پست ميٺارام ۽ پولو چڪري کائڻ جو اعلان ڪري چڪا هئا؛ ڇونڊن جي تاريخ جي پڌرائي اچا ٿيڻي

مون هن جو ساڄو هٿ پڪڙي، پنهنجيءَ جهڪيل پٺيءَ تي رکيو.

هيمون گهر جو ننڍي ۾ ننڍو ڀاتي هوندي، گهر جو وڏو ٻچڙي پيو هو. ٻڌو عاشق جيئڙو، عشق ۽ ٻڌوپڻي ۾ ٻوڙو هو، نارو بيروزگار، ميٽرڪ پاس ڪري به نوڪريءَ لاءِ مٿا مونا هڻي رهيو هو. هيمونءَ ماءُ اوچتو ٻيڙي تي پيا ٻيڙي نظر اچڻ لڳي هئي ۽ ناروءَ زال ٻن ٻارن جي سنڀال ۽ گهر جي ڪم ڪار ۾ ٻوڙي هئي. هيمون وڪيشن ۾ ٻه دفعا مون وٽ آيو - هڪ پيرو، مان اڪيلو شاهه جي اوطاق ڏانهن وڃي رهيو هوس ۽ هو پنهنجي طبيلي مان ٻاهر نڪري رهيو هو. هيمون مون ڏانهن وڌي آيو، سر جهڪائي چيائين، ”سوٽ، مار، ايترو مار جو رت وهي نڪري.“ مون ڪلهي چيو، ”ڪهڙو گناهه ڪيو اٿئي؟“ هن مونکي ڀاڪر ۾ ڀڪوڙي روئي ڏنو ۽ چيو، ”منهنجو پاءُ ڪان وڏيڪ سوٽ ڇهن مهنن بعد ملي ۽ مان هن سان گڏجڻ نه وڃان.“ اڃا به مونکي وڌيڪ ڀاڪر ۾ ڀڪوڙي اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. منهنجون اکيون به آليون ٿي ويون هيون. اوچتو، مون ڀاڪر ڍرو ٿيندو ڏٺو. پوءِ هن جو آواز آيو، ”اُتان ميهان دا ڪيها ميلا“. هو مونکي ڇڏي ٽڪڙو ٽڪڙو پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو. منهنجي دل دانهن ڪئي، ”سوٽ، مان نه شاهوڪار - غريب جي سنڌي ڪان مٿي رهيو آهيان......“ وري ڏهن پندرهن بعد، اها پڪي ڪري نه ٻابو گهر ۾ نه هو، هيمون لڙيءَ منجهند جو مون وٽ آيو. اچڻ شرط چيائين، ”سوٽ، مان ڪيترو نه ڪٺي توکان ٻري پڇان، پر جي تون اڄ آهين نه مان ننهنجي پڇڻ ڏاران ڪو وڏو فيصلو ڀاڻ اڪيلي سر ڪرڻ وارو نه آهيان. منهنجي شاديءَ جو فيصلو وڏو نه چئبو؟ مونکي اُلڻ ماڇيءَ جي ڇاڄران سان شادي

گهر ۾ ڪما ته نه گهڙندين، بيڪار دوستن سان رلي چيل گهمندين؛ ڀٽڙ آهي، وقت سڪيارڻو ڪر. هن عينڪ سرڪائي نرڙ سان لڳائي ۽ ميز تي رکيل مستطيل شيشي ڏانهن ڏٺو. پوءِ منهن مٿي ڪري، عينڪ ٺيڪ ڪري چيائين، ”خانچند هجي ها ته هن وقت پنجين (هاڻوڪي نائين) کي سنڌي پڙهائيندو هجي ها،“ هن ڪاري ڏاڳي ۾ ٻڌل واچ پنهنجي ڪوٽ جي اندرئين کيسي مان ڪڍي، عينڪ مٿي سرڪائي وقت ڏٺو ۽ چيو، ”پيرڊ پورو ٿيڻ تي آهي“ هن وري هيٺ شيشي طرف نهاريو ۽ چيو، ”هنجو ٻيون پيرڊ چوٿين ۾ هوندو، جاگرافيءَ جو. اهو وڃي وٺج. مون ڪالهه ئي ڇوڪرن اڳيان ظاهر ڪيو آهي ته خانچند جا پيرڊ تون وٺندين......“

پيرڊ جو گهنڊ لڳو. هو عينڪ ٺيڪ ڪري اٿيو، واچ اڳي ئي اندرئين کيسي ۾ وجهي ڇڏي هئائين. چيائين، ”هل، مان ته توکي ڪلاس ۾ ڇڏي اچان.“

منهنجي دل زور سان ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي هئي؛ ذري گهٽ سڀ شاگرد منهنجا چڱيءَ ريت واقف هئا، پهرئين پيرڊ ۾ ئي جلد ئي پنهنجي نروس نيس کي ظاهران ظهور خيراباد چئي ڇڏي.

سچ پچ مسٽر لوڪومل منهنجي رلڻ چيل گهمڻ تي روڪ وجهي ڇڏي. سڪول ۾ سياري جو وقت هو يعني صبوح جو يارنهين کان ڏيڍ ۽ وري اڍائي کان پنج - سڄو ڏينهن سڪول ۾ ئي هليو ويندو هو. ٻين ماسترن کي هڪ به فري پيرڊ ملندا هئا، مونکي گهٽ ڪري ماستر خانچند جا فري پيرڊ به ڪڏهن ٻئي ماستر نه ته به هيڊ ماستر جي پيرڊن وٺڻ ۾ خرچڻا پوندا هئا. هڪ ڪري چڱوڻي ٿيو. نڍپڻ جا ساٿي پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڪرت ۾ مشغول هئا، هڪ علي اڪبر ئي واندو مل هو. هن

هئي...... ان وچ گدوءَ جي دنيا گهر ۽ دڪان وچ محدود ٿي ويئي هئي. پوءِ به مان جڏهن ڪڏهن پولي جي دوڪان تي وڃي ڪي گهڙيون گدوءَ سان گهاري ايندو هوس.

خود منهنجي گوٺ ۾ زندگيءَ تي هڪ وڏي پابندي پهرئين ڏينهن نه، ته ٻئين ڏينهن کان پئجي ويئي. گوٺ پهچڻ جي پهرئين ڏينهن شاهه جي اوطاق مان گهر پهتس ته پاپيءَ ٻڌايو ڏنو، ”وڏي ماستر جو نياپو هو.“ مان وڏي نديي ماستر وچ من ئي من ۾ ڏڪو هڻي رهيو هوس جو امان (ڏاڏيءَ) چيو، ”لوڪوءَ ماڻهو موڪليو هو، سڀان سڪول ۾ وڃج“.

ڏري گهٽ پنجاهه سالن جو مسٽر لوڪومل، ڏاڏيءَ لاءِ اڃا لوڪو هو. بابي جيڏو هو ۽ بابا سان زمين ۾ ڀائيوار هو، شايد ان ڪري.

مان ٻئي ڏينهن مسٽر لوڪومل جي آفيس ۾ وڃي پهتس، سڪول جو اڃا پهريون پيرئڊ هلي رهيو هو. مان اڳ پهرين ته صرف هن جي ٽالي پڇڻ تي ئي لڇندو هوس، پوءِ هن سان ڪن ٽئين تي وڃڻ ڪري ٻاهران ته ٽپ لهي ويو، پوءِ به دل جي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ پڻ سلامت هو ۽ هيءَ پهريون دفعو هو جو ٻي ڏڙڪ هن جي اڳيان اچي بيٺو هوس. ”ٻي ڏڙڪ“ ٻاهران چوڻ کپي، منهنجي من ۾ نروسنيس جا گهر ڪري چڪي هئي، نندپڻ کان، اها جڳهن جو تڪن سلامت هئي.

مسٽر لوڪومل چيو، ”اچ، ويهه.“

مان هن کي پيرن پئي، بيٺو رهيس.

هن چيو، ”هاڻ ته تون منهنجو شاگرد نه آهين جو پيرن ٿو پوين. خير، مريادا چڱي ونٿ آهي. مان ته توکي همڪار ٿو ٻڌايان. ماستر کانچند بيمار آهي، موڪل تي آهي. مان تو چاهيان ٿو هنجي بيماريءَ ڪري شاگردن کي هاڃي رسي. تون

غريبن ۽ هارين جا حق ماريندا هئا. ماڻهو وڌندا ويا ۽ سڄي بازار ٽهڪن سان گونجي اٿي. مون عارف شاهه کي به اڄ نوري طوفان مٿس اُڻ سڌيءَ مسخريءَ تي ٽهڪن مٿان ٽهڪ ڏيندو ڏٺو هو. وچ وچ ۾ نورو ڏاڍين مٿان ڳارين جو وسڪارو به ڪندو هو ....

نورو مسخري پوري ڪري، مسخريءَ جي دؤران ۾ سندس پٺ تي وڇايل پوتڙي ۾ اُڇلايل پيسا ميڙي سڌو چندر وٽ آيو. چندر به بي اختيار چيو، "نورا، گرامافون آرٽسٽ بڻايانءِ؟" چندر وارن انگريزيءَ ۾ نڪتل لفظ جو مطلب نورو سمجهي ويو! چيائين، "اندو گهري الله کان هڪ اکر ..." مون وچ تي پڇڪ ڇڏيو، "پر رڪارڊن ۾ ڪهڙيون ڳاريون ڪيئن لڳنديون؟" چندر چيو، "ڳاريون! نورا تون بيون ڳاريون ڏج." حاضرين ۾ اچي ٽهڪڙو پئجي ويو.

ٻن ٽن مهينن ۾ نورو مسخرو گرامافون ڪلاڪار بڻجي پيو. نورو نمازيءَ جي نالي سان.

نمازي!

هائو، پڪ نه هو ڏينهن ۾ پنج پيرا نماز پڙهندو هو، پر هو ڪٿي به هجي ۽ رڪارڊن ۾ ڳاريون گهر هيون، پوءِ به وڏ وڏيرا اُهي پڌي ڪلندا هئا - نوريءَ جي مسخريءَ تي يا ڳاڻ تي!

ڏاڏيءَ، دادن ڏاڏهن ڏهاڙيءَ جو ڏڻ ڪٽي وڃڻ لاءِ مونکي چيو. مان بي حد گدگد. ماستر لوڪرمل کان ڇٽي پنجن ڏينهن جي موڪل وٺي آيس.

مون هالاڻيءَ وڃي ڏٺو، مامي، اوچيرام جي ٻن موتين وچ ۾ لعل (ٻن پائرن وچ ۾ پيرڻ) جي چمڪ جهڪي ٿي ويئي هئي. هوءَ ڪافي لهڪارڻ پئي لڳي. مٿان، اڪيلائيءَ ۾، هن جي ڪمري ۾ هوءَ روئي ويٺي. مونکي ياد اچي ويئي زندگيءَ

سان سڄو ڏينهن گھاريندي، ساڳيون ساڳيون ڳالهيون ڪندي ٻور تي وڃان ها. ليلي سان رهاڻ ڪرڻ جون سڪول ۾ نئي روز ڪي نه ڪي گھڙيون ملي وينديون هيون ۽ سڪول ويندا ٻه گڏ هئاسين ۽ موٽندا به گڏ هئاسين. اوت موت ور ڪري مان هنکي مائٽن وٽان سڏيندو ۽ هنن وٽ ڇڏيندو هوس.

هاڻ، شام جو شاهه جي اوطاق تي هرروز علي اڪبر ۽ ٻين نڪمن سان تماچوڙي ضرور لڳندي هئي ۽ رجب جي ڪڪڙين جي اوٻاريل ٻيدن کي به روز ٻرو ڏيو هو.

موڪل جي ڏينهن يا شام جو شاهه جي اوطاق ۾ وڃڻ کان اڳ، والوءَ جي دڪان تي هز ماسترس وائس ۽ ٽون جا ڪچا رڪارڊ، ضرور ٻڌندو هوس. ان سلسلي ۾ والوءَ هڪ پيٽي به چالو ڪئي هئي. هنجي دوڪان پرسان اوڻ حلوائيءَ جو دوڪان هو، هر شام هو تازو خلوو ناهيندو هو يا مانهه جا لڏون ناهيندو هو يا ميسو تيار ڪندو هو. والوءَ جي چوڻ تي منهنجي دوڪان تي چڙهڻ شرط تازي تيار ٿيل مٺائيءَ جا ٻه پڙا والوءَ جي دوڪان تي پهچي ويندا هئا، گويا اوڻ اسانکي اها چکائي ڇڏيندو هو ڪيئن ٿي آهي؟

ماستر چندر، جي ڳوٺ ۾ هوندو هو ته شام جو ڪلاڪ ڏيڍ والوءَ جي دوڪان تي اچي ويهندو هو. پوءِ ته ڇگو ميلو مچي ويندو هو، دوڪان تي ۽ اردگرد.

موڪل جو ڏينهن هو، مان لڙيءَ منجهند جو والوءَ جي دوڪان تي ويٺو هوس جو ماستر چندر به اچي سهڙيو. ڦيرومل سوناري جي دوڪان جي ٿلهي تي هڪ ٻئي پٺيان ماڻهو وٺهي وڃڻ لڳا. ايتري ۾ نورو مسخرو اچي ويو ۽ اچڻ شرط وچ بزار ۾ مسخري شروع ڪيائين. هن جي مسخريءَ جو مرڪز وڏيرا ۽ زميندار هوندا هئا جي حرام جي هڏيءَ تي ٽڪندا هئا ۽

جهڙي ڏڳ مڙس کي ٻه ٽُڪر شڪارو پيدلو ڏٺو. هن کان گهٽيل آواز ۾ نڪري ويو، "مالڪ، ٻچڙيءَ تي مهر ڪجانءِ."

مان دادن کي ڏيارڻ جو ڏڻ نه ڏئي آيس پر اُن سال سنڌ ۾ ڏيارڻ نه ملهائي وئي.

مان ٢٥ آڪٽوبر ١٩٣٩ع دادن وٽ ويو هوس، ٢٩ آڪٽوبر ڳوٺ موٽيو هوس ۽ ٣١ آڪٽوبر ساريءَ سنڌ ۾ روڄ مچي وئي، رڪ سٽيشن تي سنڌڙيءَ جي سنت درويش ڀڳت ڪنوررام کي گوليءَ هڻي شهيد ڪيو ويو!!

مان شڪارپور خواهه ڳوٺ ۾ اجاين سجاين مشغولين جي وڪڙ ۾ رهندي به سنڌ، هند ۽ دنيا جي سماءَ کان بي خبر نه رهيو هوس. انٽرنئشنل سطح تي شطرنج راند کيڏيندي کيڏيندي هٽلر ٽين سيپٽمبر ۾ ٻين مهاڀاري جنگ شروع ئي ڪري ڇڏي هئي. ڀارت ۾ ڪانگريس اِن حقيقت تي ناراض هئي جو انگلنڊ پاڻ سان گڏ ڀارت کي به جنگ ۾ گهسيٽيو هو. جواهرلال نهرو فاسزم جي خلاف هو ۽ هن مسوليني، فرئنڪو ۽ هٽلر جي کلم کلا مخالفت ڪئي هئي ۽ جمهوريت جي حمايت. پوءِ به هو ڀارت جي پڇڻ ڌاران اُن کي جنگ ۾ شامل ڪرڻ جي حق ۾ نه هو. سنڌ اسيمبليءَ جي وجود ۾ اچڻ بعد مسلمان ووٽن کي خوش ڪرڻ لاءِ مسلمان پارٽيون هندن خلاف ڳالهائڻ ۽ مسلمانن جي فائدي ۾ بل بحال ڪرڻ لڳيون هيون. جي. ايم. سيد جو عمر ڀر صوفي رهيو هو، سو به مسلمان پارٽين جي حالت سڌارڻ سانگي اُهي ٻول ٻولڻ لڳو جي هو رواجي طرح هوند نه چوي ها. اسيمبليءَ هڪ ٺهراءُ بحال ڪيو: ڪو به مسلمان پنهنجي زمين ڪنهن هندوءَ کي وڪڻي نٿو سگهي. جي. ايم. سيد مسلمانن کي هڪ نئون نعرو ڏنو، "باءِ فرام مسلمس". جيڪي خريد ڪرڻو اٿو، مسلمانن کان خريد

جي ٻهرين سانپر. سڀئي ماءُ سڌارجي چڪي هئي. مان ۽ پاڻو
ذرا ذرا روئــي رهيا هئاسين. ڏاڏي دادن اسان کي پرچائي
رهي هئي! ۽ هن جنهن سچي عمر مونکي آئٿ ڏنو هو، ڏيڻ
لاءِ پاڏائي رهي هئي!

منهنجي پيٽوئي جا هن سان ڏڙ سنوان نه هئا، مگٽي کان وٺي؛ پرٽئي به هن پٺيءَ جو سک نه ڏٺو. پٺيءَ جــي دکي، ساهرن ۾ به أذاري!

دادن کي اوڇنگارون ڏيندو ڏسي، مونکي به روئڻ اچي ويو. هن الائي ڪيئن، پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکيو، روئڻ بند ڪري مونسان گلي ملي. کلڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين، ”گهڻي وقت کان پوءِ مليو آهين نه، ان ڪري اکين ۾ آنسو ن اچي ويا، خوشيءَ جا...“

هوءَ مونکي پٽائي ويئي، جڏهن ڏينهن ۾ هوءَ بيحد خوش رهي، منهنجي هوندي هن جا ساهرا، هن سان سٺا هليا. خود منهنجو پيٽو يو به گويا هن مٿان گول گول وڃڻ لڳو. پوءِ به مونکي ائين لڳو، ڄڻ ته جو ڪو گهٽو هن کي اندر ئي اندر کائيندو ئي رهيو.

مان هن وٽان موڪلائي واپس اچڻ لڳس ته ڳڙانڙي پائي چيائين، ”پڌو اٿم، اڄڪلهه بابا ۽ تون هڪ ٻئي سان چڱيءَ طرح هلندا آهيو، تمام سٺي ڳالهه آهي، اِها.“ پوءِ اچا به گنڀير ٿي چيائين، ”بابا، امان، پاپيءَ ۽ پاڻوءَ کي نه پڌائجه. ته ڪو مان رني هيس.“

وري هن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو، وري هوءَ آنسون پي ويئي.

مون ڏاڏيءَ سان دادن جي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ جــي ڳالهه ڪئي ئي. هــن وري بابا ســان ڳالهه ڪئي. مون بابا

جي پيدن کي پرو ڏيڻ جو نتيجو هو اهو.

ٻاٻا، سکر ۾ منزل گاهه فساد ٿيڻ ۽ ڪنور رام جي شهيد ٿيڻ ڪري اُن سنڌ ۾ هڪ قسم جي لڏا جيءَ قائم ٿيڻ ڪري اڳ- اِي فيصلو ڪيو هو ته مان ٻيون ٽرم ڪراچيءَ پڙهان. شڪارپور موڪلڻ جو هڪ سبب هو، في معاف ٿيڻ، ۽ مون اُن لاءِ درخواست به ڪانه ڪئي هئي! آفي باقي جو ٻيون ٽرم شروع ٿي ويو ته هن ڪراچي ڪاليج ۾ داخلا ۽ اُتي رهائش جي بندوبست لاءِ منهنجي سالي پروفيسر ٻلواڻيءَ کي لکي ڇڏيو.

۽ جڏهن ته ٻيون ٽرم هو، ميٺارام هاسٽل ۽ شيوا ڪنج ٻئي ڀريل هئا، پروفيسر ٻلواڻيءَ منهنجي رهڻ جو بندوبست دولت آهوجا سان ڪيو. دولت هن جي سرڳواسي سهري جو ڀائيٽو هو، ڊاڪٽر ٽهلرام جو پٽ هو ۽ منهنجو ڪنهن وقت جو پاڙيسري هو. مون کان هڪ درجو مٿي پڙهندو هو.

غريب ڙال مڙس هئا، ڪرڙو ٻ عمر جا، ڏهين ٻارهين سالين جو پٽ هون. آرٽلري ميدان تي روڊ نمبر ٻهرٿين ۽ ٻڌجين جي جنڪشن وٽ جڳهه هئن، ٽن رومن واري. سنڌن هئي يا مسواڙي، هڪ ۾ هو ٽي رهندا هئا، ٻه مسواڙ تي ڏنيون هئائون. هڪ ۾ انٽر سائنس پڙهندڙ ٻلواڻي رهندو هو، ٻيءَ ۾ دولت. اُن ۾ هاڻ مان به رهڻ لڳس. ٻئين ٽرم جا ٽي مهنا مون دولت ۽ ٻلواڻيءَ جي سنگت ۾ گهاريا - دولت کي ڪاليجي ڪتابن سان انگريزي ناولن پڙهڻ جو بيحد شونق هو. ٻڌس سمجهايو هوس، انهن پڙهڻ سان انگريزي ٻوليءَ ۾ پريڪٽا ملندءِ. مون انگريزي ناولن پڙهڻ جي چوش هن مان پرائي. ٻلواڻي ڳالهيئر هو ۽ دليل بازيءَ ۾ ماهر. مان سمجهان ٿو، هن جي صحبت مان به مون ٿورو گهڻو پرايو.

اسانجي ته ٻاري سلامت رهي. رونق زندگي. ڪاليج ويڃ

ڪيو. محمد ايوب کھڙي چيو، ”مونکي اُن ڏينھن جو انتظا
آهي جڏهن ڏينھن هندو استريون، مسلمان عورتن جيان مٿي تي
لسيءَ جي چاڏي ۽ ڪڇ ۾ مانيءَ جي هڙ کڻي پنھنجي پتا
ڏانھن نڪرنديون اُس ۾ زمين تي پٺ ويٺيون." پر چونڊيءَ ج
پيو اُن مسلم فرقيوارانه باهه ۾ گيهه وجهڻ لڳو......

مان وڪيشن ۾ ڳوٺ آيو هوس جو منزل گاهه فساد ٿيو
سنتن درويشن جي پوميءَ سنڌڙيءَ ۾ پهريون پيرو فرقيوار
ذهنيت جو بول بالا ٿيو ۽ فرقيوار فساد ٿيو ۽ اُن جو پهريون
بک اُهو سنت - ڀڳت ٿيو جنھن خواب ۾ به هندو مسلمان وچ
نه ڇا انسان انسان وچ ۾ فرق نه ڏٺو هو. مون هن کي صرف
هڪ ڏينھن ڏٺو هو، هن کي مون خدا ترس، غريبن جو يار
اولن لنگڙن جو پالڻھار ڏٺو هو. ڀڳت ۾ ۾ به گھڻو تڻو مسلمان
شاعرن جا ڪلام ڳائيندا هئا ۽ جهوليءَ ۾ آيل سڀ پيسا ب
گھڻو تڻو مسلمان غريبن ۾ ورهائيندا هئا... منھنجي دل دانهن
ڪئي - هٿيارن کي گوليءَ هڻڻ لاءِ مليو ته اهو سڀ جو خير
گھورنڊڙ درويش ئي مليو!......

اوچتو، مون پنھنجي بدن ۾ عجيب سنسناٽي محسوس ڪئي،
چستي غائب هئي ۽ اوطاق ۾ کٽ تي پيو رهڻ لڳس. شاهه جي
اوطاق ۾ پيا والوءَ جي دوڪان ٽائين وڃڻ تي به دل نٿي ٿي. هڪ
لڙيءَ منجهند جو بابا اوطاق ۾ آيو، مان کٽ تي ليٽيو پيو هوس.
هن ايندي چيو، ”اُٿ، وراندي ۾ روشنائيءَ ۾ اچ." مان
وراندي ۾ آيس ته چيائين، ”ڇوڪرا، توکي ته سائي آهي. مون
کي اڳ ئي شڪ هو." هن منھنجون اکيون ڏٺيون، نبض ڏٺي ۽
سيندداس طبيب وٽ وٺي هليو.

ڪاليج جو ٽرم شروع ٿي ويو ۽ مان ڀائي سندرداس کان
سائي پڙهائيندو، ڏوڪڙ گسيل ڏهي کائيندو ۽ پيون ٽڏاٽيون
ڪندو رهيس. مان من ئي من ۾ سمجهي ويس، روز روز رجب

پڙهڻ ٻلي هو هڪ منٽ به نه ڏيندو هو. روز مره جون خبرون هو شام جو ڪلب ۾ ايندي يا ڪلب مان ويندي مون کان ئي ٻڌندو هو. ها، ٻلواڻيءَ جي ريڊيو تان رات جو نوين ٻجي وارين خبرون ٻيئي متر ضرور ٻڌندا هئاسين. تن ڏينهن مهاڀاري لڙائيءَ جون خبرون ئي ضروري خبرون هيون. جرمنيءَ پولنڊ والاريو هو، چيڪوسلوويڪيا ۾ پنهنجي هٿ ٺوڪي سرڪار قائم ڪئي هئي، ۽ فرانس تي ڏيري ڏيري قبضو وڌائي رهيو هو ۽ انگلنڊ تي ٻم بازي ڪري رهيو هو. خبرن ۾ گهڻو تڻو اهو ئي سماچار هوندو هو ته گهور ٻمبازيءَ ۾ انگلنڊ جي مٽي، ڪٻر، ڪکڙ يا ڪتي. اسان ٻيئي ٻار ٽهڪن مٿان ٽهڪ ڏيندا هئاسين......

اِن روءَ زندگيءَ ۾ رخنو هفتي ۾ هڪ ڀيرو پوندو هو — ڪنهن ٻه ڏينهن، ڇنڇر آرتوار کي ڇڏي مان بولٽن مارڪيٽ هليو ويندو هوس، اديءَ وٽ - اُن ڀڄيءَ وٽ، جنهن ننڍپڻ ۾ پاليو هو. ۽ هوءَ رات ڀاڻ وٽ رهائي ڇڏيندي هئي، خاطرداري ٻه دل سان ڪندي هئي ۽ صبوح جو هوءَ موسم جو ميوو ٿيلهين جي ٿڏري ۾ ٻري ڀري ڏيندي هئي. اُن وقت منهنجي ڀقاڻن جي فرم ميوي جي واپار ۾ پنهنجي نالي سان هئي - ڪيولرام ٺوپڻداس. جي اَديءَ وٽ اٺ ڏينهن نه ويندو هوس ته هوءَ گهران نڪري، ميرٽ روڊ ۽ بندر روڊ پند لتاڙي ڪڇهري روڊ تي ڪلب جي ڏاڪڻ وٽ اچي ويهندي هئي. مونکي آيو ڏسي چوندي هئي: ماريا تنهنجي ته مونکان سواءِ سري ٿي وڃي؛ منهنجي تو ٻنا نٿي سري. ڇا ڪريان." ۽ هوءَ مونکي ڪلب ۾ وڃڻ نه ڏيئي گهر وٺي ويندي هئي......

مان ڀلي ڀلائي به گانڌي گارڊن نه ويس. ٻلواڻي اڪثر مهني ۾ هڪ ٻه دفعو ويندو هو، ميرپور خاص مان آيل مائٽن ۽ مِٽن کي ڏيکارڻ. دولت هڪ ٻه دفعو هن سان ويو مگر مان نٿائي

کان اڳ وات تي نيرن هرڪ پنهنجي پنهنجي نموني جي ڪندو هو.

دولت ۽ مان ڪاليج مان نڪري، اَڪثر روڊ تي ساهتي ڪلب ۾ منجهند جي ماني کائڻ ويندا هئاسين، صبوح جو ساڍي ٻارهين جي اندر. ڪلب ۾، ساهتيءَ جا ڪي ڪامورا رهندا به هئا. ٻه دفعا ماني ملندي هئي. صبوح جو ساڍي ٻارنهين جي اندر ۽ رات جو ستين ۽ نائين جي وچ. دولت ۽ مان ٻپهاريءَ جو کائڻ ويندا هئاسين. صبوح جو ڪو ڪامورو ڪونه هوندو هو، رات جو به اڪثر ڪو ڪونه هوندو هو، ڪامورا اڪثر ڪاٿي گهمڻ هليا ويندا هئا. پر جي هوندا هئا ته آفيس، گهر ۽ اخبارن جون ڳالهيون ڪندا نظر ايندا هئا. اخباري خبرن تي ائين رائزني ڪندا هئا، گويا دنيا ۾ سڀ لهندو چڙهندو مٿانئن ئي هو يا دنيا جو سمورو بار هو جهلي بيٺا هئا. مان اخباري ڪيڙو، گهران نڪري ايراني ريسٽارنٽ ۾ ڪيڪ سلائيس کائيندي ۽ چانهه پيئندي انگريزي ٻئي اخبارون ”سنڌ آبزرور“ ۽ ”ڊيلي گزيٽ“ پڙهي وٺندو هوس. سڪول واري زماني ۾ به ٽپال ۾ ايندڙ ٽن چئن ڏينهن جي پراڻي ”سنڌ آبزرور“ پڙهندو هوس مگر مطلب الهي ٻلهي تي يا سنڌي اخبار اڳوات پڙهيل هجڻ جي آڌار تي ڪڍي وٺندو هوس. دولت جي صحبت ۾ انگريزي ناولن پڙهڻ جو اثر اهو ٿيو هو جو انگريزي اخبارون نه صرف پڙهي پر سمجهي به سگهندو هوس ۽ ڪاليج ۾ ڪو وقت ڪڍي ريڊنگ روم ۾ سنڌي اخبارون به پڙهي ڇڏيندو هوس. هنن ڪامورن جي راءِ زنين ۽ بحثن تي دل ئي دل ۾ کلندو هوس مگر هنن سان بحث نه ڪندو هوس. مان ان سلسلي ۾ پنهنجي هوشياري دولت کي ڏيکاريندو هوس. هن جتي انگريزي ناولن ۽ ڪهاڻين جو ڪيڙو هو تي اخبارن

مان اَديءَ وٽان ٿي، بولٽن مارڪيٽ وٽان ٽرام پڪڙڻ لڳو هوس، هوءَ ڀرسان بينچ تي ويٺي هئي جا استرين لاءِ محفوظ هئي. مون ٽرام ڇڏي ڏني. هوءَ هلندڙ ٽرام مان لهي پيئي، ٽپ ڏيئي. پٺيان اچي، هٿ پڪڙيائين، چيائين، "ٽرام ڇو ڇڏي ڏنئه؟" منهنجي حالت اُها جهڙي پوليس جي لاڪپ مان ڀڄندڙ ۽ وري پڪڙجي پوندڙ چور جي ۽ هن پڪڙيو اهڙي نه زور سان هو جو هٿ ڇڏائڻ ممڪن نٿي لڳو، همت نه ٿي رڙيون واڪا ڪرڻ جي ۽ بولٽن مارڪيٽ وٽ دستور موجب ماڻهن جا مانارا هئا ۽ اهو به ڊپ، ڇوڪريءَ پڪڙيو آهي ڇوڪري ڪي، ڪجهه نه ڪيو هوندائين. مون چيو، "اديءَ وٽ هڙ وساري آيو آهيان، سڀاڻي ڳوٺ پيو وڃان." هن هٿ پنهنجي هٿ ۾ ئي جهلي رکيو ۽ چيو، "پاڻ ائين مون توکي چيو هو نه ته ڪراچيءَ اچين ته مون وٽ ضرور اچجهِ."

هوءَ سچ پچ پوليس عملدار ٿي لڳي. اوچتو هٿ ڇڏي چيائين، "سڀاڻي وڃين ته پيو. ڇگو تنهنجي اديءَ وٽان هڙ کڻي منهنجي گهر تا هلون......"

هن جي گهر وڃڻ کان جيئن تيئن پاڻ بچايم، مگر نڪل روڊ جي ڪنڊ تي چندو حلوائيءَ جي دوڪان پٺيان ايراني ريسٽارنٽ ۾ هن سان اڌ منو ڪلاڪ هڪ ڪنڊ ۾ ويٺو پيو. ڪئبن ۾ ويهڻ جي صلاح هن جي هئي، ڪئبن اندر به ڀرين هوءَ گهڙي. مان مَن ئي مَن ۾ ڏڄندو ڪنبندو هن جي پٺيان گهڙيس. چانهه ۽ پيسٽريءَ جو آرڊر هن ڏنو. مون هن کي جاڻي ٻجهي، پنهنجي مڱڻ جي ڳالهه ڀريندي ٻڌائي. هن ٺود ۾ اچي چيو، "هاڻي ته تون مونکي پنهنجيءَ شاديءَ تي گهرائيندين نه؟" مون چيو، "هن واعدو ڪيو آهي، ته چار سال شاديءَ لاءِ گهر نه ڪندا." هن چيو، "ٻاٻو ٻڌو تو ڏسجين، ڪنواريتا

ويس. مونکي ڊپ هو ڪٿي ٻناٽي نه گڏجي وڃي، مونکي
مان شڪارپور پڙهڻ وڃڻ لاءِ راضي ٿيو هوس ته ان لاءِ ته
اُتي ٻناٽي نه هوندي. سرلا مونکي چاهيو هو، منهنجي ذهني
قابليت ڪري. ٻناٽي مدد ڪان وٺي مونکي منهنجي جيءَ جس
مٿان لامارا ڏيندڙ سوڻ لڳي هئي، مون تي اثر ويهي ويو ه
ته مان جي هڪوار هنجي چنبي ۾ ڦاٿس ته نڪرڻ محال ٿي
پوندو ۽ هاڻ ته مان مڱيل به هوس.

۽ ها، مون پنهنجي مڱيتر هنن ٽن چئن مهنن ۾ هڪ دفع
ڏٺي-وات ويندي پر نه جهڙي. دولت ۽ مان منجهند جي ماني
کائي ڪچهري روڊ تان گهر پئي وياسين. پروفيسر ٻلواٽي گڏجي
ويو. هن سان گڏ هڪ نينگر هئي جنهنکي ڪڇ ۾ هڪ ٻار هو
مان ٻلواٽيءَ کي اوچتو ڏسي ششدر ٿي ويو ويو هوس. هـ
پڇيو، ”زندگي هلي پيئي، نه!“

مون شرمائجي چيو، ”هلي پيئي.“ هن دولت کان پڇيو
”مزي ۾ آهين، نه!“

دولت وراڻيو، ”اوهانجي آسيس آهي.“ اسان ٻئي رهياسين
هوءَ اڳتي وڌي وئي. دولت موجي انداز ۾ چيو: ”ديوي ڏٺءِ؟“
مون هڪو ٻڪو ٿي پڇيو، ”ڪهڙي ديوي؟“ هن ٺهڪ ڏنو ۽
چيو، ”پڇوُ، ٻاٻو ٻڌوُ تو ٻڌجين. وري چوندين مان مڱيو ٺـي
نه آهيان.“ مار! ته اها ڪڇ ۾ ٻـار کڻي پريان بيٺل نينگري،
منهنجي مڱيتر ديوي هئي!! منهنجي زبان مان نڪتو، ”ڪنهن
جو ٻار هو، ٻاهو؟“ هن وري ٻيو ٺهڪ ڏنو ۽ چيو، ”ٻلواٽيءَ
جو، ٻيو ڪنهنجو؟“ منهنجي نااميديءَ جو نه انت رهيو ن
ٻار ......

پوءِ ٻه، مونکي ٻناٽي گڏجي وئي. ائين چوڻ بهتر ٿيندو
ته مان هنکي گڏجي ويس. گڏجي نه، هن سان ٽڪرائجي ويس.

جي هار جون؛ پارٽي خبرن ۾، ڪانگريسي وزارتون استعفائون ڏيئي چڪيون هيون، ڪانگريسي اڳوان سرڪار سان سهڪار کان اڳ آزاديءَ جي اقرار جي طلب ڌرائي رهيا هئا ۽ مسلم ليگي اسلام خطري ۾ جو نعرو هڻي پاڪستان جي گهر ڌرائڻ لڳا هئا، سنڌ ۾ به ڏيري ڏيري تعصبي آگ وڌڻ لڳي هئي...

مان خوش هوس ته نديڙو ڳوٺ سوچ ويچار جي سطح تي پنهنجي حدن کان ٻاهر نڪري ۽ محدود مسئلن کان مٿي چڙهي رهيو هو. ليزيءَ سان......

شاهه علي اڪبر شاديءَ بعد گهڻو ٽڻو گهر جو گهريترو ٻڻجي چڪو هو، هندن کان ڪٽجي مسلمانن طرف مڙڻ لڳو هو. اڳيِنءَ پاريءَ جي خاطر ڪوشش ڪري ڏينهن ۾ هڪ دفعو مون سان ملڻ ۽ ڪي ڪلاڪ گهارڻ ضرور ايندو هو. اڪثر، مان ڪانگريس جي فائدي ۾ ڳالهائيندو هوس ۽ هو برخلاف.

ڏيرو ڦري ڏيرومل ٿي ويو هو، ان وچ ۾ منهنجي ڳوٺ اچڻ کان اڳ ئي پٽ ڄائو هوس، ڏام ڏوم سان ڇٺي ڪئي هئائين سومن ڇٺيءَ جي وقت پڻ پڻ ۾ شيام ڪسي چيو، "هيءُ ٻار ڏيروءَ جو آهي يا سيٽل جو، ڪو پڪ سان چئي نٿو سگهي." شيام ڪا راءِ زني ڪئي يا نه ڪئي؛ هيمونءَ هنکي گوشو وهائي ڪڍيو، ڪند ٿي، ۽ چيائين، "زبان کسي لغام ڏي نه ته اها ڇڪي ڇني ڇڏيندوسانءِ ...... مون پاڻ حساب لڳايو- گڏگا جو ٻار سيٽل جو پٽ ٿي ئي نٿي سگهيو. تنهن سواءِ هن ٻڌل ڳالهه ڌرائي: زوريءَ زناهه مان ٻار پيدا ٿي نه ٿيندو آهي.

هيمون پاڻ اتفاق سان ڳوٺ جي حدن اندر ڏسبو هو؛ گاڏين جي وقت ڳوٺ ۽ سٽيشن وچ ٽانگي جا ٻه ٽي ڦيرا ڪري هو سڄو وقت ريلوي لائين پار ماڇين جي واهڻ يا نولکيءَ جي هن پار ٻاڏڙين جي بستيءَ ۾ نوس نوس ڪندو وتندو هو.

مجبور مڱڻي وقت سڀ ڳالهيون مڃيندا آهن، مڱڻي بعد زور
هلائيندا آهن ۽ سال ڏيڍ اندر شادي ٿي رهندي آهي
آهي. ڪٿن ٻه، جڏهن ٻه شادي ڪرڻ، مونکي پڻ سمجهي
گهرائيج ضرور، سڳيءَ پڻ جو قسم آهي، ٽوڪي."

هنکي خبر هئي يا نه، نه دادن جي قسم مون لاءِ ڪيتري
اهميت ٿي رکي، مون اهو ڳوڙهو ڳيتو، من ٿي من اندر فيصل
ڪيم ته هنکي شاديءَ تي ضرور گهرائيندس.

هنکي ڌرم جي پڻ بدائڻ لاءِ راضي نٿي ٿيس. مونکي
الائي ڪيئن ٻڪ ٿي ويئي ته هوءَ سرڻ جيان لامارو هڻي
منهنجي جيءَ جسم کي ڳيهي وڃڻ جي موقعي جي تاڙ ۾ هئي
۽ اِن لاءِ هوءَ هرويرو ٽڪڙ ڪرڻ واري نه هئي ......

ڳوٺ ۾ سايا ٿي مهنا رهيس؛ زندگي روٽن ٻڌي رهي
اونهاري ڪري سڪول جو وقت صبوح جو ستين ڪان ساڍي
ٻارنهين تائين هو. ماستر لوڪومل اڳي ٿي منهنجي اچڻ جي
تاڙ ۾ هو. ماستر خانچند اچا لنبيءَ موڪل تي هو. هڪ ٻجي
منجهند جو گهر پهچي، ماني کائي، جهليءَ هيٺ ننڊ ڪرڻ
چئين ٻجي اڪبر علي شاه، ليلي يا ڪنهن ٻئي دوست جـ
اچي جاڳارائڻ، پٽ شت هڻڻ، اوطاق ۾ ٿي بابا يا پاپيءَ جي
گهوٽيل ٽاڪل پيئڻ، شام جو ڪنهن نه ڪنهن همراه سان
سڪول جي پلي گرائونڊ تي وڃڻ، رات جو ماني کائي وري
پانهاسنگهه جي موريءَ تي وڃڻ؛ ڪو منر نه آيو نه واڙءَ جي
دوڪان تي وڃي ڪچا رڪارڊ ٻڌڻ ۽ ڳوٺ ۾ گرئموفون جـ
دوڪان ٻن مان ڦري ٿي ٽيا ۽ ٽئين نئين وٽ ريڊيو ميس
وڪري لاءِ ٻه ۽ ٻڌڻ لاءِ ٻه. صبوح ۽ شام واريون خبرون حشا
ماڻهن جا وچ ٻزار ۾ ٻيهي ٻڌندا هئا - خبرون مکيه ريت ٻين
مهاپاري لڙائيءَ جون، هٽلر جي سوڀ جون ۽ فرانس ۽ انگلينڊ

اسانجو پاڙيسري موسيٰ خان بدليو. مسلم ليگ جي نعري "مسلمان، مسلمان کان ئي خريدي ڪري" ڳوٺ ۾ گهڻو فائدو موسيٰ خان کي رسيو. هونءَ هنڪي، هن جي ڀاءُ، چاچي عبدالله ۽ هن جي ٻن پٽن کي شاهي بزار ۾ هڪ ننڍو دوڪان هو، اونداهو جتي هو اڳٺ ۽ سڳيون ٺاهيندا هئا، منهنجي ڳوٺ مان ٻاهر رهڻ واري سال ۾ هنن کي ٽي وڏا دوڪان هئا، جنهن ۾ هڪ ڪپڙي جو هو، هڪ مڻياريءَ جو هو ۽ هڪ ڪرياني جو هو! هونءَ پاڻ ترڪي ٽوپي به نه پائيندو هو، هاڻ سلڪ جو وڏو پٽڪو پائي ڦرندو هو. اسانجي گهر جي پٺ ۾ هنجا ٻه گهر هئا، سندس ۽ چاچس جو؛ انهن وچ ۾ لنگهه بابا ميسر ڪري ڏنو هو، هنن کي. هاڻ، هنن بابا کي چيو، برسات جو پاڻي ۽ ٻور ان لنگهه ۾ نه اچن - يعني واڙي جو اهو دروازو صرف نالي ۾ رهي. هن ۽ بابا وچ ۾ تو ن ڇا تون ڇا ٿي. بابا جي شاهه وٽ پهچنديءَ ۽ ٻين مسلمانن ۾ هلنديءَ ڪري اهو دروازو ۽ لنگهه اسان لاءِ سلامت رهيو، باقي اسان جي گهرن وچ ۾ دري يڪايڪ بند ٿي ويئي ۽ مردن جو ئي نه، زالن جو هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ بند ٿي ويو ۽ هن ئي مسلم ليگ جي شاخ ڳوٺ ۾ کولي. ڳوٺ جا ٽيون حصو مسلمان شاهه ٻدران هنجا پوئلڳ ٿيا. رد عمل ۾ مهراج شو ديال هندو مها سڀا برپا ڪئي، ڳوٺ جي خوشقسمتي رهي ته برهمڻن جا ڇهه ست گهر، جاجڪ هيمنداس ۽ پت گگي رام ئي ان وڪڙ ۾ آيا. خود مهراج شنڪر منهنجي پروهت به، منهنجي مترتا سانگي تنگدليءَ جو شڪار نه ٿيو. آهستي آهستي تناءَ جي هوا ڳوٺ کي پنهنجي گرفت ۾ آڻڻ لڳي ...

دادن جو خط آيو؛ اهو مليو مونکي مگر ٻدا کولڻ جي مون بابا کي ڏنو ۽ هن منهنجي اڳيان کولي نه پڙهيو. منجهند جي ننڊ کان پوءِ ٽاڪل پيئڻ بعد بابا مونکي ٻه چٺي ۾ موڪليو،

گدوءَ جي بدولت ڪونگو ڪرنگومل ٿيو، پوليس نوڪريءَ ڪري ڇڏي، گيهي‌مل ٿيو پر گدوءَ گدوءَ ئي رهيو. پرڏيهه ڪان پري گهر ۽ پولي جي دوڪان وچ ۾ ڦاٿو رهيو. ها، ديسي وديسي خبرون ضرور پڙهندو رهندو هو. جنگ ۽ هنسا خلاف ڳالهائيندو رهندو هو، اڪثر، مان چؤ باز ڏسڻ لاءِ هفتي ۾ هڪ ٻه دفعو لڙيءَ منجهند هن جي دڪان تي وهندو هوس وڃي. چوندو هو، "سؤٽ، تنهنجي ڪري ٿو سنسار جو سڌ سماءُ رکان نه ته پرائي جهان، پرائي جهرڪي، پنهنجو ٻول ڪي چمٽو!"

دنيا، ڀارت، تنهن ۾ به سنڌ جي راڄنيتي تيزيءَ سان ڦري رهي هئي، اها ڄڻ ڪلابازيون ڏيئي رهي هئي. منهنجي ڪراچيءَ ۾ هجڻ واري وقت ۾ ئي مارچ ۱۹۴۰ع ۾ منزل گاهه بنسبت الهه بخش سومري جي پڌر ڪي ٻهانو بنائي ڪانگريس پارٽيءَ الهه بخش وزارت جي حمايت واپس ورتي هئي ۽ سنڌ مسلم ليگ کي سنڌ ۾ پنهنجي سرڪار ٺاهڻ جو وجهه ميسر ڪري ڏنو هو. اهو "پاڪستان" جي خواب جي تعبير ۾ سنڌي ڪانگريسين جو پهريون ڏاج ثابت ٿيو. ڪانگريس مسلم ميمبر محمد امين کوسي ان فيصلي جي مخالفت ڪئي ته هنکي ڪانگريس مان نيڪالي ڏيئي ڇڏي! ۽ مسلم ليگ جي راڄ ۾، سال جي اندر ئي مسلم ليگ جون شاخون ٽيهن مان چار سؤ ٿيون.

انهن چار سؤ ۾ هڪ اسانجي ڳوٺ واري هئي. ڦرندڙ راڄنيتيءَ ۾ سيد عارف شاهه پنهنجي صوفي سڌانتن تي اٽل هو، هنجو ٻيڙي جو سيد دوست محمد علي شاهه، الله بخش جي وزارت ٽٽڻ تي وزير نه رهيو ۽ مسلم ليگ پرين جي سيد نور محمد شاهه کي وزير بڻايو، خود عارف شاهه کي ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن بورڊ جي صدارت لاءِ وري نه چونڊيو ويو، پوءِ هوءَ ڳوٺ ۾ هندو مسلم سازيءَ جو ڇنهه پٽيو رهيو، بدليو ته

هاڻ مان توکي دکه سهڻ نه ڏيندس......

دادن ڏيکاري ٿي ته ڏني ته ڪا هوءَ ڏکي آهي، ساهري گهر. اڳوڻي پاٻوهه سان پيش آئي هوءَ مون سان، گهر ۾ به ڪلڪل جو ڪٿي نالو نشان نه هو. دادن ۽ پيڻوئي وچ ۾ به سٺي سازي ڏٺم. ڇڏن ڏينهن ۾ ڪا اڻ وڻندڙ ڳالهه نه ٿي. گهر واپس ورڻ واري ڏينهن ٿي اڪيلائيءَ ۾ دادن کان پڇيم: هو خط ...... هن ڪلي ڇيو، "هڪ ڏينهن مون ڪافي ويا ڪل رهيو ۽ خط لکي ٿي وينس. بابا ضرور پريشان ٿيو هوندو. امان به دکي ٿي هوندي. پر تون ٻنهي کي ڇڏي ڇڏ، دادن پيڪد سکي آهي ساهرن ۾." هن جي ڪلي ڳالهائڻ مان به ڪنهن نراسائيءَ جي بوءِ نه آئي مونکي. مون ڇيو مانس، ڪيترو به لڪاءِ؛ تون ۽ تنهنجو گهوٽ پل لڪاهڻ نه ڏيو، مونکي وشواس اچڻو ڪوني. سچ سچ ٻڌاءِ. توکي قسم آهي ... منهنجو. منهنجو لفظ مون ڪن رکي ڇيو. هوءَ پڇي پيئي. چيائين: هن ۽ هن جي هڪ دوست، منوهر نالو آهي هنجو. منوهر جا مون ڏانهن لکيل خط منهنجي ڙنڪ مان لڌا ويا. گويا ڪنهن پريميءَ ٻنهنجي پريتما جي خطن جي مرت ڏني هئي. منهنجون وايون بتال ٿي ويون. ونر رڙ ڪم، خود سس سهري کي منهنجي چال چلگت ۾ شڪ رهيو. وڏيءَ ڏيراڻيءَ نه ڪي ويڻ به ڇيا. ان وچ مون بابا کي خط به لکيو. او ڇتو مونکي عقل آيو. سس کي ڇيو: منهنجيءَ ڪليل ڙنڪ ۾ ڪير کهڙو به خط رکي سگهي ٿو؛ مگر آهي منهنجا لکيل خط ڪٿي آهن، جنجي جواب ۾ لکيل خط منهنجي ڙنڪ مان نڪتا آهن؟ سسڻم به چيو: ها، آهي تنهنجا لکيل خط ڪٿي آهن؟ هن هن جي سامهون منوهر کان انهن خطن جو پڇيو، هو منجهي پيو. نيٺ چيائين: آهي... آهي مون ڦاڙي ساڙي ڇڏيا. سس کي ويسهه نه آيو، سهري کي ٻڌايائين. هو

سنڌس ڀيڻ ڪٿي اچڻ لاءِ......

۽ مون به چٺيءَ جي لڙيءَ وٽان ڪن سرلا ڪري ڇڏيو.

بابا امان کي چٺي رهيو هو: ڏاڍن هٿ اچـــي رهڻ... چاهي، هميشه لاءِ. لکيئي: اِتي ڀاسڻ ڀاري ڪنديس ڀر ه... نه رهنديس...... امان ڪجهه چوي ٿي چوي، بابا ڀـريل گ... سان چيو، "وڪالٽ گهوڙي ٿي ڪهڙو حق؟ پرٽيل چوڪر... جي اڙتي ساهري گهران ٿي نڪرڻ کهي......" ۽ هـــو ب... جيان ڦٽئي هيانءَ روئڻ لڳو.

مان به چٺيءَ ۾ ٿي وڃو رهيس.

ٻٽي ڏينهن، بابا کي چيم، "ڏاڍن وٽان به ٿي ڏينهن ٿو اچان."

بابا سمجهي ويو ته مان ڪانئس اجازت وٺي نه رهيو هو... صرف کيس ٻڌائي رهيو هوس.

چيائين، "ٺيڪ آهي. هڪ نياپو ڏجانس. مان سنڌس سه... کي چٺي لکي، هن کان موڪل وٺي کيس جلد هٿ گهرائيند... وڌيڪ فيصلو هت ڪنداسين."

مان سمجهي ويس؛ بابا رڳهي ريجي اُپديش ڏيڻي ڏاڍن واپس ساهري موڪليندو.

منهنجي من ۾ بابا خلاف وري بغاوت پيدا ٿي: ڏيءُ... کهڪاءُ به ٿو اچيس، هن جي ڏکي حالت ۾ ڏکي به ٿو ٿ... پوءِ به ...... هوُ ڦريل حالتن ۾ ڦري چو ڪين ٿو؟

مون ته فيصلو ڪري ورتو هو: مان ڏاڍن کي چوندس، ف... نه ڪر. مان وٺو آهيان. ڪراچيءَ وٺي هلندس ٿو کي. اد... وت رهائيندس. اڏي پهنجي سر يا بابا جي ڏپ ڪري را... نه ٿي ته پاڻ سان گڏ رهائيندس ۽ جي ضرورت پيئي ته پڙه... چڏي نوڪري ڪندس. نديڻ ۾ تو منهنجي سار سنڀال ال...

آرڊلري ميدان تي.“ هن قبول ڪيو. پوءِ خبر پيم ته هن ڪاروڙا بدران ڪٽواڻي سڌائڻ شروع ڪيو هو.

مون ٻن رومن واري فليٽ جي صلاح ان ڪري ڏني هئي جو مون ٻي من ۾ طيءِ ڪيو هوم ته دادن مٺان ڏکيا ڏينهن آيا ۽ هن ساهرن کان الڳ رهڻ چاهيو ته هڪ روم هن کي ڏيو...

ڪراچيءَ ۾ فليٽ جي تلاش ڪندي، گڏ رهڻ لاءِ چار همراه ٿي وياسين- سالو پيٽويو ملي ويا. انٽر آرٽس ۾ پڙهندڙ پـب عيدن جو ڏرمون، منهنجو واقف هو ۽ ٻيو هن جو سالو هو پريم. هو انجنيئرنگ جي ڊپلوما ڪورس جي ٻئين سال ۾ هو. ڳولهيندي ڳولهيندي فريئر روڊ تي جهانگيراڻي بلڊنگ جي ٻهرئين ماڙي تي ٽن رومن وارو فليٽ ملي ويو. ٽن رومن وارو فليٽ منهنجي چوڻ تي ورتوسين. اڃا فليٽ ۾ ٻه ٻه ڄڻا روم روم ۾ نهي جڙي ويناسين ته لاڪن جو مينگهو جيٺاڻي اچي سهڙيو. لئمب لارڊ ٻڌايو هوس ته اسان وٽ هڪ ڪمرو خالي پيو آهي. مون هن کي هن جـي گهڻي زوربار ڪرڻ تي ”ها“ ڪئي. دل ٻي دل ۾ چيم، وڏيڪ ڪنهنکي نه رهائبو؛ دادن اچي رهڻ لڳي ته مان ٻـا مينگهو ڪمرن اڳيان ڪافي وڏيءَ لابيءَ ۾ کٽ وجهي رهندو......

۽ منهنجي ٻٽي جيوت شروع ٿي.

پنجني ٻهي فيصلو ڪيو: جيڪي جيڪي پئسا گهرائيندا سين پنج پنج رپيا ذاتي خرچ لاءِ پاڻ وٽ رکي باقي پول ڪندا سين؛ پوءِ سڀ خرچ، ڪاڙهڻ، رهڻ، گهمڻ، خواه ٻيو ڪو وچ مـان ڪندا سين. نانڪ وٽان پنجٽيهه، مون وٽان پنجيتاليهه، پريم وٽان پنجونجاه، ڏرمونءَ وٽـان پنجيتاليهه مهني ۾ ۽ مڱهي چيو، ”مان پيءُ کان سؤ گهرائيندس. اوهان کـي پنجهٺ ڏيندس، باقيءَ ۾ اوهان جو ڪو حق نه رهندو.“ اسان جـي عيش جي زندگي شروع ٿي وئي.

ٻہ ٻت مٿان ڪاوڙيو. منوهر اسانجي گهر اچڻ ڇڏي ڏنو. گهـ
گهر تو لڳي هاڻي. منهنجي جيت ٿي آهي! ڪو آئم وشواس
ٻکي رهيو هو هن جي لفظن ۽ انهن کان وڌ هن جي ٻهڪندڙ
ڇهري ۾. اهڙو تازو توانو هنجو ڇهرو سالن بعد ڏسڻ لاءِ مليو هو

مون سمورو قصو اچي بابا امان کي ٻڌايو. بابا سرهو ٿـي
ويو ۽ امان گرو بابي کي پرارٿنا ڪئي، گرو بابا، ٻن موتين وچ
لعل کي سدا سکي ئي رکج.

منهنجي سڪولي جيون جي انگريزي پنجين درجي تائين
هڪ ساٿي هو منهنجو. نانڪ کارڙا. هو ٻوءِ پيءُ جـي بدلين
سان پڙهڻ جا هنڌ بدلائيندو رهيو، ايف. اي. ٻہ هو حيدرآباد
جي نئشنل ڪاليج ۾ پڙهيو هو. وئڪيشن پوري ٿيڻ ۾ اڃا ڏه
ڏينهن پيا هئا تہ هو مون وٽ آيو. ڪنهن زماني ۾ هن سان ٻـ
پريت رهي هئي منهنجي. ۽ هو ايترو ڪـرجـي ٻهر ٿيل هو جـ
ان زماني ۾ مشهور هو تہ هو پيءُ کـــي ماريندو آهي ۽ گهر
من ماني ڪندو آهي. گهر کان ٻاهر هن جهڙو شرميلو ٻيو ڪو
ڏسبو هو. هن کي اُگهاڙي مٿي سان گهر کـان ٻاهر ڪـڏهن ٻـ
ڪنهن نہ ڏٺو هو. ٻئڻ واري پشم جي ڪاري ٽوپي گهر ۾ ٻہ پائي
ڦرندو هو. هو مونکي ڪافي لنبو ۽ وڌيڪ سنهيءَ پرسنلٽيءَ
وارو لڳو. ۽ مٿو اگهاڙو هوس ۽ سينڌ ۾ اڳيان وارن جو گل ٿاهيـ
هئائين. مونکي لڳو، وارن سنوارڻ تـــي ئـــي ڇگو وقت ڏئـ
هونداٿين. چيائين، "ٻـڌو اٿم، تون هاسٽل يا شيوا ڪنج ۾ ت
رهندو آهين. ٻاهر ڪنهن جڳهہ ۾ رهندو آهين، ڪن مٿرن سا
گڏ. هن ڀيري مان توسان رهندس." مون چيو مانس، "ٺيڪ
آهي. ٻہ ٽي ڏينهن ڪٽي نہ رهج. مان ٻهنجيءَ پڦي
وٽ رهندس. To Let جا بورڊ پڙهـي من پسند ٻن رومن وار
فلئٽ ڳولهي وٺنداسين. گاڏي ڪاٽي ۾ ٿي، ڪوشش ڪـري

۽ رلڻو ملڻو هو. هو هفتي ريس ڏي وڃڻ کان اڳ ڇڏي ويندو هو - سائين ڇهين ٻجي ڌاري ٻالڪنين ۾ ٻيهجو؛ جي ٽئڪسيءَ ۾ اچان ته سمجهجو تمام گهڻو کٽيو آهي، جي وڪٽوريا ۾ اچان ته سمجهجو وڃايو نه آهي ۽ جي ٽانگي ۾ اچان ته سولي سنڌيءَ ۾ سمجهي وڃجو. ايندو سدائين ٽانگي ۾ هو! سدائين هارائي اچڻ جي باوجود هو ساڳئي ٽانگي ۾ اسانکي وٺي هلي صدر ۾ کارائيندو ۽ چانهه پيئاريندو هو. هو سئنيما تي گهڻو ٽڪو نه هلندو هو، پر جي هلندو هو ته وڪٽوريا هلائيندڙ سان گڏ ويهندو هو ۽ ٻارن جيان چوندو هو، ”اوهان هيٺ هيٺ، مان مٿي مٿي.“ هرهڪ ڏرم ۾ هڪ هڪ پيرو سدا سهاڳڻ وٺان ونجي آيو ٻئي پيرا قسم کنيائين؛ ”وري ڪڏو ڪم نه ڪندس.“ هڪ پيري ته پٽس کي تار ڏئي گهرايوسين ۽ هو هنکي مهني لاءِ ڳوٺ وٺي ويو. پوءِ ٻه، چاڪ ٿي اچڻ ڏي آهي ڏي لاٿون ۽ آهي ڇڳهه واري ڪار رهي.

منهنجي زندگيءَ جو ٻيو رخ به ڪافي اجاگر رهيو. ڪاليج جي هڪ انيڪسي (شامل جڳهه) به ٿي هئي؛ وچ ۾ صرف هڪ ننڍو رستو هو. انيڪسي واري جڳهه اهڙي پيڪيدار نه هئي جهڙي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي اصلوڪي جڳهه. جهوني جڳهه اڳيان نئين جڳهه ٻچت ٿي لڳي. ان انيڪسي ۾ آرٽس ڪاليج هو ۽ ان جو ڊين هو پروفيسر ايڇ. ايم. گربخشاڻي جو پوري ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جو وائيس پرنسيپال به رهيو. پوري ڪاليج ۾ ڪراچي سٽوڊنٽس يونين هلچل هلائي هئي، ”فيون گهٽايو ۽ اهي قسطن ۾ وٺو.“ ۽ ان سموري تحريڪ جو روح روان هو حشو ڪيولراماڻي جو ڪاليج جو وديارٿي نه هو. درحقيقت حشو انگلنڊ رٽرنڊ هو ۽ اتان آزاديءَ لاءِ نئون اتساهه کڻي آيو هو. جوان ۽ رعبدار پرسنلٽيءَ جو مالڪ حشو، انگريزيءَ

جنگ ڪري مهانگائي وڌڻ لڳي هئي. ڳوٺ ۾ ٽي ڪ
ٻين روپئي مان سٺين روپئي مڻ، ٽيوڻ اڍائي آني مان ڇ
آني سير ۽ گيهه روپئي سير مان روپئي اڌ سير تي پهچي چ
هو. اڏيلو بلڪل گم ٿي ويو هو ۽ پائي ته صرف ناليءَ ۾ ر
هئي. شهر ۾ مهانگائي اڃا به وڌيڪ زور هئي، ڪلب ۾ مه
جي وسڪي پنجين ڇهين رپئي مان ٻارنهن تيرهن ٿي وي
هئي، چانهه به ٽڪي مان ٽي پيسا ٿي وئي هئي، سوڍا آ
۽ ليمن پنجين پيسي ملڻ لڳو هو. ڌوٻي به مهانگو ٿيو هو
سئنيمائن جا نرخ به وڌي ويا هئا- ڇئين آني مان پنج آنا- سٺين آ
مان نو آنا، ٻارهين آني مان چوڏهن آنا ۽ بالڪني روپئي مان روپي
آنا ٿي هئي. پوءِ به اسين پنج ئي ڄڻا ٽي ٽرم ٺاٺ سان رهياس
ڪلب ۾ ڪاڏي ڪان سواءِ، صبوح جو ناشتو ڪندا هئاسي
هڪ دفعو آئيس ڪريم سوڍا پيئندا هئاسين، ٽي پيرا چا
۽ رات جو بندر روڊ تي لائيٽ هائوس سامهون ڪيبن ۾ حلوو
سترپيني وجهائي پيئندا هئاسين ۽ سئنيما گهڻو ڪري روز ڪ
ور ور ڪري ڏسندا هئاسين- پهرين فرسٽ ڪلاس ۾، پوءِ د
سيڪنڊ ڪلاس ۾، پوءِ ۽ وڌيڪ پيرا ٿرڊ ڪلاس ۾. ان زما
۾ مون هڪ مهني ۾ ٢٨ فلمون ڏٺيون. پرڀات جي "آدمي" س
دفعا، پيهر آيل "ديوداس" پنج دفعا، سهراب موديءَ ج
"پڪار" چار دفعا ڏٺم. رنجيت ۽ ساگر مووينٽون جي هر
فلم گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٻه دفعا ڏٺيسين ۽ اچ وڃ اڪثر وڪٽو
گاڏين ۾ ڪندا هئاسين.

مينگهو پنهنجا ٽيهه پنجٽيهه رپيا خانگي شغلن تي وڃائيند
هو، اسان کان الڳ ٿلڳ. سگريٽ پيئڻ، ريس تي نيم سان و
۽ ڪڏهن ڪڏهن سدا سهاڳڻين وٽ عيش ڪرڻ هنجون پنهنج
مشغوليون هيون ۽ هئو وري شادي شده! هر طرح خوش خ

ٿي. هُن جي موجودگيءَ ۾ به مون حشوءَ کي گهڻي ۾ گهڻو
ڳالهائيندو ڏٺو. هڪ ڪوسو ٿي هو جو ٿورو گهڻو حشوءَ سان
وادوواد ۾ هڏاڪڙا پائيندو هو ۽ جڏهن منهنجي حشوءَ ڪوسي
سان واقفيت ڪرائي هئي، تڏهن منهنجي هٿ ۾ هو پينگئن
پاڪيٽ بوڪ، ”پينيڏو مسوليني“ ڪوسي حشوءَ کي چيو،
”ڀارت پنهنجي ٺئين پوڙهي جي ڪارن قميصن جي اڳوان کان
جند ڇڏاءِ ......“ حشوءَ چيو هو، ”ميان، جڏهن هيءَ فاشسٽ
اڳوانن کي پرکيندو تڏهن ٿي ڪميونسٽ اڳوانن جو قدر ڪندو.“
ڪميونزم اُن وقت مون کان ڪوهه دور هئي.

حشوءَ ان وچ ۾ سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن به جوڙي ورتي
جنهن ۾ هن جا همراهه هئا پريتم ٿهلراماڻي ۽ سنتوش ڌرماڻي.
سنڌ وديارٿي هلچل ۾ چندوال جتسنگهاڻي جي پنهنجي اهميت
هئي؛ حشوءَ جي وديارٿي کيتر ۾ گهسي اچڻ ۽ فين گهڻائڻ
جي تحريڪ ۾ ڪاميابيءَ چندوال جي اهميت کي ٿڌو
ڪري ڇڏيو.

حشوءَ جي وڏي سرگرمي هئي انگريزي راڄ کي ننديڻ ۽
سامراجي ٻين مهاڀاري لڙائيءَ جي مخالفت ڪرڻ - هو جتي
ڪٿي قاضي مجتبيٰ سان گڏ بلغاري تقريرون ڪندو ڦرندو هو.
جتي قاضي عوامي اڳوان هو، اتي حشو پڙهيلن تي اثرانداز
هو. قاضي ڊفينس آف انڊيا ائڪٽ هيٺ گرفتار ٿي ويو.

مان پانيان ٿو، سيپٽمبر ١٩٤٠ع جو ڪو ڏينهن هو. مان
صبوح جو ٺين بجي حشوءَ جي گهر ويٺو هوس - گهر ۾ اسين
ٻه ٿي هئاسين. ڪراچي سي. آءِ. ڊيءَ جو انسپيڪٽر هرداسمل
هنگوراڻيءَ اچي در کڙڪايو. حشوءَ جي در کولڻ تي اندر
اهندي ئي هنگوراڻيءَ چيو، ”يو. آر. انڊر اريسٽ.“ عجيب
ڳالهه ٿي. حشوءَ چيو، ”پر انسپيڪٽر مون وٽ ڏولل

۽ سنڌي جي مايل جهليل ٻوليءَ ۽ هٿن جـي حرڪت س
ڪافي اثردار اڳوان هو. هن يونين معرفت اهڙو نعرو هوجو اي
ٻيڪڙ ٽيسمار اڳوانن جي ٻارن کان سواءِ ٻين وديارٿين ڪو
ٿي فين ڀرڻ کان انڪار ڪيو. مان ڪشن موٽواڻي (يونين
سيڪريٽريءَ) سان لهه وچڙ ۾ آيس پر حشوءَ کان دور رهي
هن کي نـه صرف چاچيندو رهيس پـر دل ئي دل ۾ هن
آرگنائيزنگ شڪتيءَ ۽ ليڊرشپ جي قوتن کي داد ڏيندو رهيس
ڪاليج جا اختياريءَ وارا ٿورن ئي ڏينهن ۾ حشوءَ جي اڳوان
۽ وديارٿين جي ڪمشنيءَ اڳيان جهڪيا. في ڏهـ روپيه
ٿـي گهٽي ۽ اها قسطن ۾ ڏيڻ جـي سهوليت به ملي. مون
تحريڪ ۾، تحريڪ جي اڳوان حشوءَ ۾ آدرشي اڳوان ڏٺو. ن
لڳن وارو ساٿين سان ساڳئي سطح تي خيالن جي ڏيوڻ ڪن
اڳوانيءَ جي لٺ سان نه، مگر ويچار شڪتيءَ سان اثر وجهن
نٿين قسم جـو اڳوان ڏٺو. هن جـو ننڍو ڀاءُ گوپ بـه هنکي
کان وڏيڪ اڳوان سمجهندو هو.

حشو وديارٿين ۾ ئي نه، مزدورن ۽ هنن جي يونين ۾ به چس
ڀرو ونڻ لڳو هو. هوُ منهنجي رهائش کان پنج ست منٽ
تاج محل سئنيما جي پٺيان رهندو هو. هوُ ڪنهن به اڳوان
ڪم ڪندڙ کي گهر اچڻ نه ڏيندو هـو؛ جيتوڻيڪ مان هن
گهر ٻنج ست ڀيرا ويس. هوُ صبوح جو سوڀل گهران نڪرن
هو، جي گهر سمهيو هوندو ته، نه ته جتي سمهيو هو، اتان،
ٻن قسمن جا، ساڳي پتلون ۽ ساڳيو ڪوٽ، اڇيءَ قميص
يا لنبو ڪڙتو ۽ لنبو پـاجامو، پيرن ۾ چمپل ۽ پوءِ سڀو ڏي
هل هلان - مزدور اڳـوان نارائڻداس ٻيچر ۽ قاضي مجتبيٰ
ڪانگريسي اسيمبلي ميمبر محمداسين کوسي سـان منهن
واقفيت حشوءَ ئي ڪرائي ۽ انهن اڳوانن جـو به اڳوان ح

ائين ته لکڻ تان مون هٿ نه کنيو هو. ”سنڌو“ مخزن ۾ منهنجون اُردو تـان ترجمو ٿيل ڪهاڻيون يـا ليک ڇپيا هئا. ڪنهن وقت جي ڳوناڻي ۽ همڪلاسي هري هنگوراڻيءَ جي مدد سان ”چونڊس“ ۽ ”سنسار سماچار“ ۾ منهنجي ٽڪبندي شاعريءَ جي نالي ۾ ڇپجي هئي......

گويا اوچتو ياد آيم ته جڏهن شڪارپور ۾ هوس تڏهن نارائڻ شيام ”اصلاح“ وٺڻ جي صلاح ڏني هيم. اها نه جاچ ڪري ورتي هيم ته هُو شيوا ڪنج ۾ رهندو هو. مان دل ٻڌي پنهنجا ڪي شعر(؟) وٺي لفافي ۾ وجهي الله تهار ڪري شيوا ڪنج ۾ پهتس. نارائڻ شيام جي ڪمري ۾ گهڙيس ته هڪ لنبو شخص، وڏين اکين ۽ مائيءَ جي داغن واري چهري سان پلنگ تـي ويٺو هو. شيام چيو، ”هيءُ آهـي منهنجو اُستاد مسٽر پرسرام ضياء. ضياء اُن وقت تائين دڪايل جي جڳهه تي گرئموفون ڪمپنيءَ جو آفيشل گيت ڪار مقرر ٿي چڪو هو. مون لاءِ هو به رب هـو. مان پنهنجا شعر چپ چاپ واپس کڻي آيس ۽ اچي فلئٽ جـي رنڌڻي ۾ باه حوالي ڪيم. اُن وقت فلئٽ ۾ مان اڪيلو هوس. اُن بعد ورهين جا ورهيه ”سنڌيڪار“ رهڻ ئي بهتر سمجهيم.

ٽرم پوري ڪـرڻ بعد مهني لاءِ ڳوٺ آيس تـه سڪول ۾ پاڙهڻ جو ڪاربه ته جاري رهيو ليڪن دوستن سان آواره گرديءَ کي لغام ملي ويو. هڪ ته همراهن ۾ هڪ عليءَ اڪبر ئي واندومل وچــي رهيو هو، جو به شاديءَ بعد گهر کـــان ٻاهر گهٽ وڌ نڪرندو هو. مون سان نڀاهڻ لاءِ هُو شام جو ڪلاڪ ڏيڍ سڪول جي پلي گرائونڊ تي مون سان گهاريندو هو. ٻيءَ طـــرح مان ولوءَ جي دوڪان تي گرئموفون رڪارڊن ســـان دل بهلائيندو رهندو هوس. ولوءَ تازي حلوي ۽ تازن مانهه جي لڏن جي پيتي برقرار رکي هئي. اُن زماني ۾ ٽن فنڪارن ماسٽر چندر، جيوڻيءَ

ڪپڙا ڏي ڪونهن، پاڻي گهران نڪرڻ لاءِ." پوءِ مون ڏانهن
نهاري چيائين، "گهر وڃ. پنهنجو ڪاڏيءَ جو وڏو ڪٽي اچ، بندي
سميت. هونءَ به مان لنبو ڪڙتو ۽ لنبو پاجامو پائيندو آهيان."
مون هنگوراڻيءَ ڏانهن نهاريو. هن چيو، "ڀلي ڏوٽل ڪپڙا آڻ
منهنجو صرف هڪ شرط آهي. منهنجي هٿي اچڻ ۽ حشوءَ جي
گرفتاريءَ جي ڳالهه ڪنهن سان به نه ڪجِ."

مان ٽي ڏي نڌگ اچا ڪٽي آيس. حشوءَ چيو، "ڪوسي سان
گڏجي ۽ منهنجي ضامن جي انتظام لاءِ چئجانس."

تضاد اهو هو جو هارين ۽ مزدورن جو حامي محمد رمين ڪوس
ڪراچيءَ ۾ سڏائين "زميندار هوٽل" ۾ رهندو هو. ڪوسو پا
مون سان صدر پوليس سٽيشن ٽي هليو، اتي معلوم ٿيو پريتم
ڏهلراماڻي ۽ سنتوش ٽرماڻي به لاڪپ ۾ هئا. ضامن ڪنهن ج
به نه ڪنيائون. پوليس انسپيڪٽر چيو، "سنگين الزام آهي مٿن
١ سيپٽمبر "سرڪاري ظلم" خلاف تقريرن ۾ هنن انگري
حڪومت ختم ڪرڻ لاءِ پڌنڌڙن ۾ زهريلو پرچار ڪيو آهي!"

ٻئي ڏينهن ٽيئي همراهه سٽي ماجسٽريٽ آغا جي ڪورٽ
۾ رجوع ڪيا ويا. هن پڇيو، "اوهان جو ڪو وڪيل آهي."
ان وقت جي مشهور وڪيل سرڀچند للا اٿي بيهي چيو، "سر
ٽنهي جو وڪيل مان آهيان."

ٻن مهنن اندر فتوا ملي ويئي: پريتم ۽ سنتوش آزاد ڪ
ويا، حشوءَ کي ارڙهن مهنا سخت پورهئي سان قيد جي س
ملي. راجنيتي سرگرمين ۾ ٿوري ناپر اچي ويئي. ها، ڪيس جي
پوئواريءَ جي دؤران ۾ مون ۾ تنظيمي قوتون اڀريون ۽ ڪوسي
جي صحبت ۾ سماجواد کي سمجهڻ جي ڀاونا به جاڳي.

١٩٤٠ ۾، ڪاليج جو پهريون ٽرم شخصي ۽ سياسي جيو
وچم ڪلابازيون ڪيلمندي ڪٽجي ويو.

هڪڙو وديارٿي هلچل ۾ ڪجهه وقت اڳرو هو- راڌو ٿلسياڻي. هن جو ڀاءُ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هوندي به قومي هلچل ۾ دلچسپي وٺندو هو. اڪثر گانڌي گارڊن پنيان رام ڪرشن مشن ۾ ويندو هو. هاڻ، اُتي جو نئون انچارج آيو هو سوامي رنگاناٿانند. هو نہ صرف فصيح زبان هو بلڪ دنيا ڀر جي راڄنيتي، سماجي ۽ ڌرمي وشين تي اختياريءَ سان ڳالهائيندو هو. اڳ، رام ڪرشن مشن ۾ آرتوار آرتوار شام جو پروچن ٿيندو هو، هاڻ هفتي ۾ ٻي دفعا ٿيڻ لڳو. راڌو پنهنجي وڏي ڀاءُ جي اُتر هيٺ اُتي وڃڻ لڳو. هڪ دفعو هو مونکي وٺي هليو-زوريءَ، حجت رکي. هڪ ٻي ليڪچر ۾ سوامي رنگاناٿانند منهنجي دل ۾ ۾ پيهي ويو. هو مارڪسواد ۽ سماج واد تي به ڳالهائيندو هو. هو عام فهم انگريزيءَ ۾ ٻڌندڙن کي اُتر انداز ڪندو هو. هن جي محبوب وشيه هئي Socialism through Geeta ۽ اُن لاءِ هو ”سوامي شوانند جا گيتا تي وچار“ پڙهڻ لاءِ چوندو هو. هڪ هڪ اَڌياءَ تي انگريزيءَ ۾ سوا سوءَ کن صفحن جو ڪتاب هو. مان هڪ هڪ ڀاڱو ڪري، رامڪرشن مٺ جي لائبريريءَ مان اهو گرنٿ پڙهڻ لڳس. ڪجهه سمجهه ۾ نہ ايندو هو تہ ڪنهن نہ ڏينهن تي منجهند کان اڳ، مٺ ۾ وڃي خود سوامي رنگاناٿانند کان پڇي ايندو هوس. سواميءَ جي ليڪچرن جي دوران ۾ ڪيترا ڪانگريسي گڏبا هئا. منهنجو سالو پروفيسر ٻلواڻي به گڏيو هو ۽ هن جي منهن مان عجيب تسلي بکندي هئي. هن جي ليکي رول ڀين ۽ سياست جي گڏدي راهه. ٿان هئي مان ڌرم جي صحيح راهه. تي اڳتي وڌي رهيو هوس ۽ سچ پچ سواميءَ جي فصيح زباني ۽ اُتر وجهڻ جي شڪتي ايڏي پربل هئي جو جڻ ٻناڻيءَ کي دعوت ڏيندو هوس تہ نہ هوءَ مونکي پنهنجي جار ۾ ڦاسائي ڏسي! رام ڪرشن مشن

۽ پڳت موتي جا ايڇ. ايم. وي. رڪارڊ مهڙي سر مهڙي
ڪرندا هئا؛ پڳت ڪنوررام، الله رکيءَ ۽ پروفيسر هاساند
جادوگر جو هڪ نه ٻئي مهڙي هڪ هڪ رڪارڊ مارڪيٽ
هوندو هو. گراموفون سنگرس ۾ وڏي ويا هئا: ماڌو ٻي. هيرا
ماسٽر هريرام، ساوتري گدواڻي ۽ ٻيا. ان پوري مهڙي ۾ نوار
پراڻا اڳ نه ٻڌل رڪارڊ ور ور ڪري ٻڌم.

ڪن ٽون سالن کان انهن ئي ڏينهن يعني ڏياريءَ جي
ارد گرد لاهور کان ٽوئرنگ ٿيئٽريڪل ڪمپني به هفتا اسانجي
ڳوٺ ۾ ڊيرو ڪندي هئي. مان ۽ منهنجي همراهن مان ڪو
ڪڏهن ان جو ڪو ناٽڪ ڏسڻ نه ويو. هن سال علي اڪبر سار
مفت ۾ پندرنهن ڏينهن لاڳيتو ناٽڪ ڏنم. انهن ۾ مکيه هئا
ليلا مجنوں، شيرين فرهاد، هير رانجهو، زهريلي ناگڻ، ڪرشن
سداما ۽ ٻلوا منگل. ٿيئٽر جو مالڪ - هدايتڪار ۽ مرڪزي
ڪردار لعل بخش، چار مهنا ذري گهٽ روز فلمن ڏسڻ جي
باوجود، مونکي ڪافي وڻيو. هو سڀو ناٽڪ پنهنجي ٻل بوتي
سان ڪامياب بڻائيندو هو. هن جو گلو به ڪافي سريلو هو. ۽ "ونس
مور" صدا جي اهميت اِها هئي جو اهو راڳ ۽ درشيه، وري پيش
ڪيندو هو. اِن طرح ٽن ڪلاڪن جو ناٽڪ چار ڪلاڪ هلندو هو

ٻئين ٽرم ۾ اهي ئي لاٽون اهي چگهه. ساڻ رهندڙ سائي
سان اهي ئي شغل ۽ سنيمائن جو دؤر. چار انٽر ۾ هئاسين
هڪ انجنيرنگ ڊپلوما ۾؛ ٽيئن جا يونيورسٽي امتحان. مگر پڙهن
اڳا ڪنهن به هڪ کي ياد نه آيو هو......

حشوءَ جي غير حاضريءَ ۾ جا سياسي سرگرميون ۾ ڏاڍو آئي
هئي، سا اڳا جاري رهي......

مونکي هڪ نئين مشغولي ملي وئي، ان جڳهه ئي دراص
اِها مشغولي صرف مونکي نه ملي، ڪيترن ڪانگريسين کي به ملي

جو هُو اَڳينءَ قطار ۾ خالي سيٽ تي ويهي ويو. ساڌورام ڪلهڪ هو، مونکي شاديءَ کان اَڳ ئي پنهنجو پيٽويو مڃيندو هو ۽ ڪڙوڻ نه هوندي به ويچارن ۾ پيو ئي هو. مون پناٽيءَ کي نظرانداز ڪري سمورو وقت هن سان ئي ڳالهايو. ساڌورام، سواميءَ جو ليڪچر ڪڏهن به نه ٽاريو هو ۽ سيڪريٽري مان نڪري ٽڪڙو ٽڪڙو اچي گهٽو ٽٽو مون واري ٽرام ئي پڪڙيندو هو. اَڄ، اَنا ئي چيو، هن جو ان ريت اچي ٽمڪڻ مونکي راس نه آيو. پناٽيءَ جو من ئي من ۾ ڪڙهڻ هن جي منهن جي موڙن ۽ مچڪن مان ظاهر هو.

سولجر بزار ۾ ٽرام ٽرمينس تي ٽيڪي لٿاسين - اڳيان اڳيان ساڌورام، پٺيان پناٽي ۽ هن پٺيان مان. پناٽيءَ منهن ڦيرڻ ڪانسواءِ چيو، "ڪنهن ڏينهن اچج، ضرور." مون ڪو جواب نه ڏنو. هوءَ لٿي، پيٺي. مان لٿس ته آهستي چيائين، "اچج. سگهيءَ پيڻ جو قسم اَٿئي!"

هوءَ ٽرام ٽرمينس تان پٺيان موٽي، اَسان اڳتي وڌي وياسين. ساڌورام چيو، "ڪير هئي هوءَ؟" مون ٿڌو ٿڌو چيو، "ڳوٺ جي آهي. پرٽيل آهي. پار به اٿس." مان پڪساهيءَ چئي ويس. ساڌورام چيو "پار اٿس! پڪ پيءَ تي پيٺي هوندي."

مٽ جي اڳڻ ۾، هُو وڏي وڃي ٻلواٽيءَ جي پير ۾ ويٺو. ليڪچر پورو ٿيڻ تي ٻلواٽي مون سان خوش خيروعافيت ضرور ڪندو هو. هن ڪڏهن مونکي گهر هلڻ جي دعوت نه ڏني، جيتوڻيڪ هنجو گهر مٽ کان سڌ پڌ تي هو. اُن ڏينهن، مونکي پاسيرو ڪري چيائين، "خيال اٿم ڪاڪي کي شادي ڀيڻ لاءِ چوان ايندڙ وئڪيشن ۾."

ڪاڪو يعني منهنجو پيءُ. ننڍي هوندي مان به بابا کي ڪاڪو ڪري ڪوٺيندو هوس. جو پاڻو هڪڙي ڪاڪو ڪري

۾ وڃڻ لاءِ جا ٽرام پڪڙيندو هوس، سا موهني اسٽور سامه
لڳندي هئي. "خدا خدا" ڪندو اهو ٽڪر پار ڪندو هو
هڪ پيرو هوءَ نظر نه آئي؛ دوڪان مان نڪري گهر وڃڻ ل
هئي. هن هلندڙ ٽرام ڏانهن نهاريو ۽ منهنجي دل جي ڌڙڪ
وڌي ۽ سوچيم جاڻ شامت آئي؛ آلي ٽي سامت جو ساهه ڪن
هوءَ گهر جي ڏاڪڻ طرف وڌي ويئي.

پوءِ ۽ پناڻيءَ مونکي پڪڙي ورتو، سوالجر ٻزار ۾ ن،
۾. مان پنهنجي گهران فريئر روڊ تان صدر ڏانئين پنڌ ايند
هوس ۽ مان شروع ٿيندڙ سوالجر ٻزار واريءَ ٽرام ۾ چڙهند
هوس. مان ٽرام ۾ دريءَ واري جڳهه تي ويهي ڪو ناول پڙ
رهيو هوس. هوءَ ٻي ڌڙڪ منهنجي پاسي ۾ ويٺي. چيائين
"شڪر آهي، اڄ مان توکي ياد پيئي آهيان." دل تي گو
ڌماڪو ٿيو. مان سڪوڙجي ويس. هوءَ نه ٿورو پرڀرو سرڪ
۽ چيائين، "وٺ. پڌاءِ، سچ ڪٿان اُڀريو اڄ؟"

مون چوڻ چاهيو، "مان تنهنجي گهر پيو هلان." ٻر چپ
"تنهنجو هوُ ڪيئن آهي؟ منهنجو مطلب، پتي ڊيو؟" هن چپ
"هوُ منهنجو پتي آهي. بدن جو ٿورو پريل آهــي، مگر د
آهي." مان گفتگو اڳتي وڌائڻ لاءِ سوچڻ لڳس. هن چيو، "
جهڙي لڪڙي پهلوان کان هوُ گهڻو چڱو آهي، ٿـو ريءَ تو
ڪي ڇڏي. ٻر هن جي ڳالهه ڇڏ. پنهنجي ڳالهه ڪر. مان تو
ڪڏهن ياد نه آئي آهيان. مان ته گهڻو ڪري توکي روز
ڪندي آهيان."

مان سمجهي ويس. ٽرام جي اڳئين پاسي کان ڪـدر ٻـو
ساڌورام ڪلناڻي وڏيون ٻرانگهون ڀريندو اسان طرف وڌي اچ
رهيو هو. اڳينءَ قطار وٽ پهچي صورت حال سمجهي وي
هن پناڻيءَ طرف ڏٺو، ۽ وري مون طرف ۽ ٽرام هلڻ لڳي ه

انگريزي ڳالهائيندو هو ۽ اجوائي صاحب لکڙي انگريزي ڳالهائيندو هو؛ پنهنجي جا پيرائب ورلي اٽيڊ ڪندو هوس. مان ڪلاس اندر اکين پڌران ڪني سان پڙهندو هوس، ان ڪري ڪن رس معرفت ايپاس پئي ڪيم...... منهنجي ٽن گڏ رهندڙ هم ڪلاسين جي حالت مونکان بدتر ٿي هئي. مون پڙهڻ شروع ڪيو، شاديءَ بعد ناپاس ٿيڻ جي شرمساريءَ کان بچڻ لاءِ. اوچتو، اسان جو فلئيٽ درس گاهه بڻجي پيو. پريم ڊپلوما امتحان ڏيئي ڳوٺ هليو ويو هو. باقي چار سڄ پڄ "چار درويش" بڻجي ڏينهن رات پڙهڻ کي جنبي وياسين.

مان ڳوٺ پهتس ته گهر جي در وٽ ٿي دادن گڏي. هوءَ جڻ منهنجي راهه ۾ اکيون وڇائي ويٺي هئي. کلي چيائين، "سو منهنجي آس پڄي رهي آهي، تون گهوٽ ٿي رهيو آهين."

مونکي ڪراچي ڇڏڻ کان اڳ، پناٺيءَ وٽ وڃڻ جو ويچار آيو. دادن جو قسم وڌو هئائين. اوچتو منهنجي من ۾ هن جي لفظن جو پڙاڏو ٿيو، "ڪنهن ڏينهن اچج، ضرور" ممڪن آهي ڪنهن ڏينهن ساڻورام ڪري چيو هجائين، پوءِ به مون پنهنجي من ۾ چيو، "اهو ڪو ڏينهن، زندگيءَ جي شام جو به اچي سگهي ٿو." پهرين فرصت ۾ مون دادن کي پناٺيءَ ۽ هن سان ٿيل ملاقاتن بابت ٻڌايو. هن چيو، "مان هنکي ڌمهنجي شاديءَ ٿي گهرائڻ جي فائدي ۾ نه آهيان. تو اڳ، ٿي پنهنجي زندگي ڳڙڳڙ ڌاڻي ڪري ڇڏي آهي."

شاديءَ ۾ هفتو پيو هو جو هيڏو سارو گهر اورانهين پرانهين مائٽياڻين ۽ هنن جي ٻارن سان سٽجي ويو. سيني جي مکياڻي دادن هئي. هن جي هر وقت ۽ هر هنڌ هڪل پيئي. شاديءَ کان ٻه ڏينهن اڳ، هنجو گلو گهٽجي ويو. هرڪو هنکي پيو

ڪوٺيندو هو جو ڀائوءَ جي پالڻ ۾ ڏاڍو سائين حيات هو. داد
ئي مٿي کان وٺي بابا کي بابا چوندي هئي. هن مونکي ڪاڪ
بدران بابا ٿي ھيريو هو. پوءِ ته ڀائو به "بابا" ٿي آيو هو.

مون کو جواب ڪونه ڏنو. ياد نه آهي ته منھنجو منھن شر
وڃان ڳاڙھو ٿيو ھو يا نه.

ٻلواڻيءَ وري چيو، "وڏو ور ڏيءَ گھر ۾ وهارڻ بابا جن کي
ڪٺڪي ٿو. تنھن سواءِ، ديوي ڳوٺ رھندي ۽ تون گھڻو وقت
ڪراچيءَ رھندين." پوءِ نهايت آتم وشواس سان چيائين، "مو
شادي ٿي رهڻ بعد به ورهين جا ورهيه برهمچريه پاليو هو."

مون پوءِ به ڪجھه نه چيو. هن منھنجي ماٺ کي شايد آ
رضامندي سمجھيو. هفتي اندر ئي هن بابا کان تاريخ طي
ڪرائي ورتي ٩ جون ١٩٤١. ۽ بابا مونکي ٻڌائڻ ضروري نه سمجھيو
رام ڪرشن مٺ ۾ ئي ٻلواڻيءَ مونکي اها خوشخبري (!) ٻڌائي

۽ انٽر جي يونيورسٽي امتحان ۾ باقي چوڏهن ڏينهن پيا هئا
مان گويا اونگھه ننڊ مان سجاڳ ٿي ويس. مون پڻ ٿي ڪتاب
اٿلايا ئي نه هئا. ريگيولر پيرئڊ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جا اٽيند
ڪيا هئم. هو راڳ ڳائي ٻڌائيندو هو، ان ڪري. پڙهڻ ۾ پروفيس
ڪنيارا کي وديارٿي ستائيندا هئا، اهي گھڻو ٽٽو اٽيند ڪند
هوس. پروفيسر ڪنيارا جو ڪجهڻ ۽ آڀي کان ٻاهر نڪرڻ ڏسڻ لا
باقي پروفيسر ڪيولراماڻي، جھنڪي سدائين اڇيءَ ڊريس ۾ اچ
ڪري، وديارٿي ھنڪي وائيٽ هارس ڪري سڏيندا هئا، هنج
انڊڪٽو لاجڪ ٿوري سمجھه ۾ ايندي هئي. ڊڊڪٽو لاجڪ وڌيڪ
سمجھندو هوس جو پروفيسر جڳنداڻيءَ جو پاڙهڻ جو ڍنگ
سڪولي ماسٽر جھڙو هو. انگريزيءَ ۾ پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي
جا پيرئڊ نت نيم سان اٽيند ڪندو هوس جو هو ڪنگ لي
ناٽڪي انداز سان پاڙهيندو هو. ٽموٽ آڏواڻي (ٽي. ايم.) اوچ

مونکي اَج ٽوڻي پوري خبر ڪانهي، باقي پورو هڪ ڳڻان ڄاڻي ڇاپ ٻيڻو جو خلاص ٿيو جڏهن سان سؤ ٻارنهن پوڻلون ٽن ڏينهن ۾ آڳرين تي ڳڻڻ جيترن شخصي مهمانن پيتيون! اِن لاءِ جوابدار، منهنجي هڪ مهمان پدعيدن جي گرمڪ، پديائيءَ جـي چوڻ موجب جون جي ”هئبتناڪ“ گرمي هئي!!

”سهاڳ، رات“ بابت منهنجا منڍ کان وٺي وڏا انسنا رهيا هئا. مون پنهنجيءَ منگيتر سان مڱڻي طيءِ ٿيڻ کان اڳ، شڪل ٻ نه ڏٺي جو رومانوي پڙنگ سان ڪي پڙهيل، ڪي فلمن ۾ ڏٺل ۽ ڪي پنهنجيءَ ڪلپنا سان رٽيل ”سهاڳ، رات“ رنگين بدائڻ ٿي چاهيم. وڃڻيءَ تي ٻ، هوءَ بند مهن سان ئي وٺي. مگر ٿيو اهو ئي جو ڪوريءَ، نه، منهنجي سالي پروفيسر پلواڻيءَ جي من ۾ هو. هن ٻيڻ کي پاڙهي پڪو ڪري موڪليو هو ته جيستائين مون ڪاليج جي پڙهائي پوري نه ڪئي آهي تيستائين هوءَ مونکي هر طرح ارهمچاري رکندي.

دادن ۽ منهنجون ٻيون مائٽياڻيون هڪي کڏ تي بن مهدن اندر خاص جوڙايل ۽ سجايل ماڙيءَ تي چڙي در بيڪڙي ٿهڪ ڏينديون هليون ويون. هن ڪمري کي ڪڙو نه ڀاٽو، ٽپائيءَ تي رکيل شمعدان وسائي ڇڏيو. ۽ ڪٽ تي پـت واري پاسي منهن ڪري سمهي پئي. مان سهمجي ويس. مان ڪڪ پڇي ٻ نه ڪندڙ شخص، شمعدان ٻارڻ سگهيو ئي نه هوس!

منهنجو بدن ڏڪي رهيو هو. همت پڌي، ڏڪندڙ هٿ هن جي ڪلهي تي رکيم. ڪا پڄاڻيءَ جي لهر ٻوڙي وئي منهنجي بدن مان؛ وڏيڪ ڪنبڻ لڳس. ڪنبندڙ آواز ۾ چيم: اَج سهاڳ، رات آهي. هن الائي گهڻا پيرا دل ئي دل ۾ دهرايل جملو چيو: بدن ۾ بيحد سور اٿم. ٿڪل آهيان. الائـــي ڪيئن لفظ زبان ۾ اٽڪيل رهيا: ٿڪ پچان ڏنهنجو؟

چيڙائي، ”ٻڙي گھوٽ ماءُ.“ ھن جو وس ٻڌي ھـا تہ گھ
ماءُ بہ ٻڌجي پوي ھا پر أديءَ جو ننڍي ھوندي مونکي
پاليو ھو ۽ مونکي گود جي پٽ ٻڌائڻ جي ڪوشش بہ ڪ
ھئي سا پنھنجي حق تان ھٿ ڪڻڻ واري نہ ھئي. ڇاڪا
ڏوراڻي ٻاجائيءَ سانگي گوبند جي ڄڃين تي ماءُ نہ ٿيس.

گھر جي اوطاق ۾ صرف چونڊ مرد مھمان رھايا ويا- منھ
پيڻويو ۽ اھڙ رڇومل، أديءَ جو گود جو پٽ جيٺو،
پقات ھريو ۽ ٽيڪو جو ڪرڙوڻ ھوندي بہ ھرڪنھن لاءِ ٽيڪ
ئي ھو. شاديءَ جي ڪوٺي (شاديءَ جي منائيءَ ۽ ننڍي
ننڍي گھريلو شيءِ شڪل جو پنڊار) اسان جي گھر جي ڇوٽي
شاديءَ تي بہ انھن پيڙھي اُن جي ماڪوڙو ماسات ٽيڪ
ئي سنڀالي.

منھنجي شاديءَ تي آيل مرد مھمانن ۾ گھڻو خو
ٽيڪوُ ئي ھو. اوطاق جي ڪوٺي، ھن جي ڪري، شاد
جي ڪوٺي بہ بڻائي وئي ھئي. رڌ پچاءَ پرئين واڙي ۾ ت
أتي جو مکي ھو، جيٺو. جيٺو جو سڪوُلي جيوت ۾ اڙ
رھيو ھو سو ”ڪيولرام ٽوپڻداس“ فرم ۾ مرادي سنڀاليند
اڙ رگھ ٻڌجي چڪو ھو.

ٻيا مھمان اسانجي پنھنجيءَ ٻيءَ اوطاق ۽ ماسترمولچ
جي اسان جي پرئين واڙي لڳ شاھي اوطاق ۾ رھايا ويا
منھنجي ٻاھران آيل مھمانن لاءِ خاص اوطاق اسان جي ش
جي اوطاق پرسان ”ننڍي جڳھہ“ ۾ ڪئي وئي ھئي. ھاماسوا
ڏنل جڳھہ ٻابا شاديءَ جي تاريخ طيءِ ٿيڻ شرط خالي ڪر
رکي ھئي. اُن تي شاديءَ کان چار ڏينھن اڳ علي اڪبر
قبضو ڄمايو ھو.

منھنجي شاديءَ ۾ وسڪي يا ديسي شراب ڪيترو ھ

چئن ڏينهن کان پوءِ انٽرآرٽس جي رزلٽ نڪتي. مون
...ار جو انتظار ڪيو، مگر اُها نه آئي. رات جو بابا پڇيو، ”ٽـار
...آئي؟“ ماں پاڻ جيان بي اختيار سڏڪا ڀري روئڻ لڳس.
...ابا مونکي ڇاتيءَ سان لائي چيو، ”ڪا ڳالهه ڪانهي. مند ڪري،
...ڙس سلامت رهيو ته بي مند سڌري پوندي......“

. منهنجي اکين اڳيان پيو نظارو ڦري آيو. ڀائـوُ شاديءَ بعد
...ٽرڪ جي امتحان ۾ ناپاس ٿيو هو. هو اوطاق جي اڱڻ ۾ کٽ
...ي ليٽيو روئي رهيو هـو، ٻاهر گهٽيءَ ۾ ٽلسي مونـکي چئي
...هيو هو، ”پٽر ڏيندي به زال جو ٿي سوچيندو رهيو هوندو.“

اُن رات...... ڀاڄ جي اُپديش مٿان پٽيءَ سـان همدرديءَ
...يار جو روپ ورتو ۽ اُپديش مٿان مڪمل جيت پاتي.

ٻئي ڏينهن، الائـي ڪيئن منهنجي مـن ۾ گوتورام جي
...ڪاٽي ۾ لالي سان ملڻ جو ويچار آيو. ماں بزار جي منهن وٽ
...ي هوس جو سليمان يوسف مون تار وٺائيندي چيو، ”ديوان،
...رچي هلاءِ.“

عين اُن وقت بابا به ٽڪاڻي جي طرف کـان آيو. چوندو
...يو، ”پاس جي تار آهي! گرنٿ صاحب ماں وچن به ڪاميابيءَ
...جو نڪتو......“

اُن رات ديوي خوش، مگر نباهيائين ڀاڄ سان. هوءَ ڀرپا به،
...چا به ٿي سال ڀاڄ جي اُپديش ۽ پٽيءَ جـي تمنا وچ ميزان
...ڪندي آئي. درحقيقت هن ڪي هر تضاد ۽ هـر وواد ۾ ميزان
...ڪڻ جو عجيب ۽ اڻرائتو ڏانءُ رهيو، عمر ڀر......

ڪراچيءَ وڃڻ کان هڪ ڏينهن اڳ لالي وٽ ويس. گوتورام
...ي ٽڪاڻي جي ورانڊي ۾، هريءَ ۾ ڪٽوليءَ تي سمهيو پيو
...و. مون وڃي ليٽيل لالي جي ٻنهي پيرن تي هٿ رکيا. ڇرڪ
...يئي، چيائين، ”ڪنهن جو اُٺو ڪٿو آهي؟“ مون کو جواب نه

صبوح جو گرمک ٻڌائيءَ چيو، ”تنهنجون اوجاڳيل اکيون ۽ ٻرا حال ٻڌائن ٿا تہ سهاڳہ رات خوب ماڻي آئين؟ ٻاٻي ڪيئن آهي؟

مونکي اُسر جو ننڊ ڪٽي ويئي هئي. جڏهن هوءَ آئي هئي، مان گهري ننڊ ۾ هوس. سج چڙهئي، دادن اچي اُٿاريو هو، مونکي. هن چيو هو: ناريل تہ ڀڳو ئي ڪونهي. پوءِ گويا پنهنجو پاڻ کي چيائين، ”ڪا ڳالهہ ڪانهي. مان ٿي پڇان. مزمانن کي، خاص ڪري زالن کي خبر پوڻ کپي تہ ناريل ڀڳو آهي.“

ان وقت مونکي ناريل ڀڃڻ جي رهسيہ جي ڪا سڌ نہ هئي.

مان تہ اهو بہ پاڻي نہ سگهيو هوس تہ منهنجي وني گوري هئي، ڪاري هئي يا سانوري هئي.

مون گرمک کي چيو، ”ڪنوار سانوري آهي.“ الائي ڪيئن نراسائي اوتجي آئي هئي منهنجي آواز ۾. مون پنهنجو گلو بہ گهٽيل محسوس ڪيو هو.

ڳوٺ جي هڪ ئي وڪٽوريا ۾، مان، ۽ گهونگهٽ ڪڍيل ديوي ويٺا هئاسين ۽ اسان جي اڳيان واري سيٽ تي ويٺو هو ننڍو سالو لاڏڪ. مان سٿاوڙي تي ساهري وڃي رهيو هوس. وڪٽوريا هلڻ واري هئي جو گرمک، ڪن جهڪائڻ لاءِ چيو. ڪن ۾ چيائين، ”هٿن مان صاف ظاهر آهي تہ ٻاٻي گوري آهي نہ تہ بہ ڪڻڪ رنگي ضرور آهي. ڪا تسلي محسوس ڪئي، منهنجي تن من!

ٻن ڏينهن ۾ ديوي اَمان، اديءَ، داديءَ، ٻاپيءَ ۽ دادن جي دل ۾ پيهي ويئي. رهيل مزمانڻيون بہ چوڻ لڳيون، ”سادي آهي، هٺ وڏائي ڪونهيس، هڏ ڀڳل آهي......“

انهن راءِ زنين بہ تسلي ڏني. جيءُ پوءِ بہ جهريل رهيو.

سڏيندو هو. مون کي ڏسي چيائين، ”ننڍا ماما، هن سال ڪٿي رهندين؟“ مون چيومانس، ”في ڀرڻ وقت پنهنجي ڪاليج يا ٻئي ڪاليج جا پيپر ڳولهيندس. پوءِ نه ڪري پونداسين To Let مڪانن جي تلاش ۾.“ تن ڏينهن جنگ جي ڪري To Let جا بورڊ جت ڪٿ ڏسڻ ۾ ايندا هئا. هن چيو، ”في ٻئي گڏ ٿا هلي پڙهون. تون انٽر پاس ڪري ٿو ايل. ايل. بي. پڙهين. مان بي. اي. پاس ڪري ٿو ايل. ايل. بي. پڙهان. خيال اٿم مان ته گهر ۾ نه رهي ڪٿي ٻاهر رهان. لا ڪاليج پرسان طوطارام هنگوراڻيءَ جي نئين جڳهين ۾ هڪ فليٽ ڏٺو به اٿم. في پوري هل نه ٿو ڪي به ڏيکاريائون. جي پسند اچيئي ته ٽي ڄڻا گڏ رهنداسين. مان ۽ منهنجو دوست ٻهراڻين ڪمري ۾ ۽ تون پنهنجين ڪمري ۾. مسواڙ جا ٽي حصا ڪنداسين......“

هن ڳالهايو پئي، مون دل مان پئي هنيو. هن ڳالهائي پورو ڪيو ته مون به اڳين همراهن کي دل ئي دل ۾ خيرآباد چئي ورتي. ”جي هيءُ بي. اي. پاس ڪرڻ بعد به ايل. ايل. بيءَ ڪري ٿو گنڀيرتا سان ٿو وٺي جو گهر ۾ نه رهي گهر کان ٻاهر ٿو رهي ته مونکي به ريل ڇيل جي زندگيءَ کان ڪنارو ڪرڻ کپي ......“ مون چيو، ”ٺيڪ آهي. هن سال تون، تنهنجو دوست ۽ مان گڏ رهنداسين. پر تنهنجو اهو دوست ڪهڙو آهي؟“

هوُ پنهنجي دوست جي ساراهه ۾ جڻ قصيدو چئي ويو. ۽ مونکي شاهه جي لفظن ۾ سهڻيءَ جو ميهار جو ڪٿن ياد اچي ويو:-

ساهڙ منهنجو سرتيون جي ڏسو سيوئي،
منهان اڳيئي گهڙو سڀ گهڙا ڪٺي.

هن جو دوست قداور هو، ٺاهوڪو هو، ماهر هو، ڇا ڇا نه هو؛ شانتيڪيتن مان بي. اي. پاس ڪئي هئائين ۽ پنهنجي شاديءَ تي طيءِ ڪيل تاريخ کان هڪ ڏينهن پوءِ پهتو هو!“

ڏنو. هوءُ اُٿيو، ڪپڙو ٽپي هريءَ کان ٻاهر نڪتو. اڳ سن
سيڪڙو هو، هاڻ ڏري ڪندا ٿي ويو هو. ٻي نور نگاهون مو
طرف اُچليائين. پوءِ چيائين، "گرهست آشرم ۾ گهڙئين نه؟ ٻاس
ڏٺئين نه؟" مان سمجهي ويس. ٻاٻا لالي کي هر ڳالهه کان واقف
ڪندو رهيو آهي. مون هٿ جوڙي چيو، "آسيس ڪريو.
هن ڏڪندڙ هٿ سان منهنجا ٻڌل هٿ الڳ ڪيا ۽ چيو
"آسيس لالي کي ڪجي." پوءِ صفحي طرف منهن ڪري گو
گروجن کي چيائين، "شڪر تنهنجو مالڪ پر هلائج پنهنجي
هلنديءَ، ڪنهنجو محتاج نه ڪجءِ." مون ڏانهن منهن ڪر
چيائين، "ڪر ٻلو ته ڏٺيئي ٻلو." هو ڪپڙو ٽپي وري هري
اندر گهڙڻ لڳو. چيائين، "ٻهل ٻيئندو وڃج." مار، لال
ايڏو ڪاري جو ڪانگي هوءُ اچا. هن لاءِ مشهور هو ته هوءُ گ
ٻاٻي جي هندوري جي پاون کي لوڏي ۾ ٻاٽي پري اُن سا
ڏوئندو هو ۽ اهو ٻاٽي لوڏي واري پاٽيءَ سان ملي پهل ٻڻج
پوندو هو ۽ اِهو ٻه ٻڌبو هو ته لالي جي پهل جو هڪ چمچو
دوکين لاءِ امرت هو......

جيستائين ڪنهن فلئٽ ۽ همراهن جو بندوبست ٿئي تيستائ
مان ڪراچيءَ وڃي اديءَ وٽ لٿس. درحقيقت ادي ٻه مو
سان گڏ ٿي ڪراچيءَ آئي.

ٻئي ڏينهن شهاڻي لا ڪاليج ۾ في ڀرڻ لاءِ ٻڦاٽن جـ
ڪوٺيءَ ڏان ڪمشر ڪان ٻئسا ٻئي ورتم ته ليکو ٽلسياڻي گڏ
هوءُ ٻه پيسا وٺڻ آيو هو. هنن جا ٻيسا ٻه اسان وانگر ڪوٺي
ٿي رکيل هئا. ليکو منهنجي ٻڦاٽن جو ٻڦاٽ هو. انهيءَ ڪر
ٻه ٽي دفعا هوءُ اسان جي گهر آيو هو. شڪل جو سهڻو، س
جو رلڻو ملڻو، مون کان وڏيڪ هو منهنجي ٻيءُ ٻاءُ سان گها
مائل هو. اسان جي ٻڦاٽن جيان هنن کي "ماما" "ماما" ڪر

کنهن جي اچڻ تي کلندي هئي.

ليکوُ ماني گهر کائڻ ويندو هو. مان ۽ سويو مون واري ڪلب ساهتي ڪلب ۾ کائڻ ويندا هئاسين - الڳ الڳ وقتن تي. ها، صبوح جو مان ٿورو پريون ايراني ريسٽارنٽ ۾ چانهه پيئڻ ويندو هوس. موٽي ايندو هوس ته، ٻهرئين ڪمري ۾ اچا تائين ٻنهي دوستن جا ڏند يا ٽهڪون چالو هونديون هيون. مان اچ وڃ اڪثر پٺين دروازي مان ڪندو هوس. هوُ ڪير ٻي ڪاليج هلندا هئا. مان سنان ڪري، ڪتاب کڻي ۾ ڪري ڪاليج وڃڻ کان اڳ ايراني ريسٽارنٽ ۾ ڪيڪ سلائيس کائيندو ۽ چانهه پيئندو هوس.

پڙهڻ جو سويي کي غضب جو شوق هو - ٿلها ٿلها ڪتاب آڻيندو هو. ڪاليج مان نڪري پڙهڻ شروع ڪندو هو، رات جو دير دير تائين پڙهندو رهندو هو. وچ ۾ شام جو ٻه ٽي ڪلاڪ گهر مان ٻاهر نڪرندو هو ۽ ان وچ ۾ هو ڪلب مان ماني کائي ويندو هو.

مان پنهنجو پاڻ ۾ پورو گهٽو ٽٽو پوئين ڪمري ۾ ليٽيو سوامي شوانند جو گيتا جي انگريزيءَ ۾ سمجهاڻيءَ وارو ڪتاب پڙهندو رهندو هوس ۽ شام جو منڪليو روڊ تي گهمڻ ويندو هوس يا رامڪرشن مٺ ۾ هليو ويندو هوس. ليکوءَ جي سويي سان ايتري گهرائي نظر نه آيم، جنهن جي هن جي اچڻ کان اڳ ليکوءَ هام ٿي هڻئين. مون ائين ٿي سمجهيو ته شايد ٻه ورهه شانتينڪيتن جي شانت واپومنڊل ۾ هوُ گنڀير ۽ گهٽ ڳالهائو ٿيو هو. مون سان سويو ٻن ٽن ڏينهن ۾ هڪ اڌ دفعو بلڪل ضروري ڪم سان ڳالهائيندو هو. مان هنن ٻن جي وچ ۾ پاڻ کي اڌارو اڌارو محسوس ڪرڻ لڳس. ٻه ٽي لڳا ته مونکي دل ۾ آيو، "ناحق هنن سان گڏ رهيس. جيوت مان جس ٿي نڪري

۽ هنجي دوست جو نالو هو، سوڀو گيانچندائڻي.

ليکوءَ منهنجي من ۾ هن جي اچڻ کان اڳ ئي هن لاءِ عجيب ڪشش، شردا جي حد تائين، پيدا ڪري ڇڏي هئي. ۽ هو هئو به ڏسڻ شرط دل ۾ ويهي وڃڻ وارو. هن جي ڪسرتي بدن قدبت ۾ مونکي سڀ کان وڌيڪ وڻندڙ لڳو هنجو نڪ. الاهي ملڪ گهمندي، بيشمار نڪ ڏسندي به، سوڀي جو نڪ اڄ تائين پنهنجو مٽ پاڻ رهيو آهي- جسماني طور به ۽ آدرشن کي اوچل ۽ اوچ رکڻ لاءِ.

پهتو، داخلا جي آخرين تاريخ تي رات جو.

مونکي ۽ ليکوءَ کي پرنسپال پي. پي. آڏواڻيءَ کي هڪ ڏينهن جي اوير نظر انداز ڪرڻ لاءِ مڃائڻ ۾ اَڌ منو ڪلاڪ لڳي ويو!

مان ڪنهن سان گهرو ٿيڻ ۾ ڪافي وقت وٺندو آهيان ۽ گهرو ٿيڻ بعد اُها گهرائي عمر ڀر هلندي آهي. سوڀي جي حالت ۾ به ساڳي ڳالهه ٿي.

هن جي اچڻ کان اڳ ئي، هن جي پسندگيءَ جو ويچار ڪري اَسان ڪٽن کي تلانجلي ڏيئي ڇڏي هئي. اڳيئن ڪمري ۾ ٻه تڏيون ۽ ٻه آرام ڪرسيون، ڪپڙي جون فولڊنگ ۽ پٺيئين ڪمري ۾ هڪ تڏي ۽ هڪ ساڳئي قسم جي آرام ڪرسي - بس اِهو هو اَسانجو فرنيچر.

ڪپڙا به ٽنهي جا هڪ سريکا رهيا - لنبو ڪڙتو ۽ سوڙهن پاچن وارو پاجامو. سوڀو گنجي نه پائيندو هو ۽ گهر گهڙڻ شرط ڪڙتو ۽ پاجامو لاهي، صرف لونگي ٻڌي آرام ڪرسيءَ تي ويهندو ۽ ليٽندو هو. ليکوءَ جي گهر ۽ ٻاهر جا ڪپڙا الڳ الڳ هئا. مان مُدي کان وٺي هڪ وڳو ڏينهن رات پائڻ تي هري ويو هوس. مان اڪثر تڏيءَ تي سمهو يا اَڌ ليٽيو رهندو هوس. آرام ڪرسي

ڏي، مان پڪ سان نٿو چوان، صوفي پڻو به اوچ نيچ کان مٿي آهي، پر مان سمجهان ٿو، اڄ جي سائنٽيفڪ زماني ۾ سائنٽيفڪ حل ٿيڻ کپي. اهو آهي "مارڪسواد." هو منهنجي ڪي چوڻ لاءِ نه ترسيو. اٿيو، مون وارو ڪتاب آرام ڪرسيءَ تي ڇڏي ويو، وري آيو. هڪ ڪتاب مون ڏانهن وڌائي چيائين: هيءُ پڙهي ڏس. مون ڪتاب ورتو، ڪتاب جو عنوان هو Man's Worldly Goods. سو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

ٻئي ڏينهن صبوح جو هن مونکي ننڊ مان اٿاريو ۽ چيو، "گوبند، اڄ کان تون به اسان سان ڪسرت ڪر. صحتمند من لاءِ صحتمند تن ضروري آهي." هوءُ ايئن ڳالهائي رهيو هو گويا هنجي مون سان به اهڙي گهرائپ هئي جهڙي ليکوءَ سان.

مون به بي اختيار چيو، "منهنجو من ڪافي صحتمند آهي."

هينئر ليکوءَ چيو، "ڪسرت سان وڌيڪ صحتمند ٿيندءِ."

سوڀي چيو، "جڏهن گڏ رهڻ لڳا آهيون تڏهن عادتون ۽ مشغوليون به هڪجهڙيون هئڻ کپن. لاهه ڪپڙا. اڄ پل ڪپي سان ڪسرت ڪر. شام جو ڪوڙي باغيچي مان تنهنجي ماپ جون لنگوٽيون وٺي ايندس......"

اُن ڏينهن کان ڪسرت ۾ مان هنن جو ٽيون ڀيڄي ٻڻجي پيس. هفتي جي اندر اندر سوڀي ۽ منهنجي وچ ۾ اهڙي گهرائپ ٿي وئي جڻ ورهين کان هڪ ٻئي سان گڏ رهيا هئاسين.

هن مونکي ڪراچي سٽوڊنٽس يونين ۾ ٻا گهر ۽ ڪاليج مان ٻاهر چست رهڻ لاءِ ڪڏهن به نه چيو. هڪ ڪتاب پڙهي رهڻ بعد ٻيو ڪتاب آڻي ڏيندو هو. هڪ دفعو پروفيسر گهنشام شوداساڻيءَ جي ڀاءُ ڊاڪٽر وشنداس شوداساڻيءَ وٽ وٺي هليو جنهن وٽ ڪتابن سان ڪٻاٽ سٿيا پيا هئا. هوءُ به ڪاٻي وڏار ڏارا رکندڙ ۽ ليفٽ ونگ ڪلب جا ڪتاب پڙهندڙ هو.

ويو ......" مونکي ٻاهرئين ڪمري ۾ ڪو ڪم نه ٿيندو هو،
هن کي سنان پاڻيءَ، ڪپڙن ڪڍڻ ۽ ضروري حاجت لاءِ
منهنجي ڪمري مان لنگهي وڃڻو پوندو هو. ليڪن ايندي
ويندي هڪ جملو ڳالهائيندو هو، سو ٻيو چپ چاپ اوت موٽ
لنگهي ويندو هو.

هڪ ڏينهن لڙي منجهند جو......

مان ننڊ مان اٿيو هوس؛ مگر اڃا تائين چٽائيءَ تي ليٽيو
پيو هوس. ٻنهي ڪمرن جي وچ واري دريءَ مان سوڍي جو
آواز آيو. هو ٻاهران موٽيو هو.

"هيءُ تنهنجو مائٽ ته عجيب آهي. اڄ سڌ پيم ته حشوءَ
ڪيولراماڻي جي ڏينهن ۾ سٽوڊنٽس يونين ۾ ڪافي چست رهيو
هو؛ حشوءَ جي ڪيس جي پوئواريءَ ۾ به هيءُ پڻ ڪان اڳرو
رهيو هو؛ هاڻ گم سم ويٺو آهي ۽ پڙهندو آهي شوانند سواميءَ
جو ڪتاب Socialism through Geeta گيتا وارن ڇگو عجيب
نعرو ڏنو آهي، گيتا جي شردالن کي Reactionary نعرو ۽
تنهنجو مائٽ، اها ته اڄ سڌ پيم اردوءَ جي ترقي پسند اديبن
جون رچنائون ترجمو ڪري "سندو"، "چونڊس" ۽ ٻين مخزنن ۾
ڇپائيندو آهي. ترقي پسند ادب ۽ گيتا - ڪهڙو لاڳاپو آهي،
انهن وچ ۾؟ تنهنجو مائٽ سچ پچ عجيب آهي."

مان اڌ منو ڪلاڪ پنهنجي عمرير جي عجيب پٽي تي سوچيندو
رهيس. اٿيس، هٿ منهن ڌوئڻ ويس. ڪمري اندر واپس آيس
ته ڏٺم ته سوڍو منهنجي ڪمري ۾ منهنجي آرام ڪرسيءَ تي
ويهي شوانند جو گيتا تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب اٿلائي پٿلائي رهيو
هو. چيائين، "ظاهر آهي توهان سوشلزم ۾ مڃين ٿو، سماج ۾ طبقن
جي تفاوت جي خلاف آهين ۽ انڪي مٽائڻ جي تمنا به ڪرين
ٿو. سوال آهي، ڪهڙو طريقو اختيار ڪجي؟ گيتا ته ٿي سگهي

واري دروازي وٽ سب انسپيڪٽر خانگي ڊريس ۾ ٻن وردي ڀريل پوليس وارن سان بيٺو هو. نانڪ به منهن پلڙو ڪري هنن ٻنهي وچ ۾ بيٺو هو.

مسلمان سب انسپيڪٽر ٺڪڪيءَ مان پڇيو، "هنجي بئگ ڪٿي آهي؟" مان ڏڪندي به سمجهي ويس. چيم، "مون سان هلو." ٻيرئين هلندي سڀ وديارٿي مٿي هئا. ڪو گوڙ گهمسان ڪونه ٿيو. صرف پرنسپال پي. ٻي. آڏواڻي بيٺو هو. هو مون ڪان وڌيڪ پريشان هو. پوليس ڀري هيٺ رنڌڻي ۾ چمڙي جي بئگ مون به ڀريون دفعو ڏني. سب انسپيڪٽر پڇيو، "چابي تو وٽ آهي؟" مون همت ٻڌي چيو، "مون وٽ ڪانهي. مون بئگ ڀريون دفعو ڏني آهي." ان وچ ۾ نانڪ چابي ڪيڏي هٿ ۾ جهلي هئي. سب انسپيڪٽر چيو، "جي چابي هجئي ها ته چوريءَ ۾ پاڳيواريءَ جي جرم ۾ گرفتار ڪريانءِ ها. هينئر به چوريءَ جي مال ليڻ جي جرم ۾ گرفتار ڪري سگهانءِ ٿو. پر ڪريانءِ نٿو. پوءِ پوليس واري کي چيائين، "بئگ کڻ هلو." نانڪ روئڻ لڳو هو. مونکي چيائين، "ضامن ٿـــا گهرن. تون منهنجي چاچي وٽ وڃ، مهرباني ڪر." رميش چيو، "سچ ٻڌائين ها ته هيءُ ممڻ نه مچي ها. پوءِ به آءٌ ائم ساري." سو پيو آيو هو، ان وچ ۾ هنن جي وڃڻ بعد چيائين، "کهڙا کهڙا دوست تو رکيا!" مون ڪو وات مان هڪ لفظ نه ڪڍيو.

نانڪ جو چاچو نارومل سيٺي وارو گاڏي کاتي ۾ مشهور هو. مون هنکي ٻيرائتي ڳالهه ڪري ٻڌائي. هو گلي تان اٿيو، ٽانگي ۾ مونکي وهاريائين. سٽي پوليس جو سب انسپيڪٽر هنجو مائٽ هو. هن چيو، "واردات جي جڳهه صدر پوليس سٽيشن جي حد ۾ آهي. پوءِ به مان ڪوشش ڪريان ٿو."

مون سمجهيو، منهنجي جند ڇٽي. اوچتو ڪورٽ مان شاهديءَ

هڪ ٻيو فرق اِهو هو. هوءَ جو سوير لڙيءَ منجهند کان غائب ٿي ويندو هو، سو هت پنهنجي ڪمري ۾ رهڻ لڳو- وديارٿي ۽ اُتساهي جوانن لاءِ شام جو هن جو ڪمرو اوطاق بڻجي پيو. سوير، گويا هن کي سياسي سبق سيکاريندو هو. انهن سياسي ڪلاسن ۾ سوير مونکي سڏي پنهنجي ڪمري ۾ وهاريندو هو.

اُن وقت هڪ عجيب گهٽنا ٿي گذري. منهنجي ڳوٺائيءَ همڪلاسيءَ ۽ انٽر آرٽس جي روم ميٽ نانڪ کٽواڻيءَ جونيئر بي. اي. ۾ داخلا وٺڻ بعد رميش جابلاڻي نالي واري وديارٿيءَ سان گڏ تاج محل سئنيما پنيان رهڻ شروع ڪيو هو. رميش وري منهنجو هم ڪلاسي ٻٽيو فرسٽ ايل. ايءَ ۾. نانڪ سان منهنجي گهرائپ گهٽجڻ لڳي. هڪ ڏينهن، اوچتو، مونکي ساهتي ڪلب ۾ مليو. چيائين، "رميش مون کان اُڌارا ورتل پيسا نٿو ڏئي، اُن ڪري مان هن جي بئگ کڻي تنهنجي گهر ڇڏي آيو آهيان. رميش پڇيئي ته نه ٻڌائج." گهر آيس ته، سوٽيءَ ٻڌايو، "تنهنجو هڪ مِتر بئگ ڇڏي ويو آهي، مون اسٽور روم ۾ ٻين بئگن سان گڏ رکائي ڇڏي آهي." اُن شام جو رميش اچي مون وٽ سهڙيو. پڇيائين، "نانڪ منهنجي بئگ تو وٽ رکي ويو آهي؟" مون سموري سگهه سهڙي هڪ اِي لفظ ۾ چيو، "نه". رميش چيو، "ٻڌ. جي تو وٽ ڇڏي ويو آهي ته سچ ٻڌاءِ. نه ته مان وڃان ٿو پوليس ۾." پوليس نالو ٻڌي مونکي ڏپ ضرور ٿيو پر پوءِ به دل ٻڌي چيم، "مونکي بئگ جي ڪا به خبر ڪانهي." ٻئي ڏينهن صبوح جو ڪاليج هلندي اُسي ڪلاس ۾ رميش آيو ۽ چيائين، "هيمت سب انسپيڪٽر آيو سڏائي."

مان ڊڄندو ڊڄندو هن سان هيٺ لٿس. ڪاليج جي مهڙ

ملندي ئي، ڳوڙها ڳاڙيندي هنگوراڻي بلڊنگ ۾ هلي آئي. رئندي امان جي ديهانت جو ٻڌايائين. چيائين، "جيئنو ته بمبئيءَ آهي. اڄ جي ڪوئٽيا ميل ۾ تون هلندين؟ نه ته مان اڪيلي..." مون چيو، "مان هلندس." مونکي ٿورو ڏک ٿيو، بابا وٽان ڪنهن احوال نه اچڻ جو. مان هڪڙين واري ڏينهن ٽي گهر پهتس. ڏٺم، بابا مڇون ۽ وار ڏنا هئا؛ پاڻ نه ڏنا هئا، شايد نوڪريءَ تي وڃڻ جي لحاظ کان. مون رئندي ضد ٻڌو، "مان وار ڪوڙائيندس. هوءَ منهنجي به ماءُ هئي." ڏک ۾ به بابا حيران ٿي ويو! امان جيتري هئي ته منهنجو هن سان ظاهري لڳاءُ نه جهڙو هو - هڪ ته مان اديءَ وٽ رهيو ننڍو هوس - ننڍي هوندي. ٻيو ته پاڻ جو لاڏلو رهيو هوس ۽ ڏاڏن ڀـ، هئي ئي امان سان ڳالهيون ڪرڻ يا هن کان ڳالهيون ٻڌڻ جي وهي ۽ وقت نه رهيو هوم. هڪ ٻه دفعو امان سان اٽڪيو ٻـ، هوس، دل جو ڏيل سيلاب، اکين ذريعي اٿلجي آيو هو. مامو اوچيرام وٽ ئي آيو، هو گروائي اچاري رهيو هو. هن مٿو ۽ ڏاڙهي مڇون ڪوڙايا هئا. هن مونکي ڀاڪر پائي جذباتي آواز ۾ چيو، "مونکي اديءَ سان تنهنجي ڳجهي لڳاءَ جي سڌ آهي. پر ڏک ظاهر ڪرڻ لاءِ وار ڪوڙائڻ ضروري نه آهن،" هو ٻارن جيان رئڻ لڳو.

سوڀي سان منهنجي گهرائپ ان وچ ۾ ڪافي وڌي ويئي مون واري ڪمري ۾ رهڻ لاءِ چوٿون پيهڙي ٻـ ملي ويو هو. راڌاڪرشن. هو ڪافي وڏيءَ عمر جو هو، پر شادي ڪانه ڪئي هئائين. هو پنهنجي رسوئي پاڻ ناهيندو هو. اسان جي به چڱي سار سنڀال لهندو هو. سوڀو وري پنهنجيءَ ۽ اسانجي صحت جو خاص خيال رکندو هو. رات جو منهنجي خرچ تي آنڊل باداميون پسائي رکندو هو. ٽن ڏينهن ۾ باداميون چڱيون سستيون هيون.

جو سمن آيو. جاچ ڪيم ته، خبر پيم ته، نانڪ جي مائٽ سب
انسپيڪٽر ۽ صدر سٽيشن جي سب انسپيڪٽر ملي رميش جي
رپورٽ ڪئي سي ڪئٽيگريءَ ۾ وڌو هو ته رپورٽ ٻنهي ڪوڙي
آهي. صدر پوليس انسپيڪٽر جو ڪيسو گرم ڪيو ويو هو. الٽ
رميش تي ڪيس ڪيو ويو هو. سٽي مئجسٽريٽ شيخ مير محمد
نالو هوس. هُو سهڻيءَ سمجهي ويو ته ٻارن ڪئي آهي ٻاراٽي
۽ پوليس اُن جو ٻنهي پاسين فائدو وٺڻ چاهيو آهي. مڪيه شاهد
طور منهنجو نالو هو. اُن وچ ۾ نانڪ جي پيءُ مون ڪي چيو هو
"چٽج، نانڪ مونکي ٻڌايو هو ته رميش رضا خوشيءَ اوڌر جي
پيسن بلي اِها ٻئگ ڪيس ڏني هئي." مان ٻڌڻ ۾ هوس جو ٻن
ڏن تاريخن ملڻ بعد مئجسٽريٽ مونکي چيمبر ۾ گهرايو، اڪيلو
چيائين، "منهنجو پاءُ شيرو تنهنجو ۽ سوڀي جوهرڪلاسي آهي
مان نه ٿو چاهيان ڪو به وڏيارڻي ٻوهي ۾ اچي." مون سموري
ڪري ٻڌائي مانس. هن هڪ طرف رميش ۽ نانڪ وچ ۾ نـاڪ
ڪرايو ۽ ٻئي طرف ٻنهي سب انسپيڪٽرن کي چنڊ ڪيڍيائين."
ڪيس ڪيڍي ڇڏيائين. مون دل ئي دل ۾ دل سان چيو، "جان
ڇوٽي لاکون پايا." منهنجي اتفاقن پري جيوت جـو اهو اگري
۾ اگرو اتفاق رهيو. پريا تي مهنا مان چپ چاپ پوڳيندو رهيس
سليس ڪنهن سان به نه، سوڀي ۽ ليکوءَ سان به نه. رميش ٻـ
...ال پوءِ "فلمستان" مخزن جاري ڪئي. هُو منهنجي ساهتيڪ
ڪيٽر جي سرگرمين کان غيرواقف نه رهيو هـو؛ مون هن کي
"فلمستان" لاءِ ڪي رچنائون به ڏنيون.

اِن ڪيس جي دؤران ۾ امـان (ڏاڏي) چلي رهي. پاپ
مونکي ٿار نه ڪئي، سمجهيائين، اپٽري پند ٿان پگڙين لـي
ڀهڻندو ڪونه. هن شايد ائين به سوچيو، وٽ ويٺي، ڪرپا ڪر
ناءِ پاڻ ۽ پائُو هئا؛ هن ٿار منهنجي پڦيءَ کي ڪئي. هوءَ ٽا

پارٽي جي جنتا فاشزم ۽ محوري طاقتن خلاف متحد قومن جي جي حمايت ڪري - تنهن لاءِ ضروري آهي ته پارٽي ۾ قومي سرڪار ٺاهي وڃي. ڪراچيءَ جي ڪاليجي وديارٿين تي حشو جي زماني کان کاٻي ويچاردارا حاوي هئي؛ سو پڻ ڪانگريس جي پوئلڳي ڪندڙن ۽ قومي ويچاردارا رکندڙن وديارٿين سان قومي ۽ بين القومي سياست تي بحث مباحثو ڪندو هو ۽ هن جي اثر وجهڻ جي اهڙي پنهنجائيءَ واري منورٿي هئي جو هوُ آهستي سڀني ويچاردارائن وارن وديارٿين جو اڳوان بڻجي رهيو هو، اسان جو فليٽ گرماگرم بحث جو مرڪز بڻيو رهيو.

الله بخش سومرو ٻيهر چيف منسٽر ٿي ويو هو ۽ هن جا تعلقات سنڌ جي ڪانگريسين کان مولانا آزاد ۽ ٻين آل انڊيا قومي اڳوانن سان وڌيڪ گهاٽا ٿيا هئا.

ڊسمبر ١٩٤١ع ۾ جپان به محوري طاقت طور مهاڀاري جنگ ۾ ٽپيو ۽ اوڀر ۾ هڪ ٻئي پٺيان ملڪ ڦٻائيندو رهيو. ساڳئي وقت پٽنا ۾ آل انڊيا اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ٻنهي رقيب سنستائن جون ڪانفرنسون ٿيون؛ کاٻيءَ ويچاردارا واري ڪانفرنس ۾ سوڀي جي اڳوانيءَ هيٺ ڪافي وديارٿي ويا، جن ۾ ٽلسي ٿهلياڻي به هو. پٽنا ۾ هڪ ڪانگريس جي حمايت ڪندڙ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو. سوڀي مونکي پٽنا هلڻ لاءِ چيو، پر زور نه ڀريو. زور ڀري ها ته ممڪن آهي مان چست سياست ۾ ڀهرو وٺان ها.

ها، مون چست ڀهرو ورتو ان کان اڳ لا ڪاليج جي هڙتال ۾، ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين جي هڪ چست ڪم ڪندڙ ڪيشب ٿهلراماڻيءَ جو پرنسپال ڊي. بي. آڏواڻيءَ سان آچاريه ڪرپالاڻيءَ کي ڪاليج ۾ گهرائڻ نه گهرائڻ تي متڀيد ٿيو.

صبوح جو سوال هڪ پئيو ڪير ڪٽي ايندو هو. ٻين کي ڪير
ڏيئي اچڻ جي اوکيا ٻوکيا لاهي ايندو هو ۽ باقي بچيل ڪير
راڌاڪرشن کي ڏيندو هو جو ڪير ڪاڙهي، باداميون چلي
چڪلي وجهڻ سان ڏري گهٽ پيئڻ ڪير ۾ وجهي، ڪيس
اسانجي پيئڻ لائق ڪري رکندو هو. ان وچ ۾ اهو پئيو، سوٽ
ليکو ۽ مان ڏنڊ ٻه ڪيندا هئاسين ۽ ٻيٺڪ ٻه ڪندا هئاسين
مان پنجويهن کان پنجاهه تائين ڏنڊ ٻيٺڪ ڪندو هوس. ليکو
مونکان ڪي قدر وڌيڪ. باقي پئيو ۽ سوٽو نه آرتوار ۽ موڪل
جي ڏينهن هڪ ٻئي سان شرط پچائيندا هئا. اها ٻي ڳالهه آهي
ته مهڻن جا مهنا ڏنڊ ٻيٺڪ ڪرڻ جو منهنجي ٻت قد تي تر
جو اثر نه پيو، ليکوءَ تي تر جهڙو پيو ۽ سوٽو قداور ڪسرتي
جوان ٿي پيو. سوٽو گهران گهرايل چاليهه روپيه، ويسيءَ کان
سواءِ ڪتابن تي خرچيندو هو. باقي عيش هو منهنجي پيسن
مان ڪندو هو. هن جو وڏي ۾ وڏو عيش هو - تازو يا سڪل
ميوي کائڻ ۾ گهڻ ڪرڻ جو. تازا انب کائيندو هو هڪ ئي
وقت ويهه کائي ويندو هو. اڪروٽ! هڪ ئي وقت سير سوا
سير ٻه هلي ويندا هئس ۽ قنداري ڏاڙهون، هڪ ٻئي پٺيان
چار ته واهه جو کائي ويندو هو.

مونکي سڌ هئي ته هن امان سان پيار ٿي نه، هن کي پوڄيو
هو. ۽ اديءَ کري ئي هنجو هن گهر ۽ هن گهر جي هرهڪ
ڀاتيءَ سان آئي موه رهيو هو......

انتر راشٽريه حالتون ٻه تيزيءَ سان بدلجي رهيون هيون،
انهن جو ڀارت جي سياست تي ٻه گهرو اثر پئجي رهيو هو. هٽلر
٢٢ جون سوويت يونين تي حملو ڪيو هو ۽ سوويت ڀوميءَ تي
گهماسان جنگ جاري هئي. پارٽي ڪميونسٽ پارٽيءَ جنگ کي
نئون نالو ڏنو هو - عوامي جنگ. ان اها ٻه گهر ڪئي هئي ته

کي ڪيشب کي چماٽ هڻڻ جو حق نہ آهي. وديارٿين جي اسيمبليءَ ۾ معافي وٺي......

الله بخش سومرو اڳ ۾ ئي رڄ چڱو مڙس، لوڪشاهيءَ جو حامي، ويتر مڻ جو ڪارڻ هن جو سڳو ڀائٽيو، مولا بخش جو پٽ! هن جو سيڪريٽري اسان جي گهر هليو آيو، نياپو کڻي. شام جو مکيہ وزير جي بنگلي تي اچو. سوڀو، مان، ڪيشب ۽ ڪشن مکيہ منتريءَ جي بنگلي تي وياسين. پير الاهي بخش، محمد امين کوسو، مولا بخش ۽ الله بخش پاڻ بنگلي جي ورانڊي ۾ ڪي موڙن تي ۽ ڪي ڪرسين تي ويٺا هئا. اسان لاءِ بہ موڙا گهرايا ويا. مولا بخش چيو: مان تو پٽ بدران معافي وٺان، اوهان کان بہ ۽ ٻين وديارٿين کان - لکيت ۾ چئو يا وديارٿين اڳيان چئو. هڙتال ختم ڪريو، پرنسيپال رسٽيڪيشن واپس وٺندو. ظاهر هو، هن جو پٽ هوڏ تي قائم هو، معافي وٺڻ لاءِ تيار نہ هو. الله بخش بہ چيو، ”اسان وڏن ڏي ڏسو؛ ٻار جي ٻاراڻي نظرانداز ڪريو. ڪير ڪنڌ ئي وڃو.“ اسين پنهنجي طلب تي محڪم: معافي رحيم سومرو ئي وٺندو، وديارٿين جي ميڙ ۾ ...... ڳالهيون اتي ئي بيٺيون رهيون. ظاهر هو، مکيہ وزير جي رنڊڪي ۾ رولو پيو هو.

هڙتال جي چوٿين ڏينهن: صبوح جو ئي پرنسيپال بورڊ تي اطلاع لڳارايو. رحيم سومري لکيت ۾ معافي ورتي آهي؛ هڙتال ختم ڪريو. سوڀي جي رسٽيڪشن رد ڪئي ئي وڃي. وري بہ وديارٿي عيوضي اسان جي گهر ۾ گڏيا. ڪيشب ان معافي نامي تي سوڀو راضي نہ هو. سوڀي لا ڪاليج اڳيان وديارٿين جي ميڙ ۾ چيو، ”اها لڪ ڇپ جي معافي اسان کي منظور نہ آهي. رحيم سومري چماٽ وديارٿين اڳيان هنئين آهي، معافي بہ وديارٿين اڳيان وٺي.“

پرنسپال جو پدر ڪٽندي الله بخش سومري جي پاڻي (نالو شايد رحيم بخش سومرو هوس) ڪيشب کي چماٽ هڻي ڪڍي. اوڏيمهل سويو ۽ مان گهر وڃڻا هئاسين. ڪيشب رئڻهارڪي منهن سان سويي کي چماٽ لڳڻ جو ٻڌايو. سويو بي اختيار اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڪيشب سان ڪاليج ۾ ويو. مان به هن جي پٺيان پٺيان ويس. فورا سويي ڪاليج جي لابيءَ ۾ ٻيهي هڙتال جو سڏ ڏنو. ٻهرئين خواه ٻئين ايل. ايل بي. جا هڙئي وديارٿي ٿورن ٻچڻ ۽ خوشامدڙن ۽ سرڪاري عملدارن جي پٽن کي ڇڏي ڪلاسن مان نڪري آيا. پرنسپال ڀلاچ سنگهه لابيءَ ۾ وينو هو. هو موڪي خدا ترس ۽ جينٽلمين لڳندو هو. هن جو چهرو همدرديءَ لائق هو پر مان بيٺس سويي ۽ هڙتالي وديارٿين سان ئي. ٻئي ڏينهن پرنسپال الائي ڪنهنجي مت تي لڳي بورڊ تي نوٽيس لڳارايو: سويو گياٽنڊاڻي رسٽيڪيٽيڊ. ممڻ مڇي ويو. ٻين ڪاليجن جا وديارٿي ۽ ڪراچي سٽوڊنٽس يونين جا وديارٿي سويي وٽ آيا. سڀني ڪاليجن ۾ ٿا هڙتال ڪرايون. سويي چيو: ”ڏيرج ڌريو. ۽ مون رايو ڏنو: هڙتال ڪرڻ لاءِ پل ڏيرج ڌريو ليڪن اهو دڙڪو اخبارن ۾ ضرور ڇپايو ته جي لا ڪاليج وارن سويي جي رسٽيڪيشن جو نوٽيس واپس نه ورتو، سومري ڪيشب کان معافي نه ورتي ته سڀني ڪاليجن جا وديارٿي هڙتال ڪندا. اها صلاح سويي ۽ ٻين وديارٿي اڳوانن کي آئڙي. مان بيحد خوش. ٻئي ڏينهن اهو دڙڪو سڀ پڄ سڀني اخبارن ۾ ڇپيو. پرنسپال ڀلاچ سنگهه جي حالت اهڙي جو سٺي هٽيس ته رت نه نڪري. سويي ۽ ڪن ٻين وديارٿين کي مون سميت پنهنجيءَ آفيس ۾ گهرايائين. چيائين، ”گٺي گذري ڪريو، هڙتال واپس وٺو، مان نوٽيس واپس ٿو وٺان.“ سويو هڪ تي: مکيه وزير جو ڀائٽيو هجي يا پٽ. هن

اڳوڻن هڪدم طاقت بدلي ڪري ڏيڻ جي گهر ڪئي جنهن عوام کي جنگ لاءِ اُتساهت ڪري اُن کي عوامي جنگ جو روپ ڏيئي سگهجي. گانڌيءَ ڪرپس رٿن کي پوسٽ ڊيٽيڊ چيڪ سڏيو سو به ڏيوالو نڪرندڙ بئنڪ تي. ڪرپس مشن ناڪامياب رهيو ۽ برٽش سرڪار اهي رٿون واپس ورتيون.

ٿيو ائين جو ليکوءَ مان فرسٽ ايل. ايل. بي. امتحان ۾ وِڃاسين، سوڀي به ڀوريان به پيپر ڏنا، پوءِ امتحان ۽ ايل. ايل. بي. پاس ڪرڻ مان چاهه ڪڍي ڇڏياسين. ملڪ جي تيزيءَ سان ڦرندڙ راڄنيتي حالتن مان هوءُ قدم قدم سان ملائي هلڻ لڳو.

ليکو جنهن پوءِ ٽئين سس سهري جو لاڏلو بڻجندو ويو - هنن کي هڪ ڌيءُ هئي، موهني. ساهرو نالو هوس ميران. هوءَ منهنجي پتنيءَ ڊپويءَ جي ننڍي هوندي کان ساهيڙي هئي. درحقيقت ليکوءَ جي سس سهري ڌيءُ ڏيئي پٽ وٺڻ ٿي چاهيو مگر ليکو پنهنجي پيءُ، مائٽي ماءُ ۽ مائٽن پاڙن کان الڳ ٿيڻ لاءِ آناڪاني ڪرڻ لڳو. مان جيستائين سوڀي سان گهرو نه ٿيو هوس ۽ هنسان چست يا سست سهڪار ڪرڻ نه لڳو هوس تيستائين مان به ليکوءَ سان هنجي ساهرن جي سهڄن ۾ ڪنهن حد تائين ساٿي بڻيو رهيو هوس.

وڏيءَ ورڪيشن ۾ مان مڪان سدائين لاءِ ڇڏي ڏيندو هوس ۽ ٽئين سال جي ڀرئين ٽرم ۾ ٻيو مڪان ڳولهيندو هوس- پيري پيري سان نوان ساٿي ڳولهي رهندو هوس يا اُهي مونکي ڳولهي وٺندا هئا. سوڀي جي مرضي هئي مڪان رکڻ ٿي، ليکوءَ جي مرضي هئي ڇڏڻ ٿي ۽ مان ٻي طرفدار هوس. مڪان ڇڏيوسين ٿي. ليکوءَ مونکي اڪيلائيءَ ۾ ٻڌايو ته هنجي پيءُ نٽئي چاهيو ته هو مڪان، گهر ۽ ساهرن جي ٽڪنڊي ۾ ٽنگاٽولي ٿي ڦري... في الحال، ورڪيشن بعد وري گڏ رهڻ جو واعدو ڪري الڳ

سوڀي جي صاف گوئيءَ کي داد ڏيندي سڀ وديارٿي ڪلاسن کان ٻاهر رهيا. شام جو ٻيو نوٽس، بورڊ تي لڳو: رحيم سومرو وديارٿين جي اسيمبليءَ ۾ معافي وٺڻ لاءِ تيار آهي، سڀاڻي صبوح جو. اخبارن ۾ به ٻهرئين صفحي تي اهو سماچار ڇپيو. ٻئي ڏينهن ڪاليج جي سينٽرل هال ۾ ٻنهي ڪلاسن جا وديارٿي جمع ٿيا. پرنسيپال آڏواڻي اچا ۽ منجهيل منجهيل هو. رحيم ڳاڙهي منهن سان ڪنڌ جهڪائي ڊائيز تي آيو. ٻهڙائين پڻ ۾، ٻوءِ وديارٿين جي لائوڊ لائوڊ صدائن تي ڏاڍيان چيائين، ”آءِ. ائم ساري. اِٽ وونٽ هيپن اگين.“ ڪاليج هال تاڙين جي ٺهڪن سان گونجي اٿيو. سوڀي رحيم وٽ وڃي هن جو هٿ پڪڙي ڇيو، ”فرينڊ، يو. آر. برييو...“

ان بهادريءَ پٺيان الله بخش سومري جو هٿ هو، اها حقيقت به ڪنهن کان ڳجهي نه رهي. سوڀو وديارٿين جو واحد اڳوان بڻجي ويو.

جتي سوڀو، ليکو، ۽ مان ايل. ايل. بي. امتحان لاءِ تياريءَ ۾ لڳي ويا هئاسين تتي ڀارت جي راڄنيتي سرگرم ڪشمڪش ۾ هئي. لڙائيءَ ۾ جپان ڀارت طرف ڏوڪيندو ٿي آيو. وچ وارا ملڪ نه صرف اُن جي ڏهڪاءَ هيٺ هٿيار رکندا ٿي ويا. ڪلڪتي ۾ ۽ ڀارت جي اوڀر وارن ايراضين تي جپان بمبازي به ڪئي. جپاني نيوي بنگالي اپ سمنڊ تائين اچي پهتي هئي. برٽش سرڪار ڀارت جي قومي اڳوانن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ سر سٽئفورڊ ڪرپس کي مارچ ۱۹۴۲ ۾ ڀارت موڪليو. هوُ گانڌيجيءَ جي آشرم ۾ به رهيو، نرمال ٻڪريءَ جو کير به پيتائين ۽ ڪانگريسي اڳوانن سان ڳالهيون به ڪيائين. هن ٻئنکي راڄ هڪدم برپا ڪرڻ، ڀارتي اڳوانن جي عارضي سرڪار ۽ جنگ بعد انگريزي سلطنت کان الڳ ٿيڻ جي خاطري به ڏني. ڪانگريس

ادي ۽ چيو، ”مارئا، دلجاءِ ڪر، هيءَ توسان نٿي هلي. هن جو مڙس هن ڏاران هڪ رات نٿو رهي سگهي سو هيءَ هلندي توسان ڳوٺ! مڙس جداڪون ڪيئي ڇڏيندس.“ ٻناڻيءَ جو منهن لال ٿي ويو. چيائين، ”ائين نہ مان هنن کي ڇڏائي سگهان ٿي پر ......“ ادي ان وچ ۾ رڌڻي ۾ هلي وئي هئي. ٻناڻي چوندي رهي، ”پر مونکي خبر آهي توکي منهنجو ڳوٺ هاڻ پسند ڪونهي ۽ تون ڇوٿو مونکان ڪترائيندو ڦرين؟ ...“ هنجو آواز ڳورو ٿيڻ لڳو هو، مون ڏٺو، هنجي اکين ۾ آنسو بہ ڇلڪڻ لڳا هئا، رئڻ روڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين، ”ڀاءُ منهنجا، مونکي ٻيو ڪجهہ نہ کپي، بس اها تسلي کپي تہ مونکي پيڪو گهر آهي، ماءُ آهي، پيءُ آهي، ڀاءُ آهي...“ ۽ هوءَ رئڻ روڪي نہ سگهي. مون من ئي من ۾ چيو، ”مان ناحق هن کي غلط پيو سمجهان.“

گهر ۾ بابا ۽ ديويءَ ٻنهي ٻناڻيءَ جو پڇيو. ٻهرين ديويءَ پڇيو، ”سياءَ جي ڪيئن آهي؟“ هيءَ ڪهڙي پتني آهي، مون سوچيو. شڪل ڪان اڳ سياءُ ٿي جاڻڻ چاهي. چيائين، ”هنجي خطن پڙهڻ بعد مونکي پڪ ٿي وئي آهي تہ هنجو اوهان سان پورو پيار آهي.“ هاڻي تہ مونکي بہ پڪ ٿي هئي نہ تہ چوانس ها، ”پتني تي نہ پتيءَ ۾ اهڙو وشواس رکہ ۽ نہ پتيءَ جي ڌرم جي پيڻ جي لفظن تي ايترو ويسهہ ڪر.“ بابا کي ٻناڻيءَ سان همدردي ٻجهي وئي هئي. هن بابا هريرام ۽ پنهنجي پٽ عيدن واري سيڻ مان ٻناڻيءَ جا لٽا پٽا جاچيا هئا. مونکي چيائين، ”پاڻ سان وٺي اچينس ها نہ.“

دادن تي هن پنهنجي سر اٿر وجهي ڇڏيو هو. هن سان ملڻ ويس تہ چيائين، ”مان بيحد خوش آهيان. هڪ تہ ديوي توکي سڀالي وٺندي. ٻي هيءَ آهي موهڻي، ڏٺو نہ ٿي مانس

ٿياسين.

مان ڳوٺ موٽڻ کان اڳ ٻه ڏينهن اديءَ وٽ رهيس. هنجو موه مون ۾ جيئن جو تيئن قائم رهيو هو. وچ وچ ۾ هفتي ڏيڍ وٺس ليو نه پائيندو هوس ته هوءَ اچي سهڙندي هئي. پاڻ سان منڊ جي ميوي جو ٻميرو کڻي ايندي هئي. ميوي جو ڪجهه حصو ليکوءَ جي گهر موڪليندا هئاسين يا پاڻ کڻي وڃي ڏيئي ايندي هئن جو ليکو هنجي نڻان جو پٽ هو. باقي مون واري حصي مان گهڻو ڀؤ سويو ٿي ڪندو هو.

اديءَ جي گهر پهتس ته ڀناٽي اڳ ٿي ويٺي هئي! مون حيران ٿي پڇيومانس، "تون هتي!" هن جي منهن تي رونق اچي چڪي هئي. چيائين، "تنهنجو اڳ جهلي ويٺي آهيان." اديءَ ٻڌايو، "هن ٿي ماڙي تي اسان جو هڪ مسواڙي آهي، هن جي زال جي هيءَ مائٽياڻي آهي. ڳالهه ڳالهه تي هن ٻڌايس ته منهنجا پيڪا ناروشاه جا آهن. آئي باقي جو سڌ پيس ته مان تنهنجي ڀڦي آهيان ......" مون اڌ ۾ ڪٽي پڇيومانس، "تون منهنجي ماءُ آهين. پاڻ ٿي چوندي آهين جڏهن کان نيپاج وڌي......" ڀناٽيءَ چيو، "۽ مان ٻه هن کي پنهنجي ماءُ ڀٽائي چڪي آهيان." مون دل ئي دل ۾ چيو، "هن مان منهنجي جند ڪيئن ڇٽندي؟" هن چيو، "مان توسان ڳوٺ ٻيٽي هلان." مان هڪ ٻڪو ٿي هن ڏانهن ڏسندو رهيس. هن چيو، "مون ٻابا سان تنهنجي شڪايت ڪئي ته تو مونکي واعدو ڪري ٻه شاديءَ تي نه گهرايو. هاڻ مان پنهنجي پاپي ڏسڻ ٿي چاهيان......" مون چيو، "ڪهڙيءَ ويل هن سان پالو پيو. بابا ڇا سوچيندو؟ دنيا ڇا چوندي؟" ۽ هوءَ پنهنجي ڏن ۾ چوندي وئي، "بابا مونکي ڳوٺ اچڻ جي نيند ڏني آهي." مان دل ئي دل ۾ ڪڙهندو رهيس.

جي گروپ سان شامل هو. اهنسا کان هٽجو هنسڪ انقلاب ۾ وشواس هو. هاڻ هو کليو کلايو چوڻ لڳو، "ڀلي اڳوان کي سمت آئي آهي ۽ "ڪرو يا مرو" ٿو چوي. هن ڀيري هو چوڙاچوريءَ جهڙي ڪنهن واقعي ڪري پنهنجي قدم نه هٽائيندو." هو وديارٿين ڪانسواءِ ڪن مزدور يونين ۾ به چست ٿي ويو هو. جت ڪٿ هن جي اها ٻولي رهي، "ڪنداسين يا مرنداسين."

سڄي ڀارت جون ئي نه، سموريءَ دنيا جون نگاهون بمبئيءَ ۾ ٧ آگسٽ تي ڪوٺايل اکل ڀارت ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ميڙ تي هيون. جيستائين اهو ميڙ ٿئي تيستائين سڀ "ڪرو يا مرو" واري نعري جي پاس ٿيڻ جي اميد ۾ انگريز سرڪار سان مقابلو ڪرڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا. اهنسڪ مقابلي جا تفصيل کليو کلايو تجويز پئي ٿيا ۽ هنسڪ ڳجهه ڳوهه ۾. ۽ سوڀي جي صحبت ۾ رهڻ ڪري مونکي ٻنهي قسمن جي مقابلي جون ويجهائيءَ تان خبرون ملڻ لڳيون.

سرڪار به هٿ تي هٿ رکي نه ويٺي هئي. ٨ آگسٽ ١٩٤٢ رات بمبئيءَ ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ "ڪئٽ انڊيا" جو نعرو پاس مس ڪيو ته ٩ آگسٽ پرڀات جو سرڪار گانڌي جيءَ کي ۽ ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي گرفتار ڪيو. گانڌي جيءَ کي پوني ۾ آغاخان محلات ۾ ۽ ورڪنگ ڪاميٽي ميمبرن کي احمدنگر قلعي ۾ ڊفينس آف انڊيا ائڪٽ هيٺ نظربند رکيو ويو. ٻيا مکيه اڳوان به بمبئيءَ ۾، پنهنجي پرانت ڏانهن ويندي اتي پهچندي گرفتار ڪيا ويا.

ان وچ پنڌ ۾ ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل سنڌي وديارٿي ڪراچيءَ ۾ سوڀي ۽ ٽلسيءَ جي گڏيل اڳوانيءَ هيٺ هڪ ٿي ويا ۽ ٻنهي يونين ٩ آگسٽ تي ميٺارام هاسٽل جي ٽينس ڪورٽ وٽان سرگس ڪڍي. ان سرگس ۾ ٻيا وديارٿي اڳوان نه هئا، جهڙوڪ

پر هن جي خط مان هن جو من پيو جهلڪي. پڙهڻ ۾ ملي اٿيئي. هاڻ، مونکي مرڻ..." مون بي اختيار جن جي ڇپن تي پنهنجو هٿ رکي ڇڏيو. ظاهر هو، هنجي پٽيءَ جي هن سان ڪا نه ڪا ڪونس سلامت هئي. اهو ڄاڻي سامت جو ساڪ ڪيم ته دادن ورهين پڄاڻان ٻيڙين پاري هئي ......

مان ڪراچيءَ پهتس ۽ في الحال اديءَ وٽ اچي رهيس. وايومنڊل ٻداءَ پيو هو. جنگ جو خوف حاوي هو ۽ بمبازي جو انديشو وڌندڙ هو. جيتري حد تائين مونکي ياد ٿو اچي سويو پنهنجي ڳوٺ ويو ئي نه هو ۽ جي ويو به هو ته ٿورو وقت رهي واپس آيو هو ۽ ڪنهن مترَ وٽ رهيل هو. منهنجي ڪراچيءَ پهچندي ئي اسان، درحقيقت مان رڳو، جڳهه جي تلاش ۾ مشغول ٿي وياسين، جنگ ۽ بمبازيءَ جي خوف ڪري اڌ ڪراچي خالي هئي پوءِ به مڪان ملڻ ۾ دقت درپيش آئي جو خود مڪان مالڪ ڪراچيءَ مان هليا ويا هئا. جيئن تيئن رنجيت ٽاڪيز پٺيان پنجراپور جي جاءِ ۾ هڪ فليٽ مليو. ليڪن به سامان ڪٽي ناليءَ ۾ اچي رهيو. سويو به سڄو ڏينهن پنهنجي سرگرمين ڪارڻ گهر کان ٻاهر رهندو هو ۽ هڪ مان ئي گهر کان ڪاليج ۽ ڪاليج کان گهر تائين محدود رهيس.

حشو جيل مان ڇٽو پر پهرئين جهڙو چست نه رهيو. خانگي ريت هو دوستن سان دنيا ڀر جي راجنيتيءَ تي بحث ڪندو هو يا هڪ طرفو پنهنجا ويچار ظاهر ڪندو هو، لنبي ليڪچر جي روپ ۾. سوڀي جي اڳوانيءَ ۾ هنجو به وشواس جمي ويو هو. هڪ دفعو مونکي چيائين، ”سوڀي ۾ ڪامياب اڳوان جون سڀ لياقتون آهن.“

گانڌيءَ ڪئٽ انڊيا جو نعرو هنيو ته سويو ان نعري جو پڙاڏو پيدا ڪرڻ ۾ سرگرم رهيو. بنگال ۾ هو سوميندر ناٿ ٽئگور

مان ٻئي ڏينهن ڪراچيءَ نه وڃي ڳوٺ هليو آيس. گويا فرض ۽ موهه وچ ميزان رکڻ لاءِ گدوءَ کي ڳولهي هٿ ڪيم. هن جي معرفت سرڪار خلاف پوسٽر ڳوٺ ۾ ئي نه پر وارن ڳوٺن ۾ چنبڙندا رهيا، ته جي پوسٽ جي دٻن ۾ فاسفورس پوندي رهي ۽ نوشهري ۾ مختيارڪار جي آفيس جي دفتر واري ڪمري ۾ آڳ لڳي ...... ديش ڀر ۾ هونءَ به هنسڪ ڪارروايون، اهنسڪ آندولن مٿان حاوي هيون.

ڏينهن جئن ٽئن ڪٽجي ويندا هئا، راتيون ستائينديون هيون ته دوستن سان، ديش سان هڪ قسم جي غداري ڪري رهيو آهيان. ديويءَ جي ليکي ننڊ ۾ هوندو هوس، مگر رات جو دير دير تائين جاڳندو هوس، پاسا ورائيندو هوس. ديوي گنگه پوڙ ڪري سمهي رهندي هئي ته ڪٿي منهنجي ننڊ نه ڦٽي پوي.

سيپٽمبر ١٩٤٢ ۾ سنڌ جي چيف منسٽر الله بخش سومري قومي هلچل ۽ برٽش سرڪار جي ڏيڍ دونس واريءَ پاليسيءَ جو اهو اثر پيو جو هن پنهنجو ”خان بهادر“ جو لقب واپس ڪيو. سنڌ جي گورنر سر هگه ڊؤ اها برٽش سرڪار جي توهين سمجهي ۽ هن الله بخش کي مکيه وزير جي عهدي تان برطرف ڪيو. هنڪي اسيمبليءَ ۾ گهڻائي هجڻ جي باوجود. سر غلام حسين کي هن جي جڳهه تي چيف منسٽر مقرر ڪيو. ٻي مسلمان وزير هٽايا ويا ۽ هندن مان گوڪلداس ۽ ڊاڪٽر هيمنداس واڌواڻي به وزير هٽيا. هندو وزيرن جي گهرن تي ورڌيارٿين ڇوڪرن خواهه ڇوڪرين، ڪيترا ڏينهن پڪيٽنگ ڪئي.

هنن کي پڪڙي ڪورٽ اڳيان پيش ڪيو ويو ۽ هرهڪ کي ڏهه ڏهه ڏينهن جيل جي سزا ملي.

ٻهرين يا ٻين نومبر ١٩٤٢ تي صبوح جو ٽار آئي دادن چلي

اُڌو رائيسنگهاڻي، راڌو ٽلسياڻي ۽ پوڄو. مان به هوس-اڳوان طور ن
سوڀي جي سياڻپ ۾ اَٿوت وشواس رکندڙ همراهه طور. نانکواڙا
۾ سول اسپتال وٽ پوليس شاهي سرگس کي روڪيو ۽ انڌاڌند
لٺيبازي ڪئي. ٽلسي ٿلهياڻيءَ کي اَڌمئو ڪري اسپتال ڪڍائي
ويا، سوڀي ۽ اُڌي کي به ڇڳيون لٺيون لڳيون. ٿونٺ ۽ ڪلهي
تي مونکي به لٺيون لڳيون. اُڌي کي پڪڙيائون، سوڀو گم ٿي
ويو. ٽلسيءَ کي ۽ اُڌي کي نظربند ڪيائون. سوڀو زير زمين
هليو ويو.

مان لٺين جي ڌڪ ڪري سور سان گهر پهتس. دادن جو خط
پيو هو: ... مان حيدرآباد زناني اسپتال ۾ زير علاج آهيان ...
پڌو اٿم، هلچل ۾ ڀرو وٺندين. پهرين منهنجو منهن ڏسي وڃ
شايد مان ڪن ڏينهن يا مهنن جو مهمان آهيان...... مان خط
وڌيڪ پڙهي نه سگهيس. بي اختيار آنسون منهنجي اکين مان
وهڻ لڳا.

مان رات واريءَ گاڏيءَ ۾، ڪنهن کي ٻڌائڻ ڌاران، چڙهي
پيس.

دادن سڄي پيلي پئجي ويئي هئي، گويا هنجي سڄي
لڱن کي هڏ لڳل هئي. هن جو ڌيان منهنجي سڄيل ٿونٺ
ڏانهن پوءِ به ڪڇي ويو. هن کان رڙ نڪري ويئي. هن نرس
هٿان ملم گهرايو، پنهنجو ڏک وساري ويٺي منهنجي ٿونٺ ۽
ڪلهي کي مالش ڪرڻ چوندي رهي، ”مونکي پرون ٿا پون
مان ڪن ڏينهن جي مهمان آهيان. تنهنجي ڪري مان ٻاپ
جي پريشاني سمجهان ٿي. اُها مونکان سٺي نه ويندي. تـون
گهر وڃ. مان مران، پوءِ جيڪي وڻيئي سو ڪجانءِ.“ پوءِ ڦڪي
مرڪ مرڪي چيائين، ”پڪ اٿم، هلچل منهنجي مئي پڄاڻان
به هلندي.“ هن عاجزيءَ مان چيو، ”منهنجو قسم اٿيئي.“

تيس. بابا سمجهيو، مان ١٥ تاريخ ڪاليج کلڻ تي داخلا وٺي پڙهڻ کي لڳي ويندس. هن دستور موجب في ۽ ماهياني خرچ جا پيسا اڏيڻ جي ڪوٺي تان وٺڻ جي هدايت ڪئي. هنڪي اها سڌ ڪانه هئي ته مان پڙهڻ مان ٿي نه، پنهنجيءَ زندگيءَ مان ٿي چاهه. ڪوهي چڪو هوس. منهنجي من ۾ "ڪرو يا مرو" جي تن شدت سان سوار هئي. مونکي صرف سوڀ جي تلاش هئي.

مان سٽيشن تان سڌو سامان سميت پنجراپور واري فليٽ ۾ پهتس. سنان پاڻي ڪري ڪپڙا بدلائي، فليٽ بند ڪري ايراني ريسٽارنٽ ۾ گهڙيس. اڄ منجهند اڃا ٿي هئي پوءِ به ٽوسٽ بٽر کائي چانهه پيتم. اڳ ۾ ٿي سوچي ورتو هوم ته ميٺارام هاسٽل ۾ ويندس، ڪونه ڪو واقف وديارٿي گڏبو ۽ هن کان سوڀ جو پتو لڳائو پڇي وٺندس.

شيوا ڪنج کان رستو ڪراس ڪري انجنيرنگ ڪاليج واري فٽ پاٿ کان ڦري ڏٺي. ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي مين گيٽ طرف وڃي رهيو هوس ته سڏ پڌم: گوبند! آنند اَمبواڻي منهنجي پنيان اچي رهيو هو. هو سيڪنڊ ايل. ايل. بي. پڙهندو هو، بي. اي. پاس ڪرڻ کان پوءِ. هن سان منهنجي شخصي واقفيت نه جهڙي هئي. هن جي پيءُ چندرام سان هئي، هو اُهو به ڪانگريسي مگر چست راجنيتيءَ کان دور هو. هو ساهتيءَ جي ٻين ڪانگريسين سنتو ن ديويءَ کي پڙهڻ ڪري پاڻئيندو هو ۽ هالاڻيءَ ۾ رهڻ ڪري ۽ چست راجنيتيءَ ۾ نه هجڻ ڪري ٻين جي پيٺ ۾ اسانجي گهر ايندو جلد جلد هو. ۽ هئو به ڪنهن حد تائين زنانو.

آنند ويجهو اچي چيو، "ڪڏهن مونئين؟ اَڄ سوڀو ته توکي واري وٺو آهي." اسان گڏ هلڻ لڳا هئاسين.

رهي. تار مونکي ملي. مـان ســن ۾ پهچي ويس. تار بابا جي هٿن ۾ ٿمائي مان به ڇتي ۾ هليو ويس. هيٺ امان ڦٿڪي هيانءَ رُئڻ لڳي، پاپي سڏڪا ڀريندي رهي ۽ ديويءَ روئي رڃ پُريا. بابا رکي رکي اُتا ساهه کڻي گويا پاڻ کي پـاڻ ئي ڏي ڏيئي رهيو هو گرواڻيءَ سان: تيرا ڀاڻا ميٺا لاگي، نـام پدارٿ نانڪ مانـگي. ڪنهن مهل بـي اختيار گهٽيل آواز ۾ ڀـڳي چيائين: شڪر تنهنجو مالڪ، هينءَ به سڄڻ واهه واهه، هـونءَ به سڄڻ واهه واهه ......

منجهند تائين بابا فيصلو ڪيو: حيدرآباد پاڻ ويندو ۽ پاڻ سان وٺي ويندو هڪ ننهن کي. جڏن تـه پاپي ڳورڪاري هئي، هن ديويءَ کي سنبرڻ لاءِ چيو. چئين ٻجي واريءَ گاڏيءَ ۾ بلڪل سانت چت سهرو ۽ رئمڙ ننهن گاڏيءَ ۾ چڙهيا.

مون رنو ڪونه. دل اهڙي سڪي چڪي هئي، اُنـي هڪ ڳوڙهو به نه هو جو اکه تائين اچي. سنسان دل، ويران گهر. ڪٽ تي پيو رهيس. اُن ڏينهن ڪنهن نه کائڻ لاءِ چيو نه مون کاڌو. گهر ۾ شايد باهه ئي نه ٻري هئي؛ جي ٻري به هوندي ته ٻارن لاءِ ٻري هوندي. دادن ڪنواري خواه شادي ڪري وڃڻ بعد به گهر جي سونهن رهي هئي. اڄ گهر اونداهو هو ۽ ڪو شمعدان کڻي به ٻچتيءَ ۾ نه آيو.

ٽيرهين صبوح جو بابا ۽ ديوي حيدراباد مان موٽي آيا. بابا ته ديويءَ کي دادن جي ساهرن ۾ ڇـڏي، سيڻ ۽ نانيءَ سان اعذا پرسي ڪري وڃي منهنجي مامي وٽ رهيو هو. سيڻ وٽ پاڻي به نه پيتو هئائين. ديويءَ ٻڌايو، دادن کي صبوح جو ٽڏو پار جائو، زهـــر چڙهي ويس ۽ شام جو دم ڏنائين. ديوي ڳالهائي به رهي هئي ۽ روئي به رهي هئي.

مان اُن ئي ڏينهن شام واري گاڏيءَ ۾ ڪـراچيءَ لاءِ روانو

سڄو ڳالهه جي ڳاٽي تي آيو. "مونکي صرف منٽ سوا جو وقت آهي. سياڻي لاءِ فيصلو هيءُ آهي. صرف لا ڪاليج ۾ في نه ڀرڻ لاءِ چئبو. اهو ٽيسٽ ڪيس ٿيندو. اتي ڪي زميندارن، ٽوڏين ۽ سرڪاري ڇاڙتن جا ٻار پڙهندا آهن جي خود وڪيل ٻڻجي وڏا عملدار يا جج ٻڻجڻ جا سپنا لهندا آهن. ۽ جڳن نه گوبند آيو آهي. هن لاءِ پڇتاءَ جو وجهه آهي. سياڻي هوُ ٽي ڪاليج اندر وڃي في نه ڀرڻ جو پرچار ڪري. ميٽنگ برخواست سيتل کي ڇڏي ٻيا سڀ هليا ويا. هڪ ٻه ٽي سياڻي، راڌي جي گهر منجهند جو ٻارهين ٻڄي گڏباسين. جيترن وديارٿين کي آڻي يا نياپو موڪلي سگهو نه بهتر ٿيندو. ماس پڪيٽنگ جو اتي سوچينداسين. هوُ پنهنجي مڙهو ۽ هليو ويو!

پوءِ ٻئم نه ٽن ڪمرن جون بالڪنيون ٽپي هوُ ايسراڻيءَ جي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويندو هو.

مان ۽ آنند پوءِ نڪتاسين. آنند هيٺ لهي چيو، "سويي بابت مون تي غلط اثر هو نه ڏنڊي آهي، ڪٺور آهي، رکو آهي پر هن ٽورن مهني ۾ خبر پيئي آهي نه صحيح معنيٰ ۾ اڳوان آهي، صحيح سوچيندڙ، مطلب جي ڳالهه ڪندڙ ۽ عملي ماڻهو آهي..."

ان وچ ۾ اسان هاسٽل کان ٻاهر نڪتاسين. آنند چيو، "مان ناڻڪرام جي گهر ٿو وڃان. تون ڪيڏانهن ويندين؟"

"گهر" مون چيو.

هوُ ساڄي پاسي مڙي ويو. مان ڪجهه وقت بيٺو رهيس. پنهنجي نهاريم. هڪ پيو چٺو ٻه سيتل جي روم مان نڪري آيو هو. هن جي ناليءِ جي پوءِ خبر پيم – خوشي هزاري.

مان هنجي مون ڏانئين پهچڻ کان اڳ ئي کاٻي طرف هلڻ لڳس منهنجي ذهني حالت عجيب هئي: هڪ طرف ڏک هوم سويي مونکي ڪيڪاريو به نه هو، ٻيءَ طرح خوش هوس جو

مون پڇيو، "سوڀو آهي ڪيئن؟ ڪٿي آهي؟"

اسان ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۽ مينارام هاسٽل جي وچ وارو رستو پار ڪري رهيا هئاسين. چيائين، جتي مان وڃان پيو، اُتي ڪيڏيمهل به اچي سگهي ٿو. تون به اوڏانهن پيو هلين نه؟"

مون چيو، "ها، جي اُتي سوڀي جي اچڻ جو آسرو آهي."

مينارام هاسٽل جي پهرئين ماڙي جي هڪ اندران بند دروازي تي هن ٺڪ ٺڪ ڪئي. دروازو کليو، اسين اندر گهڙياسين، دروازو بند ٿيو. ست اٺ وديارٿي هئا. منهنجا واقف به هئا: راڌو ۽ ڪشن. ڪشن مونواڻي ڪاليج جي في گهٽائڻ آندولن وقت ڪراچي سٽوڊنٽس جو سيڪريٽري هو. راڌو ٽلسياڻي "هندستان ڇوڙو" آندولن کان ٿورو اڳ چست ٿيو هو. سوڀو ڪونه هو. آنند جي ويهڻ وٺڻ سان ميٽنگ دستوري رخ ورتو. هڪ وديارٿي، جنهنجو نالو پوءِ معلوم ٿيم، سيتل ڊرياڻيءَ چيو، "سوڀي جو ويچار آهي ته سڀاڻي جڏهن ئي ڪاليج کلن، تڏهن ئي ڇهني ڪاليجن، انجنيرنگ، آرٽس، سائنس ۽ لا ڪاليجن تي پڪيٽنگ ڪجي. پر اڃا ڪيترا وديارٿي ڪراچيءَ پهتا ڪونهن ۽ خود اڄوڪي ميٽنگ ۾ اڃا ٽائين بندر روڊ ايڪسٽينشن ۽ اولڊ ٽائون جا وديارٿي ڪم ڪندڙ هت آيا ڪونهن، سوال آهي ته اها پڪيٽنگ ڪيئن آرگنائيز ڪجي؟"

هن اهو سوال سڌو آنند کان پڇيو. مونکي سمجهندي دير نه لڳي ته "هندستان ڇوڙو" آندولن ۾ گذريل ٽن مهنن ۾ آنند ۽ اهو وديارٿي ئي اڳوان رهيا هئا ۽ هنن کي رهبري هئي، سوڀي جي.

آنند ڪجهه چوي ئي چوي تنهن کان اڳ هڪ لنبو شخص ڪاري عينڪ سان ٻالڪنيءَ مان ڪمري ۾ گهڙي آيو. ڏاڙهي وڌيل هيس مونکي سڃاڻڻ ۾ دير نه لڳي. هو سوڀو هو.

پڇڻي چڪي هئي ۽ ٽن ڏينهن جي گروپ پڪيٽنگ جا تفصيل
به طيء ڪيا ويا هئا - پڇي ڏينهن مان، آنند امبواڻي ۽ مس
آڏواڻي (درگاداس آڏواڻيء جي ڌيءُ. درگاداس ١٩٣٠-٣١ جي
ستياگره هلچل ۾ چست رهيو هو ۽ پوء ڪراچـــي ميونسپل
ڪارپوريشن جو ميئر به رهيو هو) لا ڪاليج تي پڪيٽنگ ڪرڻ
لاء چونڊيا ويا هئاسين. سيتل دريانا ڻـــي، منو شهاڻي ۽ راڌو
تلسياڻي به پهرئين ڏينهن جي ٽيچ ۾ هئا ......

اُن ڏينهن مونسان سوڀي منت ڳالهايو. پڇيائين، "ڪيئن
نيڪ آهين نه؟......" پوء چيائين، "تنهنجي پيڻ جي ديهانت
جو ٻڌي دک ٿيو." منهنجي اکين ۾ آنسون هليا آيا. هن منهنجي
ڪلهي تي هٿ رکي پنهنجائيء مان چيو، "بردبار ٿـيءُ."
مون کا دلداري محسوس ڪئي!

ٻئي ڏينهن لا ڪاليج وٽ مان ۽ آنند امبواڻي لڳ ڀڳ ساڍئي
وقت پهتاسين. اسان هڪ ٻئي کي "اڇي وئين!" مس چيو جو
هڪ ننڍي ڪار اچي بيٺي. هڪ پاسي کان درگاداس آڏواڻي
لٿو، ٻئي پاسي کان هنجي ڌيءُ. درگاداس ڌيءُ وٽ اچـــي
هن جي ٻنڀي ٺپري ۽ چيو، "گاڊ بليس يو." اسان ٺيڪي پوء
ڪاليج طرف وڌياسين.

پوليس به اڄ پهري سجاڳ هئي. اسانجو ڪاليج جي دروازي
وٽ پهچڻ ۽ هڪ پوليس عملدار جو اچي چوڻ، "يو آر انڊر
اريسٽ" اِن طرح چئني ڪاليجن ۾ هڪ ئي وقت پڪڙ پڪڙ
بيٺي ۽ هڪ ئي وقت سورنهن وديارٿي گرفتار ٿياسين. اسانکي
پوليس بس ۾ چاڙهي سڌو سنئي پوليس سٽيشن تـي وٺي آيا.
پوليس اسانکي گجراتي ٺاٺيـپ ناشتو به ڪـرايو: ڦاڦڙيا، تريل
مرچ ۽ جليبون......

هڪ بجي اندر سورنهن کي ٿـي مهنا سخت پورهئي جي

هنجو مون ۾ وشواس اَچا ٿائين سلامت هو. اِنهن ٻن ڳالهين کان سواءِ هڪ ٽيون ڀاڱو ٻه ڀڙڪي اُٿيو. منهنجي سياڻ جو ذاتي ڀاڱو نروس نيم. هر آزمائش جي وقت اهڙا نروس نيس مونکي جاڳرت يا اجاڳرت سطح تي ستائيندي آهي ۽ حالتن کي منهن ڏيڻ عيوض ڪناري ڪشي ڪرائيندي آهي. گهڻو تڻو مان پاڻ کي حالتن جي وهڪ ۾ ڇڏي ڏيندو آهيان، پوءِ ڪي فيصلا مون مٿان ڪو مڙهيندو آهي يا مڙهجي ويندا آهن -

ڪاش، مان پاڻ حالتن کي منهن ڏيڻ ۽ موڙڻ جي صلاحيت رکندي ٻه ڪناري ڪشي نه ڪريان ها! جيڪي مونکان ٿي سگهيو آهي، اُن کان گهڻو گهڻو وڌيڪ ٿئي ها!

جڏهن ته مون ۾ گهٻراهٽ هئي، تڏهن فلڪ سان علي اعلان ٻئي ڏينهن ڪاليج ۾ نه وڃي چيم: مهربان دوستو، في نه ڀريو! مون سس پس ۾ هڪ ڇوڪري وٽ وڃي چيو: ”دوست، في ڇو ٿو ڀرين، اڃا ته سرڪار سان جنگ جاري آهي. جيڪي ٿورا دوست ڪاليج کلندي ئي داخلا وٺڻ آيا هئا، تن لاءِ سرڪار سان جنگ جو اِن طرح ذڪر فضول هو، فارم ڀرجندا رهيا. ان وچ ۾ پرنسپال پي. پي. آڏواڻي پنهنجي سر سمجهي ويو ته مان ودياريتن کي في نه ڀرڻ جي صلاح ڏيئي رهيو آهيان. هُو مون وٽ اچي بيٺو. هٿ جوڙي چيائين، ”مان صلح پسند شخص آهيان. هڪ دفعو اسٽرائيڪ جي دؤران ۾ پوڳيو اٿم. مهرباني ڪر. جيڪي ڪرڻو اٿيئي، سو ٻاهر وڃي ڪر. هل. مان به توهان توسان گڏ ٻاهر ٻهان، چپ چاپ. ودياريتن سان ڳالهائج ٿو ن.“ هُو مونکي هٿ کان وٺي ڪاليج جي صدر دروازي وٽ وٺي آيو......

جڏهن ساڍي ٻارهين ڏاري مان راڌي ٽلسياڻيءَ جي گهر پهتس تڏهن منهنجي پڪيٽنگ جي حشر جي ڄاڻ همراهن کي

ڏينهن ۽ اُن بعد هڪ ٻه ڏ! ڪاليجن جي پڪيٽنگ بند ٿي ويئي.

مان، آنند ۽ منو شهاڻي ٽي ڄڻا ٽي مهنائي همراهه رهياسين. ٽي پيرا وارڊ بدليا، همراهه بہ ڦريا، گهٽيا وڌيا مگر اسان ٽي سلامت رهياسين.

پهريون هڪ مهنو، اناويهه هڪ شاهي ٻئرڪ ۾ رهياسين – درحقيقت اها انهن سي ڪلاس قيدين لاءِ هئي جي پڙهيل ڳڙهيل هئا، ڪن جي خطا ڪري جيل ۾ آيا هئا ۽ عام سزاياب قيدين کان نرالا هئا – هنن کي سي ڪلاس يارڊ يعني "چڪر" مان ڪڍي بي ۽ اي ڪلاس وارڊن جي ڀر ۾ رکندا هئا. اسانجي ڪري هنن کي وري "چڪر" جي "دوزخ" ۾ داخل ڪيو هئائون!

پهريون مهنو، گهڻن ڄڻن گڏ هجڻ ڪري، گپ شپ ۽ هلا گلا ۾ گذريو. مان، آنند ۽ منو سانتيڪا هئاسين تڏهن بہ سيتل ديالاڻيءَ جي رهنمائيءَ هيٺ پنهنجن همراهن کي ڪل مسخري ۽ چيڙائڻ لاءِ بيو ڪونہ ملندو هو، تہ هو اسان مٿان جلهہ ڪندا هئا. سيتل منهنجي هٽلر ڪٽ مڇن جي مذاق اُڏائيندو هو، آنند جي گانڌي واد کي ڦدو پنٿ سڏيندو هو ۽ منوءَ جي وڏن وارن ڪري هنکي "نئين نويلي ڪنوار" سان چيڙائيندو هو. ڪامن مذاق جو مرڪز هو مورومل جنهنکي سنڌ جو گانڌي سڏي تنگ ڪندا هئاسين ۽ هُو اشراف، جٺيون ۽ من مستيون صبر سان سهندو هو، ڪڏهن ٻاڙو لفظ نہ ٻوليائين.....

اناويهن جي حساب سان سهوليتون گهڙيون سٺيون ۽ حاصل ڪيوسين. جيل اختياري وارن اخبارون پهرينديءَ ٽي پنج ڪيون پر ڪاڪوس جوڙائڻ تي آناڪاني ڪرڻ لڳا. اوهان آهيو ٿوري وقت لاءِ، وارڊ آهي سي ڪلاس. هنن جي حساب سان اهي چار ڪاڪوس ڪافي آهن، سٺ ستر ڄڻن لاءِ. اسان اناويهہ بہ پاڻ کي هڪ ٻئي مٿان ڳاهٽ سمجهي رهيا هئاسين؛ خير، اسانجي کٽن، ٽپاين ۽ ڪرسين بہ جڳهہ والاري ڇڏي. نيٺ

سزا جڙي. رو پچند گلراجاڻيءَ ڪاليجي وديارٿين ۽ پنل گهرن جا ٻار هڙتال ڪري اسان کي ٻي. ڪلاس عنايت ڪيو. اسين سٽي پوليس لاڪپ ۾ رکيا ويا سين. مڇهند جي ماني ۾ ملي- ويشنو ۽ گوشت جي مکياري پٽي سان.

مهن اونداهيءَ کان اڳ اسان ڪراچي جيل جي صدر دروازي جي دريءَ مان ٻاهرين دنيا کان ڪٽجي وياسين.

ٻي. ڪلاس ملڻ ۽ ستياگرهي هڙتال ڪري جيل اسان لاءِ سڄ پچ ناناڻو گهر ٿي رهيو ...... ڪاڏي ڪري، سهوليتن ڪري ۽ اختياري وارن جي روش ڪري.

اسان کان اڳ جيل ۾ ٻي. ڪلاس ستياگرهي هڪ هو - هاساڻند ڪندناڻي. هن جيل مئنيوئل جو گهرو اڀياس ڪيو هو، ڦريندي ٿي چيائين، "سدائين جيل ڪرمچارين کي طلبن سان مشغول رکو نه ته هو اوهان مٿان به ائين اڙي ايندا جئن عام سزاياب قيدين مٿان ايندا آهن. لسٽ ٺاهيو - هرهڪ کي ماپ جا ٻه وڳا، نوار جي کٽ، صاف سٿري چادر هڪ هيٺ ۽ ٻي مٿ لاءِ، سنو لسو ڪمبل، ٽي پاءِ ڪرسي، ٽيبل لئمپ، وارن سنوارڻ لاءِ برش ...... اچا به وڌي لسٽ هئي اها. وڌيڪ چيائين، "ڇهن ڄڻيان سي. ڪلاس قيدي خادم طور وٺو، هڪ اخبار گهرو، هڪ ڪاڪوس ۽ ڪوشش ڪريو ستن ائن جي مجموعي ۾ رهجو، جئن به قيدي خادم، به اخبارون، به ڪاڪوس ۽ هر سهوليت ٻٽي وٺي سگهو." ۽ ان ريت هو جيل مئنيوئل جي آڌار تي هر روز ڪا نه ڪا طلب ڳولهي لهندو هو. هـ هر طرح سڀ نهون رهيو، اسان ٻي. ڪلاس قيدين جو.

ٻئي ڏينهن پندرهن ٻيا وديارٿي آيا، هنن کي ٻـ ٽي مهنا سزا ملي، ٽئين ڏينهن ٻارنهن. هنن کي سايا ٽي مهنا سزا ۽ چـوٿين ڏينهن پنج ڄڻا، جئن مهنن جي سزا سان ۽ پنجين

هوس، من ئي من ۾ چيم، ”ها، آهي.“ ۽ مان هنجي پٺيان ٻئان ان جيل جي صدر دروازي طرف وڌڻ لڳس.

پٺاڻيءَ ٻهرڀندي ئي چيو، ”تون ڪيترو نه مون کان دور پيئي، مان دور رهڻ واري نه آهيان. شاديءَ تي ڪونه گهرائين، دادن جي ديهانت جي خبر ڪانه ڏنئي، پنهنجي جيل پيو ڳڻيا جي......“ هوءَ سڏڪا ڀري، اڃا روئڻ ۾ چڙڪي. هن جي ڌيءُ به آئي هئي هن سان. هن چيو، ”ماما!“ مون سامت جو ساهه کنيو. مونکي ڏپ هو، طوطارام ڪٿي پاڻهي نه وڃي ته منهنجي پيڻ نه، ڪا ٻي پيڻ ٻڌڻجي آئي آهي، ملاقات لاءِ.

مون چيو، ”جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ئي رهيو. تون تڪليف وٺي هت آئي آهين!“

هوءَ ٻاهوڙ جي ويئي؛ رئندي چيائين، تڪليف! جي دادن هن ريت تو وٽ اچي ها ته هنکي به ائين چئين ها؟“

مون ڳالهه مان ڳالهوڙو ڪرڻ نٿي چاهيو. چپ رهيس.

هوءَ اِن وچ ۾ پاڻ سنڀالي چڪي هئي. هن جا آنسو ٿمجي چڪا هئا مگر ڳل ۽ نڪ ڳاڙهو ئي رهيو. اکيون به ڳاڙهيون ئي هيون. چيائين، ”اخبار مان خبر پيم ته توکي ٿي مهنا قيد جي سزا ملي آهي. پڇائي پڇائي ٻلواڻيءَ جي گهر ويس. چيومانس، ”مان دادن سان گڏ پڙهي آهيان، پيڻ ڀراڀر آهيان هن جي. هن پيري ملاقات تي مان ويندس.“ هن ڀلي ماڻهوءَ چيو، ”ڀل وڃ، اسان وٽان ميوو مٺائي کڻندي وڃ.“ مون چيومانس، ”ڀائو، سائينءَ جي مهر آهي، جيڪي مان کڻي ويندس اهو اوهان جو ئي هوندو......“

منهنجو ٻهريون دفعو ڌيان هن جي ٻر ۾ پيل حلوي جي ٻن پيٽين ۽ ميوي جي شاهي ٻڇري طرف ويو.

هن وري چيو ۽ ڪافي فلڪ سان، ”هن مهل تائين

اڻاويهن جي ٻڌيءَ ۽ ٻڪ هڙتال جي ڏڙڪي رنگ لاتو. هنن اسان مان ڇهن ڄڻن کي ان وارڊ مان ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو ۽ چار ڪهڙا نڪرن، اهو فيصلو آنند امباڻيءَ تي ڇڏيو. آنند، مان ۽ منو همراهه نه هئاسين. چوٿون ڪير؟ مون نارائڻ جي صلاح ڏني. ڪارڻ؟ ٻندر روڊ ايڪسٽينشن تي رهندو هو ۽ ٻندر روڊ ايڪسٽينشن يعني ٽڪريءَ تي رهندڙ ڇهن ئي جي گهران روز ميوو ۽ حلوو ايندو هو! ان ميوي ۽ حلوي تي ٻه چڱي ڦرمار ٿيندي هئي. جيل ۾ سڀ سهوليتون، پوءِ ٻه سڀ سٺين سٽابن گهرن مان ايندي ٻه سڪٽا هئاسين.

ٽي گلراجاڻي ڀائر ۽ چار اسين، نارائڻ سميت. ڪل ست. اَسان هڪ ڪاڪوس وڏيڪ گهريو. جيل اختياريءَ وارن ٿهه ٻهه هڪ ڪمرو ڪاڪوس جوڙائي ڏنو. اُن جي جڙي رهڻ واري ڏينهن تي اُئي وڏي ٻئرڪ مان سؤنپار کي اَسان وٽ موڪليو. مون ڪلي آنند کي چيو: ڪاربيرو کي نه ته سپرنٽينڊنٽ چوهڙمل کي انگن ڳڻڻ جي قابليت ۾ وشواس نه رهيو هوندو: ڪٿي ڇوويهن ٻدران ٻنجويهه هجن ۽ هڪ ڪاڪوس جي وزي گهر نه ڪن.

اسان هفتي ۾ هڪ خط لکي سگهندا هئاسين ۽ مهني ۾ هڪ دفعو مائٽن سان ملي سگهندا هئاسين، نائب جيلر طوطارام جي آفيس جي اڳئين حصي ۾ خاص انتظام هو. "اي" ۽ "بي" ڪلاس قيدين جي ملاقاتن جو. مون سان ٻهرئين مهني ۾ پروفيسر ٻلواڻيءَ جي ڀيڻي ۽ هدجي ڀاڄائي ملڻ آيا. ٻئي مهني مٿرر ڏينهن تي مان آسرو لاهي ويٺو هوس؛ ڪير ملڻ نه ايندو. حوالدار اچي چيو: تهنجي ڀيڻ ملڻ آئي آهي. "ڀيڻ!" مان من ئي من ۾ حيران و پريشان ٿي ويس. حوالدار چيو، "موهني تنهنجي ڀيڻ ڪانهي." مان اُٿي صحيح ڍڪو هٽي چڪو

ڪاليجن، جتي ڪٿي ڪاليجيئٽ بورڊ جو عيوضي ويٺو آهي. هن هرهڪ وديارٿيءَ کي ڌار ڌار گهرائي هڪ ئي صلاح ڏني، ”پنهنجيءَ تعليم جو سوچيو. اوهان معافي نه وٺو، صرف ڇهه اسان هن بعد سياست ۾ بهرو نه وٺي پڙهڻ کي لڳي وينداسين. اوهانکي رهائي ملندي.“

مان جڏهن ملاقات لاءِ ويس تڏهن پرنسيپال ٻڌائيءَ سان پروفيسر بلوائي ته هو ۽ منهنجو پيءُ به. منهنجي پيءُ جي اکين ۾ آنسو هئا. منهنجي جيل ياترا منهنجي ڳوٺ وارن لاءِ پرچائيءَ جو باعث بڻي هئي جنهن تنهن هن کي ڇڏيو هو، جيڪا رام جي مرضي......“

نه مون جيل مان نڪرڻ چاهيو ۽ نه ڪنهن اهڙي چوڪري يا چوڪريءَ. ها، هڪ سؤنهار ئي غلطفهميءَ جو شڪار ٿي چڪي آيو، ”مان پڙهڻ جاري رکندس.“ هنجي رهائيءَ جو ڏهن ڏينهن بعد آرڊر آيو. هو پڇتائيندو، روئندو رڙندو جيل مان ٻاهر نڪتو.

اَسان ٻهرين ٻئي وارن جي سزا تي مهنا معذلي نوي ڏينهن پورا هئي، اڃا به اُٺانوي، نه اَناسي ڏينهن. سزا وارو ڏينهن ۽ رهائيءَ وارو ڏينهن، ٻئي ڳڻپ ۾. اسان کي ٻارنهين فيبروري شام جو صوبيدار اچي اطلاع ڏنو ته ٻئي ڏينهن صبوح جو چانهه پياري اسان کي رها ڪيو ويندو، اهڙو اطلاع هدن اسان جي مائٽن کي موڪليو هو جن جون ائڊريسون وٽن هيون......

جيل ۾ ڪا تڪليف نه رهي هئي، هيٺرن سارن جي گڏ هجڻ ڪري اهو اسانجو شغل هو- ڪاڏو به سنو هو، قومي قيدين لاءِ ڪاڏو الڳ ٿيندو هو. ڪاڏي جو انچارج هو سردار سنت سنگهه شهاڻي جنهنکي اسان ”امان“ ڪري سڏيندا هئاسين. مون ۽ انهد ته ڪتاب به خوب پڙهيا، سياسي بحث مباحثا به

سمجهي ويو هوندين ته مان ضد جي پڪي آهيان. تنهنجي ضد کان وڌيڪ ضدي آهيان. چاهيندين، نه چاهيندين، مان تنهنجي پٺيان ڦرندي رهنديس، خاص طور هاڻ جڏهن دادن هن سنسار ۾ نه رهي آهي......" هن جو گلو وري ڀرجڻ لڳو هو. هن پاڻ سنڀاليو ۽ وري چيو، "جسم ئي سڀ ڪجهه نه آهي، منهنجا پيءُ، ۽ ڪا ڇوڪري تو وٽ جسماني ڀُڪ مٽائڻ لاءِ نه ايندي، جنهن تنهنجي روح ۾ ليو پاتو هوندو، تنهنکي تون پاڻان ٻاهري ڪري نه سگهندين......"

منهنجي ذهن ۾ شڪارپور واري سرلا اچي براجمان ٿي.

حوالدار اچي بيٺو هو. پناٽيءَ ڇنبي مٿي تي ٽيڪ ڪري اُٿي بيٺي هئي. چيائين، "ايندڙ مهني ۾ مان ايندس، جي پاڻُوءَ بلواٽيءَ اجازت ڏني، نه ته واعدو ڪر، جيل مان ڇٽڻ بعد سڌو نه ته اُن ڏينهن يا دير ۾ دير ٻئي ڏينهن مون وٽ ايندين." هنجي اکين مان عجيب آس ٽپڪي رهي هئي!

مون هنجي پرسان بيٺل هنجي ڏيءُ کي پنهنجي طرف ڇڪيو ۽ هن جي مٿي تي مٺي ڏني. نينگريءَ جي دل تي ڇا ٿيو، اها خبر ڪانه پيم پر پناٽيءَ جي اکين جي چمڪ مان ظاهر هو ته هنجي روح کي آنند پهتو هو!

وارڊ ۾ پهتس ته آنند ورجايو، "تنهنجي سڳي ڀيڻ ته گذ ڪري ويئي هئي نه تازو. پڇي آئي هئي تنهنجي؟"

مون ڪو جواب نه ڏنو. ان وچ ۾ وارڊ وارن ميوي تي مارو ڪيو هو. ناراڻ هڪ ڳاڙهو صوف آنند جي هٿ ۾ ٿمايو.

منهنجي ٽين ملاقات تي هوءَ نه آئي. مون دل ئي دل ۾ هڪ قسم جي نراسائي محسوس ڪئي. درحقيقت ٽين ملاقات اسان بي ڪلاس وديارٿي قيدين جي ٿي ڪانه. جنوري ١٩٤٣ جي وچ ڌاري ۾ جيل ۾ پرنسيپال پناٽي هليو آيو. هو سڀني

مونکي ٿي اِن سياسي جاڳرتا ۽ ڪلاس جو مرڪز چونڊيو. مان هن کان ڪافي اَثرانداز رهيس......

منهنجي جيل مان نڪرڻ کان اٽڪل مهنو کن اڳ سويو به گرفتار ٿي "ڪيو" ڪلاس فئمليءَ جو نئون ميمبر بڻيو! مون نارائڻ جي پيٽ جي سور جي مڪر معرفت هن سان گڏ اسپتال وڃڻ جي اجازت حاصل ڪئي. سويي ٽائين نياپو پهتو. سويو ۽ مان ٻن مهينن بعد منهن مقابل ٿياسين. هو به اِن راءِ جو هو، هيءُ موقعو به وئرت ويو. پوءِ به جنگ جاري رکڻي پوندي. ودياڙتين ۽ جوانن جو جوش ۽ هوش ٻئي سلامت رکڻا پوندا. جوڙجڪي طور، ڪين ٻڌيءَ جي ڏوريءَ ۾ ٻڌي. جيل مان ٻاهر نڪري جوڙجڪي ڪم ڪجي...... سويي جي منهن خواه زبان مان نراسائيءَ وچ ۾ هڪ آس، البت دوريءَ جي آس ٽپڪي رهي هئي. هن هار مڃي هئي، في الحال. وشواس جتن جو تئن سلامت هوس. مونکي ائين لڳو، هن هار جي قبوليت جتائڻ لاءِ پاڻ کي گرفتار ڪرايو هو ۽ سانهه ستيءَ سان وشواس کي همت جي پٺتي ڏيڻ جو جتن ڪري رهيو هو، جيل جي چوديواريءَ اندر......

جيل کان ٻاهر نڪرندي مون اُميد رکي هئي ته پناٽي ڌيءُ سميت، شايد ڪار سان بيٺي هوندي. هوءَ ڪانه هئي. پلواٽي به نه آيو هو. مونکي بيحد نراسائي ٿي. آنند امبواٽيءَ کي وٺڻ لاءِ نانڪرام آيو هو. طوطيءَ جو پاءُ. طوطي هلچل ۾ سرگرم رهي هئي، پندرنهن ڏينهن جيل ۾ به وئي هئي ۽ جيل ۾ اچڻ کان اڳ ٿي پلواٽيءَ معرفت معلوم ٿي چڪو هوم ته طوطيءَ ۽ آنند جو مڱڻو ٿيل ٿي سمجهڻ کپي، چون ٿا ته شادي پارٽ جي آزاديءَ بعد ٿي ڪندا...... اوچتو نارائڻ اچي منهنجي ڪلهي ٿي هٿ رکيو. پروفيسر "پلواٽيءَ جي گهر هلڻ چاهيندين

خوب ڪيا. نارائڻ ڀٽ جي سور جو مڪر ڪري جيل ڊاڪٽر کي لاڳيتو ٽي ڏينهن اڌ رات جو گهرايو. هن تنگ ٿي چيو، ”اوهانکي ڪهڙي ڇا؟“ اسان چيو، روز ٽاٽري پاڇيءَ ۾ ليمي جو سواد پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ وارڊ مان هڪ کي روز اسپتال وڃڻ جي اجازت.“ هن ٻئي ڳالهيون مڃيون، آرام جي ننڊ ڪرڻ لاءِ.

اسان اسپتال وڃڻ لاءِ خواهشمند ڇو هئاسين؟ اها سي ڪلاس ڇڪر جي هن پار هئي، ”ڪيو“ ڪلاس ۾ بند ڪانگريسي اڳوان اُن جي پر واري خاص وارڊ ۾ رهندا هئا. ”اي“ ڪلاس ۽ ”بي“ ڪلاس وارڊ ٽي ”ڪيو“ ڪلاس قيدين کي ڏنا ويا هئا- جيل ۾ سڀني وارڊن جي قومي قيدين جي ملاقات ٿيندي هئي، حال احوال ڏبو وٺبو هو ۽ اُتان ڪسڪي پنهنجي من پسند اڳوان سان کي گهڙيون روح رهاڻ ڪري اچبو هو ۽ اڳوان ۽ پوئلڳ جو سنڌو جيل ۾ نه جهڙو هو. جي هو ته پاڻ کان پاڻهي عزت ۽ سڪ جي ڏيوڻ جو هو.

ڪو ڪانگريسي اڳوان منهنجو سنڌو ليڊر نه رهيو هو، ساهتيءَ مان اچڻ ڪري ۽ آنند جي همراهه هجڻ ڪري نيوندرام وشنداس کي ٿي ڪنهن حد تائين اڳوان مڃڻ لڳو هوس. ائين ته مون ١٩٣٧ ۾ اسيمبلي چونڊن ۾ ڳوٺ ڳوٺ ۾ هن لاءِ دل و جان سان ڪم ڪيو هو. هن جو اڄائي ڪيڏن مون ۾ وشواس جمي ويو. هن ۾ صورت حال سمجهڻ جي سياسي سوجهه جيل اندر مڙيني اڳوانن کان سرس هئي. هو ان راءِ جو هو ته، ”هيءَ آزاديءَ جي آخرين جنگ نه آهي، اڃا ته محنت ڪرڻي پوندي، قرباني ڪرڻي پوندي، خود ڪانگريسي ڪم ڪندڙن ۾ شعور پيدا ڪرڻو پوندو، هنن جا سياسي سوجهه ٻوجهه لاءِ ڪلاس جاري ڪرڻا پوندا.“ هن وٽ سياسي جاڳرتا آڻڻ ۽ جوڙجڪي جنگ جاري رکڻ لاءِ مڪمل بلو پرنٽ هئي، هن آنند کي ريٽي

هلچل سان نباهيان. منهنجي سهري جي مرضي هئي ته گهر وڃان، هنجي ڏيءُ جي سانگي. پروفيسر ٻلواڻيءَ جي پڌر ديپچندر ٽلوڪچند جي نياپي ختم ڪئي. هن هلچل کي سوڍي اُڇي ته، گهڻن ٻين به فيصلي کي سمجهيو هو ۽ تن ۾ پروفيسر ٻلواڻي به هو. هو مانيڻو ۽ هر دلعزيز شخص هنسا کان ته ڇا آندولن لفظ کان به ڇرڪندو هو. هن پنهنجي بنگلي جو اندريون ڪمرو، غير قانوني پريس قائم ڪرڻ لاءِ ڏنو هو جتان ديپچندر ٽلوڪچند روزانو بليٽن ڇاپي ڳجهه ڳوهه ۾ ورهائيندو هو. هلچل ۾ ناپر آئي ۽ منهنجي جيل مان نڪرڻ ۽ ٻلواڻيءَ وٽ رهڻ جي امڪان ڪري اها پريس اتان کڻي وئي هئي.

منهنجي جيل مان نڪرڻ جي ٻئي ڏينهن ديپچندر جو عيوضي ٻلواڻيءَ جي گهر هليو آيو. چيائين ته ڪم اڃا جاري آهن، انهن ٻنهي ۾ سهاڪ ٿي سگهين ٿو. هڪ ته سنڌي بليٽن لاءِ سماچار اولڊناٿون مان پيرڻ هرديوي ۽ پهلاجسنگ راجپال وٽان آڻڻو آهي ۽ منڪليوڊ روڊ تي هنگوراڻي جگهين جي پنيان هڪ گهر ۾ بالچنداڻيءَ کي پهچائڻو آهي. ان کان پوءِ نانڪواڙا ۾ نڪر نالي شخص وٽان انگريزي بليٽن جو مسودو کڻي نئين چاليءَ جي هڪ پيڊيءَ تي پهچائڻو آهي. اهي ڪم سڌن رستن تان شارٽ ڪٽ روڊ سان نه، ور وڪڙ ڪري ڪرڻا آهن. ۽ ان وچ ۾ اندر ٿرايل انقلابين کي سٽي ماجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ ڪيسن ۾ به حاضر ٿيڻو آهي، ڪارروائي نوٽ ڪرڻ ۽ انقلابين جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ. هن سڀ تفصيل ڏنا. پوءِ پڇيائين، ”سوٽ ڪوٽ ڪونهيئي؟“ مون چيو، اٿم، پر اڄ تائين پاتا نه اٿم.“ هن چيو، ”اهي پائڻ شروع ڪر......“

مون شڪارپور وڃڻ کان اڳ چار سوٽ ڪوٽ ٺهرايا هئا - ٻه سوٽي کاڌيءَ جا، ٻه گرم کاڌيءَ جا. شڪارپور جي گرمي خواه ٿڌ کي

ته؟ دادا چوڻ لڳو، ”اسين توکي اتي ڇڏي پوءِ پنهنجي گهر وينداسين.“

مان ڪجهه چوان ئي چوان، هنجو دادا هليو آيو ۽ منهنجو هٿ پڪڙي پنهنجيءَ ڪار طرف وٺي هليو.

پلواڻيءَ، منهن جي سهڻي سس پڻ منهنجو چڱو آدر ڀاءُ ڪيو. گهڻو پوءِ معلوم ٿيم ته پروفيسر پلواڻيءَ کي مون سان ڏاڍو ناراضپو هو ته جيل اندر مختصر ملاقات ۾ مان بابا خواهه پرنسپال ٺڪاڻيءَ سان بيحد رکائيءَ ۽ گهٽ شائستي نموني پيش آيو هوس. هو ٺڪاڻي صاحب جو شرڌالوُ شش هو ۽ منهنجي مذمت هنکي شان وٽان نه لڳي هئي، پر دنيا جتائيندي منهنجي منهن ۽ ڳالهائڻ مان شوخي ٽپڪي هئي! مان جيل ۾ ئي هوس جو گانڌيءَ ايڪيهه ڏينهن اپواس ورت رکيو هو. انگريزن گانڌيءَ تي الزام لڳايو هو ته هن ۽ ڪانگريس ديس کي اهنسا جي واٽ ڏسي هئي. گانڌيءَ خط ۾ الزام جي ٺاهتي گهڙي هئي. خط جي جواب نه ملڻ تي گانڌيءَ ورت رکيو. دنيا ڀر ۾ انتظاري ڦهلجي ويئي هئي. مان به پڻ سنڌون ڪراچيءَ ۾ ريڊيو سان چنبڙيو رهيس، وقت بوقت گانڌيءَ جي صحت بابت بليٽن ٻڌڻ لاءِ. ۳ مارچ تي سيٺڙي سامت جو ساهه کنيو ۽ ڪستوربا به آغاخان محلات ۾ باندي رهندي ساهه ڏنو. پوريندي ئي معلوم ڪري ورتم ته مونکي پهرئين ٽرم جي رعايت جو فائدو نه ملندو، سرڪار ظاهر ڪيو هو ته پهرئين ٽرم ۾ جن وديارٿين جي چاليهه ڏينهن ڪاليج ۾ حاضري هوندي، تن جو ٽرم بحال رهندو. منهنجي سٺيهه ڏينهن حاضري هئي. جي رحيم سومري جي ڪري ڪيل سٽرائيڪ ۾ گسايل ڏينهن شمار ڪجن ها ته منهنجو ٽرم بحال ٿي اچي ها اختياريءَ وارا ائين ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا......

مون لاءِ ٻه رستا هئا - گهر وڃان يا اڳتي رهي رهيل ڪهيل

مون ٻلوائيءَ سان ڳوٺ وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. سهرو بيحد خوش ٿي ته مان سنڌس لاهوت کان اٿوانداز ٿيو هوس. ٻالچنداڻيءَ کي ٻه هفتا ٻليڻن واسطي ٻيو بندوبست ڪرڻ لاءِ چيم. درحقيقت ٻليڻن هاڻ روزانو بدران هفتيوار ڇپجڻ لڳو هو.

ڳوٺ پهچي ڏٺم ته ادي واقعي هوش حواس کوهي ويٺي هئي. ٻاٻا ۽ گهر ۾ سڀ بيحد دکي هئا. پر ٻاٻا همت نه هاري هئي. هن ۽ ديويءَ جي شيوا، مهنجي ڳوٺ ۾ هوندي ئي رنگ لائڻ شروع ڪيو. ٻاٻا هربرام جي ڏسڻ ۽ سپنداس جي ڏسيل دوائن خاص طور ڊاڪٽر بي. سي. راءِ جي خاص پيٽينٽ دوا رايا پل گورين، بادام روغن جي مالش ۽ ناس ته فائدو ڏيکارڻ شروع ڪيو. مان ٻه هفتا ڳوٺ رهيس. اديءَ جي لهل ٽڪور ۾ مهنجي وڏي ڀاڱو ۽ مون به ڀاڱو ادا ڪيو. مون جڏهن ڳوٺ ڇڏيو تڏهن ادي ڪافي سگهاري ٿي چڪي هئي. ادي ڇهه مهنا پيڪي رهي، جڏهن هوءَ سيپٽمبر آڪٽوبر ۾ مونکي ڪراچيءَ گڏي تڏهن هوءَ اڳيئن کان اڳري هئي. وچ واري لهس گويا آئي ئي ڪانه هيس.

ٻه هفتا جي ڳوٺ رهيس، گهڻو تڻو اندر ئي رهيس. علي اڪبر ٽڪڙو ٽڪڙو تعصبي ٿيڻ لڳو هو ۽ هندو رستن کان ڪنارو ڪرڻ لڳو هو. ننڍپڻ جا مڙيئي همراهه باغين ٿو ٿين لڳا هئا. ها، واڙ وت هر روز لڙيءَ منجهند جو ڪچا رکارٿ ٻڌڻ ويندو هوس. ٻه راتيون ٻوهوءَ جي باغ ۾ به ويس. پر اڳين موج مستي گهٽيل هئي ۽ هڪ دفعو ماستر چندر سان ٻب عيدن ۾ جمن شاهه جي ميلي ۾ شريڪ ٿيس. ماستر چندر جي مشهوري ڪافي وڌيل هئي ۽ لوڪ ٻريتا ٻڻ. هو اڻ پڙهيل ڳوٺاڻن جو، تعصب جي وڌندڙ لهر ۾ به، لاڏلو گائڪ بڻيو رهيو.

ڌيان ۾ رکي. پر اڃي نه يونيفارم جو رواج هو، ڪراچيءَ ۾ حشوءَ کي گهڻو ڊگهو ڪڙتي پاجامي ۾ ڏٺو هوم، پر ٽنهڪان اڳ ئي مون شڪارپور واري يونيفارم کي ڪراچي ڪاليج جي ڊريس بڻائي ڇڏيو هو، پنهنجي لاءِ. کاڌيءَ جا ٻه ٽي سوٽ ڪوٽ هاڻي واري وڏيءَ لئي پائڻ شروع ڪيم. بدلاڻيءَ جي گهران نڪرندو هوس صبوح جو نوين بجي ۽ موٽندو شام جو ڇهين ستين بجي هوس. بس ۾ لهندو چڙهندو نڪريءَ هيٺ ڇداڪاشي مندر وارن اسٽاپن تي. منجهند جي ماني ڪٿي نه ڪٿي کائيندو هوس نه ته ٻه پڪوڙا ڊبل راٽي ناڪواڙا ۾ کائي ٽانگهه لاهيندو هوس...

ستي ماجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ گلراجاڻي پائرن ڪانسواءِ پنجراپور بام ڪيسن جي به شنوائي ٿيڻ لڳي هئي. هنن جو مهندار، جيٺانند گيهاڻي، جنهنکي بلواڻيءَ جي ماءُ ماستر سڏيندي هئي، ”ڪيو“ ڪلاس قيدي بڻجي چڪو هو.

ان وچ ۾ مان ٻه هفتا ڳوٺ ويس.

مان ڳوٺ سهري جي ٽاهوت ڪري نه ويس، ٻيءَ گهٽنا ڪارڻ ويس. منهنجو پڦات جيٺو پنهنجي ڪونيءَ جي ٻمبئيءَ واري شاخ سنڀالڻ لاءِ موڪليو ويو هو؛ هن ماءُ، زال ۽ ڌيءَ کي به ٻمبئيءَ گهرايو هو. اتي منهنجي پڦي جنگ جي مهانگائيءَ ۽ جنگ جي ڪلورن جون ڳالهيون ٻڌندي پنهنجو دماغي توازن کوهيندي رهي. هڪ ڏينهن هن جي ڪل ٽڙڪي ويئي. جيٺو نهايت پريشان ٿي ويو. ان پريشانيءَ مان نڪرڻ جو علاج اهو سمجهيو جو اديءَ کي وٺي، ريل رستي حيدرآباد کان سڌو اسانجي گهر وٺي ويو. بابا ليکو، ”ٽاڪري چري ٿي پيئي آهي......“ منهنجا اؤسان خطا ٿي ويا. ادي، پڦيءَ کان وڌيڪ منهنجي ماءُ رهي هئي، خاص طور ننڍي هوندي. ڪراچيءَ ۾ ڪاليجي زندگيءَ جي دؤران ۾ به هنجو موناسان موهه جڙيو.

آيو. بخاريءَ جي ميز اڳيان رکيل هڪ ڪرسي مون خالي ڪري هنن کي ڏني. ناري شام جي ملڻ جو هنڌ ۽ وقت مقرر ڪري هليو ويو هو. بخاريءَ مون کي پريرو رکيل ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو.

آيل جوان ڪرسيءَ تي ويهي بخاري صاحب کي هڪ لکيل مضمون پڙهائي رهيو هو. بخاريءَ مضمون پڙهي رهڻ بعد مون کي ڪرسي ڪڍي ويجهو اچڻ لاءِ چيو. جوان پنهنجي ڪرسي ٿوري سيري. سامهون ويهي وڃڻ تي بخاريءَ چيو، ”هيءُ آهي گوبند پنجابي. نئين دنيا ڪتاب گهر طرفان سوويت يونين جي سورهين سپتري زويا جي مختصر جيوني ڇپائي رهيو آهي. ۽ هيءُ آهي گوبند مالهي.“

گوبند پنجابيءَ چاهه مان منهنجو هٿ پڪڙيو ۽ چيو، ”سنڌوءَ معرفت منهنجو اڳ ۾ ئي واقف آهن. گڏجي خوشي ٿي.“

مون هن بابت اڳ ۾ ئي اهڙو پڙهو هو ته هُو شاهوڪار گهر جو آهي، پوءِ به برڪت علي آزاد جي صحبت ۾ سوشلزم جو حامي آهي......

مون چيو، ”مون کي به بيحد خوشي ٿي آهي.“

اوڏيمهل بخاريءَ گوبند کي چيو، ”ڪامريڊ، ڪتاب جو پريفيس تون ئي لک. هيءُ لکي. پڙهو اٿم ڪانگريسي به آهي، ليکڪ به آهي. سوويت سپتريءَ تي ڪانگريسي ليکڪ جو لکڻ وڌيڪ اثردار ٿيندو.“

گوبند ٿيلهي پاڻ سان آندل ڇپجي ويل ”زويا“ جو ٽڪو منهنجي هٿ ۾ ٿمايو.

شام جو ناري مون کي آرٽلري ميدان روڊ نمبر ٻهرئين تي هڪ گرائونڊ فلور فليٽ ۾ وٺي هليو - وديارٿين جي ميڙ ۾ سخاوت چوٽواڻيءَ سان ۽ پانيان ٿو ڪشن دلواڻيءَ سان واقفيت به، اُن

هڪ فرق ڳوٺ وارن کان دور رهندي ۽ پانچيم - موسيٰ خان جو ڏکو مسلمانن ۾ وڌندڙ هو ۽ عارف شاھ مسلمانن جي پيٽ ۾، هندن ۾ ٿهائين پيارو ٻڻيو هو.

۽ ٻيا ڪتاب ۽ نئين دنيا ڪتاب گهر شايع ڪيا - هڪ بنگال جي ڏڪر تي ڪرشن چندر جي لکيل ڪهاڻيءَ جو ترجمو، "اَن داتا" جي عنوان سان. ترجمو گوبند پنجابيءَ پاڻ ڪيو هو. ٻيو ڪتاب ڊي. ڪي. منشارامائيءَ جو ڪنهن روسي ڪتاب جي انگريزي ترجمي تان ورتل هو- اشتراڪي سوويت يونين." ٻخاريءَ جي صلاح سان ڪتاب گهر جو سيڪريٽري مونکي بڻايو ويو.

جون ۲۰ تي لا ڪاليج ۾ نئين سر داخلا ورتم. هلچل ماٺي ٿي چڪي هئي. بلڊنگ بند ٿي چڪا هئا، صرف ڪيس جون شنوايون هيون اتي ته هاڻ ڪڙتي پاجامي ۾ ويندو هوس.

مان پانيان ٿو، ۱۹۴۳ جي آگسٽ جي پڇاڙي هئي يا سيپٽمبر جي شروعات. ڪچهري روڊ تان ساهتي ڪلب طرف وڃي رهيو هوس، ڪاليج مان نڪري. اوچتو ڪنهن اچي ڪلهي تي هٿ رکيو. هوءَ ناري نهالاڻي هئي، لا ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئائين. هن جو پيءُ ساڌورام مشهور هو، اي. داس ڪمپنيءَ جو ڪراچيءَ لاءِ مئنيجر هو. هو مونکي ويجهيءَ ايراني ريسٽارنٽ ۾ وٺي ويو. چانهه تي هن ٻڌايو، "اهو ته پڪ نياپو ڪيئن آيو آهي؟ سوڀي جو تو لاءِ نياپو آيو آهي ته ڪامريڊ ٻخاريءَ سان لهه وچڙ ۾ اچ ۽ وديارٿين ۾ ڪم ڪر ۽ ٻئي واقفيتون مان توکي ڪرائيندس." ماني ڪاڏم پا ته پڪ نه اٿم. مونکي ساڳئي رستي جي منهن وٽ بندر روڊ تي وٺي آيو. ٽريڊ يونين آفيس ۾ اچي ٻخاريءَ وٽ ڇڏيائين. هن مونکي ڀريندي ٿي متاثر ڪيو ۽ هن شام جو ناريءَ سان وديارٿين جي ميڙ ۾ شريڪ ٿيڻ جي صلاح ڏني ...... مان اچا آئي ٿي هوس ته هڪ جوان

سواميءَ جي چوڻ تي مان پريس ۾ ٻه ڪم ڪرڻ لڳس. ڪاليج مان سڌو پريس ۾ ويندو هوس، منجهند جي ماني سوامي ۽ گوبند سان کائيندو هوس، پنجين بجي پريس مان نڪري آرٽلري ميدان تي سٽوڊنٽس يونين آفيس ۾ پهچندو هوس.

نئين دنيا ڪتاب گهر جو ڪراچيءَ مان پهريون ٽرئڪٽ منهنجو ترجمو "غريبي" عنوان سان ڇپجي ظاهر ٿيو.

ان وچ ۾، گوبند جي طبعيت ناساز ٿيڻ لڳي. ڪراچيءَ جي گهميل آبهوا هن کي راس نه آئي. سوامي ان وچ ۾ اتر سنڌ جو دؤرو ڪري اچي ڪراچيءَ سهڙيو. گوبند ۽ سوامي پاڻ ۾ پهيا ۽ فيصلو ڪيائون ته گوبند پريس وڪڻي وڃي شڪارپور ٽانئيڪو ٿئي. سواميءَ مون کي پريس خريد ڪرڻ جي آڇ ڪئي، بزار جي اگهه کان گهٽ پيسن ۾. مون بابا کي لکي موڪليو، هن وٽان "ها" اچڻ ۾ ٻه هفتا لڳي ويا. ان وچ ۾ پريس وڪامجي وئي!

بخاريءَ صرف ڪتاب گهر کي ڪراچيءَ مان هلائڻ جي فتويٰ ڏني، بلڪ گوبند جي گهر کي ڪتاب گهر جي آفيس ۽ ٻاهران ايندڙ هاري ۽ ڪميونسٽ اڳواڻن مهمان سراءِ طور پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو.

ڪتاب گهر جي نئين ڪتاب طور خواجه احمد عباس جي اردو ڪهاڻين مجموعو "رقاصه" تجويز ڪيائين؛ مان ڪتاب ترجمو ڪرڻ لڳس ته ليکڪ تلسياڻيءَ هڪ ٻي فرصت ۾ اهو پڙهيو ۽ ڪن ڪهاڻين جي ترجمي جي آڇ ڪيائين. "نيلم" عنوان سان پنج ڪهاڻيون شائع ٿيون، ٽي مون ۽ ٻه، ليکڪ ترجمو ڪيو. منهنجي صلاح تي ڪتاب گهر کي ظاهران ظهور ڪميونسٽ ادارو نه ڄاڻائڻ لاءِ ايمبليم ڏاٽو ۽ هٿوڙو به غائب ٿي ويو.

مان پناڻيءَ کي وساري ويٺو هوس. هوءَ جيل مان نڪرڻ

ڏينهن اچي ٿي.

هڪ ئي ڏينهن ۾ مونکي ٻه نوان شغل مليا، ويا - وديارٿي هلچل ۽ نئين دنيا ڪتاب گهر. مان ٻنهي سان نباهڻ لڳس.

مون ٻئي ڏينهن ئي ڪاليج مان نڪري سڌو ٻخاريءَ وٽ ويس. هنکي "زويا" جو مهاڳ پڙهي ٻڌايم. هنکي بيحد پسند آيو. هن مونکي ريبتي برمن جو انگريزيءَ ۾ اڪيل ٽرئڪٽ ڏنو. عنوان مان پانيان ٽو ڊيولپمينٽ آف سوسائٽي هوس. چيائين، "زويا بعد نئين دنيا ڪتاب گهر جو ڪراچيءَ مان اهو ٻيون ڪتاب ٿيندو. تون اهو ترجمو ڪر. مونکي پڙهي ٻڌائج. پوءِ ئي اهو پريس ۾ ويندو."

اوڏيمهل گوبند به اچي نڪتو. مون وارو مهاڳ، گوبند کي ڏيئي ٻخاريءَ چيو، "تمام سٺو لکيل آهي. ٻيون نمبر ڪتاب به هنجو رهندو، ريبتي برمن جي انگريزي ٽرئڪٽ جو ترجمو."

مون پروڙي ورتو، پبلشنگ هائوس ۾ آخرين لفظ ٻخاريءَ جو هو ۽ هو مونکي پنهنجيءَ برادريءَ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ آتو هو.

گوبند مونکي ميريويدر ٽاور سامهون پنهنجيءَ پريس ۾ وٺي هليو. رستي تي گوبند مون کي ٻڌايو ته ٻخاريءَ جي مرضيءَ مطابق ئي هن ڪراچيءَ ۾ گهر ڪيو ۽ پريس ورتي هئي.

پريس ۾ پتو پيم ته نئين دنيا جو ايمبليم ڏاتو ۽ هٿوڙو هو. سمجهي ويس، پريس ۽ ڪتاب گهر ڪميونسٽ ساهتيه شايع ڪرڻ جا مرڪز هئا.

ٿورن ڏينهن ۾ سوامي انگوديو به ڪراچي آيو، قداور ڊگهي ڪڙتي ۽ پٽڪي ۾ هڪ رعب واري شخصيت جو مالڪ ٿي لڳو. هڪ ئي ڏينهن جي صحبت ۾ سمجهي ورتم ته هو نئين قسم جو سوامي هو، سوويت يونين ۽ سوشلزم جو چست حامي. هنجي لفظ لفظ مان اٽوٽ وشواس ٿي ٽپڪيو.

اُها نہ جڳي، نڌائي ويس. ٽئين ڪي ڇوٽين ڏينهن رات جو ديرَ سان سهري کي سس سان ڳالهائيندو ٻڌم، "رهڻ ۽ کائڻ جو بندوبست نہ هجيس ها تہ ضرور ڳوٺ وڃي ها." هن ليکي مان نند ۾ هوس. سهري پنهنجيءَ سڪيلڌي ڌيءُ جي سانگي ڇيو هو ۽ مُنهنجا پير ٽپي پيا. ٻئي ڏينهن ئي گاڏيءَ ۾ چڙهي پيس.

ڳوٺ ۾ سڄو وئڪيشن رهيس. ذڪر لائق ٽي واقعا ٿيا. ٻڌم، پيٽوڙو وري پرڻجي رهيو آهي، مهني کن اندر. سمجهيم، جو ٿورو گهڻو ناتو سلامت هو سو بہ ختم ٿي ويندو. سپني ۽ ساڀيا جو مليل جهليل احساس ٿيم. سپنو هو، دادن جو ساهرو گهر وسائڻ. ساڀيا هئي هن جو هن جهان ۾ نہ هجڻ. خيال، جو عمر ڀر پرجڻ جو نہ هو ...... ٻي ساڀيا بہ دک ڪٽي آئي. لالو چلي رهيو. مان جنسي رنڌي هنجو انتم درشن ڪيو، رنڌي هنڪي ڪلهو ڏنم ۽ رنڌي شمشان ڀوميءَ ۾ هٿ جوڙي هن کان موڪلايم. رنو ٻائي سندرداس بہ، ٻابا جي اکين ۾ بہ آنسو هئا. سڄي ڳوٺ ۾ اُداسي ڇانيل هئي. مان هن سان الاهي مهنا اڳ گڏيو هوس ۽ هن سان گهاريل گهڙيون ڪلهہ ڪلهوٽيون لڳم. رات جو ديويءَ ڏي ڏيڻ چاهيو تہ اکين جو بند وري ٽٽي پيو. ديويءَ وري ڪجهہ نہ چيو، نہ ڪيو. سڏڪا ڀريندي نند ڪٽي ويم. اهو خال بہ دل اندر سلامت رهندو آيو آهي.

ٽين گهٽنا بہ ٿي اُها دکدائڪ هئي تہ سوچڻ لاءِ مجبور ڪندڙ بہ هئي. ٻائو رام پرساد ڪجهہ وقت ٻابا هريرام جو شش بڻجي نوڪريءَ جي هن پار "ٻابا جي ڏيري" تي رهندو هو. هن جا ٻابا سان اختلاف ٿيا ۽ ٽي شش وٺي سٽيشن جي اورئين پاسي نئون ڏيرو قائم ڪيائين. مان ڳوٺ ۾ هوس جو هڪ صبوح جو هل پيو- ان ڏيري تي رام پرساد سميت چار ٻاوا قتل ڪيا

وقت نه آئي هئي ته مونکي ڪافي نراسائي هئي؛ ان نراسائيءَ هڪ قسم جي روساميءَ کي جنم ڏنو هو پر ذري گهٽ سڄو ڏينهن مشغول رهندي هوءَ منهنجي دل مان ٿي نڪرندي ويئي......

اوچتو هوءَ مون سان ٽڪرجي پئي ويئي. پوءِ مان نڪري ٻاهري بزار ۾ گهسيٽا حلوائيءَ جي دوڪان تي ڪاري لسي پي رهيو هوس جو هوءَ منهنجي ڀر ۾ اچي بيٺي. چيائين، "اڪيلو اڪيلو لسي پي رهيو آهين!"

مونکان ڇرڪ نڪري ويو. هوءَ شڪل ڪري ٿوري جهڪي ٿي چڪي هئي. منهنجو ڌيان هنجي ڪڇ ۾ ٻار طرف ڪڇي ويو. هن چيو، "هيءُ منهنجو ننهنجو ڪڪو آهي." هن جي فلڪ مان ڪو فخر ٻڪي رهيو هو!

مونکي شرارت سجهي، چوڻ چاهيم "تنهنجو ننهنجو! تنهن جي پٽيءَ جو نه؟" چيم ڪجهه به نه. بي اختيار ٻار هن کان ورتم، هنج ۾ کنيم ۽ هنجي ٽرڙ کي چميم.

هن ٻار جو هٿ ٻڪڙي چيو، "هيءُ اٿيئي تنهنجو مامو؛ پر مامي جا فرض نه نباهيندءِ......"

الائي ڪهڙي جذبي هيٺ هن ٻار جنسي کسي ورتو.

مان ڪڪو وکو ٿي ويس. هن چيو، "ڀيڻڙ ٺنيان ڪيترو ڏوڙهو." هوءَ ڪاري در طرف وڌي ويئي. مان وڻن وانگر هن کي ويندو ڏسندو رهيس چپ چاپ.

ٻه ڏينهن سانده مان آتو رهيو هن وٽ وڃڻ لاءِ، ويس ڪونه. هن سان منهن مقابل ٿيڻ جو ساهس نه ٿيم.

مان رهندو ٻلواڙيءَ جن وٽ ئي هوس؛ نيرن ۽ رات جي روٽي ٻه ساهرن ۾ کائيندو هوس. ڪاليج جو ٽرم پورو ٿيو مس ته سهري مونکي گوٺ وڃڻ جي صلاح ڏني. مونکي ڀرين نه

ڪري ٽرشي ۽ رنجش عدم موجود رهي. ٻڌاريءَ سان ٻه جلد
جلد ملڻ لڳس ۽ قانوني ڪتابن جو اڀياس ۽ جتن ٻـوءِ ٽٽن
وڏيڪ ڪان وڌيڪ ڪرڻ لڳس.

امتحان بعد وري ڳوٺ هليو ويس، من ۾ ٻپ رهيو، سهري
سان ظاهران ظهور چڪتاڻ ٿيڻ جو.

ڳوٺ ۾ هندو مسلمان ويڇو وڌندو ڏٺم مگر اُن اڃا ٽائين ڪو
اُگرو روپ نه ورتو هو. مان ولوءَ جي دوڪاڻ تي رڪارڊ ٻڌڻ ويندو
هوس، سوُٽ رڀلوءَ وٽ ڪڏهن ڪڏهن ارپٽيڊ پنگ پيئندو هوس ۽
ڪڏهن ڪڏهن اورئين يا پرئين باغ ۾ ويندو هوس. هيمون، گدو
۽ ڏيرو ملندا هئا اتفاق سان، اڳينءَ سڪ سان؛ لعل بخش مهنو
ناٽڪن سان ڳوٺ ۾ ديرو دمايو ته علي اڪبر سان هڪ ڏينهن
ٻه ڪو ناٽڪ نه ٽارمر، ڪي ناٽڪ ٻه ٻه ۽ ٽي ٽـي دفعا ڏٺم.
هو ويو ته گهمنڊڙ سئنيما اڇي ڏابـو ڪيو. هڪ هڪ دفعو،
هرهڪ فلم ڏٺم. شاهه جو رسالو ۽ پڙهيم، ٻه دفعا اکر ٻه اکر.

رزلٽ نڪرڻ واري هئي جو ڪراچيءَ هليو آيس، ٻـاس
ٿيڻ جي اپٽري ٻڪ هيم.

رزلٽ واري ڏينهن تي شام جو ليڪوُ ٻلوائيءَ وٽ ملول منهن
ڪٽي آيو. ڪنڌ ڏوٽي ڇپائين، "ساري، نواڪ"، ارمان ٿيم،
رنم ڪونه؛ ساهرو گهر هو، شايد ان ڪري. ڏک ساڻائي ويس،
ڪراچيءَ ۾ رهيس ڪونه. ٻئي ڏينهن ڳوٺ روانو ٿيس.

ڳوٺ ٻهڇي گهر جو گهرپتڙو ۽ ڪتابـن جـو ڪيڙو ٻڻجي ٻيس.
منهنجيءَ پتنيءَ جو هر طرح جو ساٿ رهيو، مان ٻڇتيءَ مان
هيٺ لهندو ئي ڪونه هوس؛ هوءَ ڪاڏي ٻيٽي ۽ هر سهوليت
جو ڌيان رکندي هئي. گويا، هن امتحان ۾ منهنجيءَ هار ڪـي
منهنجي هار ڪري قبوليو هو. ها، شام جو هوا خوريءَ لاءِ هن
جي چوڻ تي ڪو نه ڪو پائنيو مون سان گڏ هلندو هو. اسان

ويا آهن ...... ڳوٺ ۾ ڪولاهل مچي ويو. ڪن چيو، "اهو خبيثي ڪم بابا هريرام ڪرايو آهي. هن کي نئي بدلي جي آگ ڀڙڪائڻي هئي. ٻين جو ڀاون ويچارن جا بگاڙيو هو؟"

بابا ان ڳالهه مڃڻ وارو نه هو. دعا دل سان مونکي به نه ٿي لڳي. بابا هريرام کي ٿاڻي ۾ ٻڌا هٿ لائڻ جي همت پوليس ۾ نه هئي. مگر ماڻهن جون زبانون ڪينچيءَ وانگر هلنديون هيون. مون هڪ ڀيرو بابا کي ڏٺو. هو منجهيل ۽ اڌيل لڳو پئي پر هن جي گنهگار هجڻ جو ڪو اهڃاڻ نه هن جي چهري تي نمودار هو ۽ نه هن جي روش مان ٿي بکيو. ٻاون جي انتم ڪرياڪرم ۾ به هو پنهنجن کان وڌيڪ اڳرو رهيو.

ٻئي رستي ڏيئملل نه صرف ڪامياب پوليس پراسيڪيوٽر هو بلڪ بابا جو شش به هو. هن زمين آسمان هڪ ڪري ڏنو. هن ٽر جي گڙنگ ڏاڙيل پيروءَ جي مدد سان هن اصل ڏوهين کي پڪڙايو ۽ ڪانئن سچي ڪرائي: هڪ هلنديءَ واري مسلم پير جي حڪم جي پيروي ڪئي هئائون. مارڻو بابا هريرام کي هون. غلط ڏس ملڻ تي. غلط ماڻهو ماريائون. هنن کي جوڳي سزا ملي.

بابا هريرام تان گرهڻ هٽي ويو، مگر صوفي ڳوٺ جي سلوڪ مٿان ڏڦير رواجي گرهڻ جو انڌيرو وڌڻ لڳو.

نئين دنيا ڪتاب گهر طرفان ٽئين نمبر ۾ هڪ نئي ڪتاب ڇپيو. اڙدو ڪهاڻين جو ترجمو، "نوراني ديوي" جي نالي سان. مکيه ڪارڻ هو، مالي دقت. مان وديارٿي هلچل ۾ وڌيڪ سرگرم رهيس. اڳوان جي اڳيان ٽائين باند هجڻ ڪري هلچل ته ڪا هئي ڪانه. ٿينديون هيون ڳالهيون ۽ ڳالهين جي دوران ۾ سخاوت ۽ منهنجي وچ ۾ قومي ۽ ڪميونسٽ ويچارڌارائن وچ ۾ ٽڪر لڳندو هو پر دوستاڻي نموني. ان ٽڪر ۾ ٻنهي جي سڀاون

واري ٻنيءَ ۾ اسان لاءِ نئي باغ پوکائي رهيو هو. چيائين، ”باغ لهي ٿاٿ“ ٿاٿ آئل ۽ ٻيا هاري ڪندا، تون هلي اچي ويهه، ٿاٿ سنوار ۾ ٽيڙي ايندي. مان ۽ توسان هلندس، روز......“ مون هڪ ڏينهن هن سان وڃڻ ٻاسيو، ٻه وڃڻ لڳس، هرروز. نئين باغ جي هاريءَ سومر جي ڏنيل ۽ حق بخشايل پيڙ هئي خوشحالي. هن جي شڪل ۽ روش ڏاڏن سان ٿي مليا. ڏاڏن اڃي هئي، خوشحالي ڪارسري. ڀريندي ٿي چيائين، ”آدا!“ ۽ هوءَ لاڏ، سهرا ۽ ڪلام گنگنائيندي رهندي هئي. ٻنهي تسڪين مونکي روز چيڪيندي رهي، علي اڪبر سان گڏجڻ ۽ ٻند ٿي ويو. ڳوٺ سان رهيو کهيو ناتو ۽ ٽٽي پيو. مون من ئي من ۾ فيصلو ڪيو ته ”بابا کان هڪ ئي جائداد گهرندس، اهو وجود ۾ ايندڙ باغ ۽ بس، ڪورٽن ۾ وڪالت لاءِ ڊگري نه ملي ته پرواهه ناهي، هارين جي وڪالت ڪندس، عمر ڀر. ”منهنجي من ۾ نعرو گونجيو، ”هاري حقدار.“

ايل. ايل. بيءَ جي ٻئين سال جي رزلٽ نڪرڻ واري ڏينهن مان نئين باغ ۾ ٽرسي پيس، رات ٽائين. مطلب اهو هو ته ڊيوي نراسائيءَ جو ڏک ڪنهن حد ٽائين ساٿائي وڃي، ان وچ ۾. مامو اوچيرام سنجها ٽاڻي هليو ويو، آئل ڪي ٽرسائي وهاريم. مونکي گهر ياد خوشحاليءَ ئي ڏياريو. پوءِ ۽ ٻڌڙ ۾ هوس جو گهوڙيءَ تي زينت جو ڀاءُ اچي نڪتو. گهوڙيءَ تان لهي هڪ ئي ساهه ۾ چيائين، ”وڏي ڊيوان موڪليو آهي. تون پاس ٿيو آهين. وٺ گهوڙي ۽ گهر پهچو ٿئي. مان پاڻهي گهر هليو ويندس، ٻنڌ.“

الائي ڇيئن، مونکي پاس ٿيڻ جي خوشي نه ٿي. هـا، هيانءُ سو هلڪو سمجهيو.

بابا صلاح ڏني، وڪالت شروع ڪرڻ کان اڳ هڪ سال

پنهنجيءَ گهٽيءَ کان سڌو نولکي واهه جي ڪناري تي پهچي اتي ٽهلندا هئاسين. علي اڪبر پيو ڪو دوست به اتي ٽي ڪلاڪ ڪن لاءِ مون سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ ايندو هو. هن ريت، ٽي مهنا ڪن گهر اندر نظربند رهيس.

آڪٽوبر ۾ ڪراچيءَ امتحان کان صرف هڪ ڏينهن اڳ پهتس، نمبر ڏسڻ لاءِ. امتحان پوري ٿيڻ تي ليکوءَ پڇيو، "ڪيئن ڪيئه؟" مون بي اختيار چئي ڏنو، "اڳئين پيري ناپاس ٿيو آهيان ته هن پيري به پاس ٿيڻ جي اُميد ڪانهي." ۽ منهنجي لحاظ کان مان صحيح هوس. قاعدي جي ڪتابن، هندو لا خواه مسلم لا کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ضروري هو حافظو. چاڪاڻ ته منهنجو حافظو تيز هو، اڳئين پيري هڪ پيرو ڪتابن پڙهڻ ۽ هاڻ بار بار اُٿلائڻ سان يادگيريءَ تي خير ڪو فرق پيو هو- بدهي حالتن ۾ به ٽي به چار ٿيا هئا. مان نراسائيءَ جي عالم ۾ ڪراچي ڇڏي ڳوٺ پهتس. دل جا ارمان دل ۾ دبائي ديويءَ کي دلاسو ڏنم: دل دکيءَ ۾ رکي، ضرور پاس ٿيندس، تنهنجا لا يا سجايا ٿيندا. هوءَ نوورني ڪنوار جيان شرمائجي ويئي. مگر مون پاڻ کي زندگيءَ جي سفر ۾ نوائي تي منجهيل بيٺل ڏٺو. ان دوران ۾ مان ڳوٺ ۽ ڳوٺ وارن کان ڪٽجي ويس. ميڏو علي اڪبر جڏهن ڪڏهن هليو ايندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اوطاق ۾ وٽي هلندو هو. اتي بعضي عارف شاهه سان دعا سلام ٿيندو هو ۽ بس. الائي پنهنجيءَ مرضيءَ سان يا ديويءَ جي اثرار تي مامي اوچيرام اچي مونکي پڪڙيو. نولکي پار ٻيري ڏانهن ويندڙ رستي تي هڪ پاسي مامي جو پنهنجو باغ هو ۽ اُن جي ٻئي پاسي اُسان جي ٻني هئي جتي هن جو پالتيو آنل پاڇي پوکيندو هو. بابا ڳوٺ جي ويجهي ۾ ويجهي ڏڳاڻي واريءَ ٻنيءَ ۾ باغ پوکايو هو، هاڻ مامو آنل

تي هڪ آفيس ڀاڙي رکي هئي. مون چيومانس، ”آفيس ته وٺون ٿا. باقي ڪم جي شروعات بابت پوءِ فيصلو ڪبو.“ آفيس اوڊيهل ني ائڊوانس ڏيڻي پڪي ڪئي ۽ قبضو به وٺي ڇڏيو.

ٻن ڏينهن اندر بورڊ به لڳي ويو، ”انٽرنيشنل پبلسٽي سروس.“ اسٽيشنري به هفتي اندر ملي ۽ فرنيچر ماهوار مسواڙ مان وٺي اچي وڌو. واسديو ٻن پارٽين جي پبلسٽي به وٺي ڏني. الله تهار ٿي ٿي وئي.

بخاريءَ سان مليس ته هن ورجايو ڪونه. چيائين، ”هاڻ سڌو سنئون پارٽيءَ ۾ داخل ٿيءُ...“

ايسر جي امتحان ٿيڻ کان اڳ ٿي ڪي ٻيا اشتهار ڏيندڙ به هٿ ڪري ورتم. اديءَ جي جڳهه ۾ هڪ ڪمرو به ورتم ۽ ديويءَ کي ڪراچيءَ گهرايم. بابا، هڪ پاٺٽي ڪٺي ڪري به هن سان موڪليو، سندائين رهڻ لاءِ جنهن هنڌ کي خواهه، مونکي ڪا تڪليف نه ٿئي. بابا ڪٽڪ جو باچڪو ۽ شڌ گيهه جو اڌڙ ديو به موڪليو. مون پنهنجي زندگيءَ کي جو نئون موڙ ڏنو هو، ظاهر هو پائوءَ بابا کي اُن کي قبولڻ لاءِ راضي ڪري ٿي ورتو هو.

مون سڪاونه چونواڻيءَ ۽ ڪشن دلواڻيءَ سان به نئين سر ناتو جوڙي ورتو هو.

هڪ ڏينهن پارٽي آفيس ۾ ويٺو هوس، بخاريءَ سان گڏ. هڪ جوان آيو، نالو ياد نه اٿم، چند يا مل جڙيل هو هنجي نالي سان. ڪنهن فرم ۾ ملازم هو. هن چيو، ”اسان جوان مارڪسزم سمجهڻ ٿا چاهيون.“

مان ڪجهه چوان ٿي چوان، اُن کان اڳ بخاريءَ چيو، ”اوهان ميٽنگ رکو.“ پوءِ مون سان مخاطب ٿي چيائين، ”هنن سان مارڪسٽ ڪلاس جي شروعات ڪر.“

پهرئين ڪلاس ۾ ٻارنهين تيرهن ڄڻا جمع ٿيا. ان چند کان

عملي سکيا وٺڻي پوندءِ. نامي مل سان ڳالهايان ٿو."

نامون مل اُن جو ناميارو وڪيل هو. ماستري ڪندي هـن پليڊر جو امتحان ڏنو هو ۽ ججهه ڪندي، هـڪ ٽنگ لنگڙي ٿي هيس پر هوشياري ۽ سچاءَ ڪري لائـق ۽ هردلعزيز هو. مون بابا کي ڪو جواب نه ڏنو. نامي مل بابا کي چيو، "گوبند جهڙي ذهين ۽ قابل شخص لاءِ وڏو شهر ئي وڪالت لاءِ بهتر ٿيندو." بابا مونکي چيو، "ڀل ڪراچيءَ وڃ. پر پنج ۾ نه پئج. ٻلواٽيءَ کي ڇڏي هڪ سال ڪنهن ٻرڪ وڪيل وٽ رهج ..."

مان ننڊ مان سجاڳ ٿي چڪو هوس، ان وچم. اَچانڪ مونکي ڪتاب گهر ۾ ياد اَچي ويو هو ۽ زندگيءَ ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ جو خيال ۾ ستائڻ لڳو هو. مون بابا کي نه ڪجهه نه چيو، پاڻوءَ کي چيم، "وڪالت نه ڪندس، مگر مهنجي ۽ ديويءَ جي ادرپورنا جو ڪو رستو ڳولهي وٺندس." يڪايڪ مونکي ايسر پوپلي يـاد اچي ويو. هوُ ڪاليج ۾ وديارٿي هو، پاڳناڙي. پبلسٽيءَ جو ڪم ڪندو هو، پڙهڻ سان گڏ. اڳيئن پيري پاس ٿيڻ جي پڪ دل اندر سانڍي جڏهن ڪراچيءَ ويو هوس تڏهن مهنجي پقات واسديو هنسان واقفيت ڪرائي هئي. هنجي "وسدال" ڪريم جي پبلسٽي هوُ ڪندو هو. ايسر مونکي آفيس وٺڻ جي صلاح ڏني هئي ۽ پانيواريءَ ۾ پبلسٽي سروس هلائڻ جي آڇ ڪئي هئي.

ڪراچيءَ ۾ پلواٽيءَ مونـکي ماڌوُ داس پيـجت سان عملي سکيا جي صلاح ڏني. چيائين، "ماڌوُ سول وڪيل آهي، ڪورٽ ڪيس جي ضرورت نه پوندءِ..." مون هنکي ڪو جواب نه ڏنو.

مون پاڳناڙي پاڙي ۾ وڃي ايسر کي ڳولهي لڌو. چيائين، "چار مهنا ترسڻو پوندءِ پا مون ڪانسواءِ ڪم شروع ڪرڻو پوندءِ. مهنجو فائينل بي. اي. جو امتحان اڳيان آهي." هن اندر روڊ

قاضي مجتبيٰ پارٽي ڇڏي سڌو سنئون مسلم ليگ ۾ هليو ويو. هن جي جڳهه تي ڪراچيءَ جي پارٽي يونٽ جو سيڪريٽري مونکي چونڊيو ويو. جتي مشهور هو ته ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ميمبر ٿيڻ لاءِ ٻه سال انتظار ڪرڻو پوندو هو. ٽني سال جي اندر اندر مان اُن جو يونٽ يا ڊسٽرڪٽ سيڪريٽري بڻجي ويو هوس.

بخاريءَ جي ڪوشش ۽ فراخدليءَ سان نواب شاهه ۽ سکر ۾ به ڪميونسٽ پارٽيءَ جون شاخون هيون. نواب شاهه ۾ ڊاڪٽر هاسارام راوناڻي ۽ گهنشيام ڪرمچنداڻي ۽ سکر ۾ ٻغارام وڪيل ۽ وڌراج يوڳراج پرسواڻي سرگرم هئا. حيدرآباد ۾ پارٽيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ هاري ڪاميٽي هئي. اُن جو صدر هو ادو عبدالقادر. اُتي حيدر بخش جتوئي ڊپوٽي ڪليڪٽر جهڙي عهدي تي رهندي به پارٽيءَ سان وابسته هو. ڪميونسٽ برادري ظاهري وڌندڙ ٿي هئي. سوامي انڳديو پارٽيءَ ۽ اُن جي ويچار ڌارا جو گهمندڙ ايلچي هو، هن جو اثر خاص طور جيڪب آباد ۽ شڪارپور ۾ نمايان هو.

ڪراچيءَ جي اسٽوڊنٽس يونين ۾ سخاوت ۽ منهنجي ڪري ڪري ڪانگريس ۽ ڪميونسٽ ويچارڌارا وارن ۾ ٿوري گهڻي لفظي ڇڪتاڻ جي باوجود سمهوتو سلامت هو، هاڻ اُن ۾ سوڀيو وڌيڪ سرگرم ٿيڻ لڳو هو. پر مسلم ليگ جي وڌندڙ اثر ڪري مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن وجود ۾ آئي، اُن جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو شيخ عبدالستار ڪي. هوُ بخاريءَ جي هڪ مِتر جو فرزند هو ۽ لان ناتي هو ۽ نئي دنيا ڪتاب گهر ۾ رهڻ لڳو هو.

نئي دنيا ڪتاب گهر جو اصولڪين ڪهاڻين جو مجموعو پريس ۾ هو جو اوچتو سوڀي مونکي چيو، ”عبدالستار جي ڪهاڻي به اُن ۾ شامل ڪر. مسلمانن ۾ ادب لاءِ شوق پيدا ٿيندو. ممڪن آهي ڪو مسلم ليگ نڪري نروار ٿئي.“ مون پڇيو ماٺس،

سواءِ مکيه هئا، آنند گولاڻي، جيوت نرڻاڻي، گوبند (سرنيم ياد نه اٿم) ۽ ڀڳوان لالواڻي. ريگيولر ڪلاس شروع ٿيا. ٿوري وقت کان پوءِ ٻخاريءَ چيو، ”هنن کي پارٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ جي صلاح ڏي.“ مان سمجهائيو، گهڻا پارٽي ميمبر بڻيا. ”پيپلس ايج“ هفتيوار اخبار رستن تي وڪڻڻ لاءِ نه سڀ همراهه هلندا هئا...

هفتيوار ادبي ڪلاس به ان دؤران شروع ٿي ويو ۽ صلاح بيٺي ته اصلوڪين سنڌي ڪهاڻين جو مجموعو ڇپائجي.

سوڀو گيانچنداڻي به جيل مان آزاد ٿي آيو ۽ نئين دنيا ڪتاب گهر آفيس ۾ رهڻ لڳو. ٻخاري پارٽي آفيس ۾ ئي رهندو آيو.

سوڀي کي ڀرپاسي ٿي منهنجون ادبي خواهه وديارٿي فرنٽ تي سرگرميون راس آيون. هن انهن ٻنهي ۾ دلچسپي نه ورتي ٿي ٻالڪ هو ٽريڊ يونين فرنٽ تي ٻ چست رهڻ لڳو. هوُ ٻن ٽن يونينس جو عهديدار به بڻجي پيو.

ٽريڊ يونين فرنٽ تي نارائڻداس بيچر اڃا تائين واحد اڳوان هو. آفيس ۾ سنتوش ڪمار ٽرماڻي هو ۽ قاضي مجتبيٰ به هو، هوُ ڪراچي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري به هو. پر هوُ جڏهن پوءِ لڏي مسلم ليگ طرف مائل ٿيڻ لڳو ۽ ڪنهن حد تائين ٻخاريءَ به هن کي ان لاءِ همٿايو هو.

١٩٤٤ ۾ گانڌيجي جيل مان آزاد ڪيو ويو هو ۽ هن ملڪ جي آزاديءَ ۽ انگريزن اڳيان ديش جو هڪ آواز پيش ڪرڻ لاءِ قائد اعظم جناح سان ملاقاتن جو سلسلو به قائم ڪري ڇڏيو هو. ڪميونسٽ پارٽي گانڌي - جناح ناتو لاءِ هنن ٻن اڳواڻن کان به وڌيڪ خواهشمند هئي ۽ جتي پارٽيءَ پنهنجن ڪانگريسي ميمبرن کي ڪانگريس ڇڏڻ لاءِ هدايت ڪئي تنهن هنن اَڻ سڌيءَ طرح پنهنجي مسلم ميمبرن کي مسلم ليگ ۾ گهسڻ ۽ اُن سان تال ميل وڌائڻ لاءِ همٿايو !!

ادبي ڪلاس جو ٻ مک انگ بڻجي پيو. راز جا شعر ٻ ڇپيا. شايد ارجن شاد جا ٻ. شاد ٻ اُن زماني ۾ اسان جي ويجهو آيو. هو ۽ اياز سوڀي ۽ ابراهيم جويي جي صحبت ۾ باشعور ٿيندا ويا. جويو ايم. اين. راءِ جي ويچارن جو هو. اياز خاص طور انهن ويچارن سان همراهه ٿيندو ويو.

ارجن شاد پرائمري هاءِ اسڪول ۾ پڙهندي ئي شاعري ڪندو هو. مونکي چٽيءَ ريت ياد آهي، هن هڪ پئسي ملڻ واري ننڍڙي مضمون ڪئي هئي، هن جي ريس تي هن جي همڪلاسي منهنجي پُٽات واسديو (وسوال ڪريم واري) ٻي اهڙي ۽ ان ملهه واري مضمون ڪئي جنهن ۾ ننڍڙي آزاد ڪويتا منهنجي ٻ هئي.

وديارٿي فرنٽ تي هڪ ٻيو جوان اُڀري آيو. ڪيرت ٻاٻاڻي مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان اڳ. ئي هن نواب شاهه ۾ مارشل لا هوندي ٻ ١٩٤٢ جي آندولن ۾ چست پاڳ ورتو هو ۽ هو ٽيهه مهنا جيل ٻ ڪاٽي چڪو هو - ٻ ٽي مهنا حيدرآباد ۾ ۽ باقي سکر جيل ۾. اُتي سوڀي جي صحبت ۾ آيو هو. سوڀي جي شخصيت ۽ ويچارن جي جادوءَ هن تي چڱو اثر ڪيو. ڪيرت جيل مان نڪرڻ کان اڳ ئي ڪراچيءَ ۾ اچي مقيم ٿيو. هو منهنجو واقف ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين جي آفيس ۾ ٿيو. هو قومي ۽ ڪميونسٽ ويچارڌارائن وچ ۾ جان تان ڪابي پاسي مائل رهيو، سوڀي جي آزاد ٿيڻ بعد هن جي سوڀي سان لهه وچڙهه اچا ٻ وڌندي رهي.

ان وچ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ عينشي وديارٿي ۽ واسديو گدواڻي پڙهي ٿيا. عينشي سوڀي جي اثر هيٺ ۽ واسديو دي ريڊ بخاريءَ جي اثر هيٺ. گلاب ڀڳواناڻي ٻ پارٽيءَ ۾ داخل هو ۽ عيشي ٽريڊ يونين فرنٽ تي چست رهيا. پرنتو ٿهلراماڻي

"ستار ڪا ڪهاڻي لکي آهي؟" هن چيو، مون لکي آهي، تون اُن کي ادبي رنگ ڏج. ڇپج عبدالستار جي نالي ۾."

"ريگستاني قول" ۾ "رحيما" جو ليکڪ عبدالستار ئي رهيو.

سوڀي جي جيل مان نڪرڻ کان اڳ ۾، نوجوان مدهن جي صحبت ۾ آيا. شواڄي جوتسنگاڻي ۽ ڪرشن کٽواڻي. جتي شواڄي گهڻو ڳالهائو هو، تتي ڪرشن ماٺيڻو هو. شواڄي ٻلواڻيءَ جي لڳولڳ بنگلي ۾ رهندو هو. اُتي ئي شواڄي ۽ پوءِ هن معرفت ڪرشن سان واقفيت ۽ بعد ۾ گهرائي پيدا ٿي. ڪهاڻيون ۽ شعر ٻنهي لکيا هئا. مونکي شواڄي سياست دان ۽ ڪرشن ساهتڪار- ڀريندي ئي لڳا. هئا ٻئي اُتساهي. مون کين سندن شعرن ۽ ڪهاڻين جي مجموعي "اَتل زنجير" ڇپائڻ ۾ مدد ڪئي. اُنجو مهاڳ به شايد مون لکيو، "ريگستاني قول" ۾ مون شواڄيءَ جي نه، ڪرشن جي اَڻ ڇپيل ڪهاڻي شائع ڪئي. ٻنهي کي وديارٿي هلچل ۾ آندم ۽ پارٽيءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪيم. شواڄي پارٽيءَ ۾ ڀرتي ٿيو، ڪرشن پارٽيءَ ۾ داخل نه ٿيندين به، سوڀي جي ميدان ۾ اچڻ بعد، سوڀي جي اَثر هيٺ رهيو.

شيخ اَياز، مبارڪ علي شيخ جي نالي سان ڀرين ڪـــان، شڪارپور ۾ لکندو هو- شعر. مون هن جو "ساورڪر" تي به شعر پڙهيو هو. "ريگستاني قول" جي شايع ٿيڻ بعد اياز ۽ هن جو دوست راز جو به شيخ هو، مون وٽ آيا. عبدالستار جي نالي شايد پنهنجو رنگ ڏيکاريو. اَياز پنهنجا اِنقلابي شعر، ٻڌن کان مٿي، مونکي پڙهي ٻڌايا. مان ڪافي متاثر ٿيس. هن مونکي مسلمي ٽائيپ اصلوڪين ڪهاڻين، مضمونن ۽ شعرن ڇپائڻ جي صلاح ڏني. سوڀو اياز جا شعر ٻڌي ڪپڙن ۾ نه پيو ماپي. هن به اياز جي صلاح جي تائيد ڪئي. مان ڀانيان ٿو، "ڀڙه ڦڙي" مجموعي جي شروعات ئي اياز جي اِنقلابي گيتن سان ٿي. اَياز

شهرن ۾ فرقي وارانہ ذهنيت ٻہ پکيڙڻ لڳي هئي، ڳوٺ اڃا تائين اڻائي گهرن جي خير جا دعاگو هئا. فرقيپرستيءَ جو گهٽي ۾ گهٽو ٻول سکر ۾ بالا هو- منزل گاهہ فسادن جي آڳ اَڃا ٻوريءَ رهت رک تہ نہ ٿي هئي، رک اندر ٽانڊا پئي ٻريا. مونکي منهنجي ڳوٺ اندر بہ دلين ۾ دونهون دکندو نظر آيو، سوڀي کي ڪل ڪانہ پيئي. هُو وايومنڊل مان بيحد خوش هو. بابا ۽ عارف شاهہ جي هڪ ٻئي ڏانهن رغبت ۽ محبت ۽ علي اڪبر جي هڪ ٻئي ۾ رچش ۾ هنکي هندو- مسلم سازيءَ جو گويا آدرشي اهڃاڻ ڏسيو. مگر مان انهن ۽ ٻين ٻين ذاتن کي ڇڏي اندر ئي اندر محسوس ڪري رهيو هوس، پکيڙو ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هو. صوفي ڳوٺ اندر ئي اندر ناسازيءَ جو ٻڪ ٻٽجي رهيو هو. اسان ننهي ۾ واسديو خوش هو، جڏهن ڪڏهن جتي ڪٿي اُمنگ ۽ اُتساهہ ۾ جنسي ٽپا ڏيڻ لڳندو، "هيءُ ڳوٺاڻا ماڻهو مون اڳ ڇو ڪين ڏٺا - سنڌن مروت ۽ مهمانوازي، سنڌن ابوجهائي ۽ نهٺائي، سنڌن قرب ۽ پنهنجائپ، مٿان کليل ميدان، سرسبز کيت، واهہ ۽ واهڙ..." جذبات هنجي آهي، لفظ منهنجا آهن. هُو جنهن گهر مان آيو هو تنهن گهر ۾ انگريزي تہ مروج هئي بلڪ عيسائيت جو اثر بہ نمايان هو. هُو سوچيندو ۽ ڳالهائيندو اڌ انگريزيءَ ۽ اڌ سنڌيءَ ۾ هو جا وري ڇڙوڇڙ هوندي هئي.

ان لنبي سفر ۾ (ويهہ ايڪويهہ ڏينهن ڪراچيءَ کان ٻاهر هئاسين ۽ سنڌوءَ جي ٻنهي پاسي گويا هڪ وڏي گول ۾ ڦرياسين) ٽن شخصن، نہ، شخصيتن مون تي نہ وسرندڙ اثر ڇڏيو. پهريون اهڙي شخصيت هو سوڀي جو ڏاڏو پير مرد ٽٽي لڳو، گهر ۽ زمينداريءَ جي واڳ، ڏور اَڃا هنجي هٿن ۾ مضبوطيءَ سان جهليل هئي. ٻن ڏينهن جي مختصر گڏجاڻيءَ ۾ مون پاڻ جي ئي ورتو تہ ڏيا بہ هيس تہ ديا بہ. حشمت هيس تہ حليمائي بہ.

پردي پٺيان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو حامي رهيو.

نئين دنيا ڪتاب گهر طرفان مسيلني ٽائيپ اصلوڪن شعرن، مضمونن ۽ ڪهاڻين جو مجموعو ”پره ڦٽي“ نالي سان شايع ٿيو - هفتيوار ادبي ڪلاس سان وابسطه سڀني جوان ليکڪن جون رچنائون اُن ۾ ڇپيون ۽ خواجه احمد عباس جو ناول Tomorrow is Ours شايع ٿيو، مون سوڀي اڳيان اُن کي ترجمو ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. هن اهو پنهنجي هڪ دوست، اُتساهي جوان ارجن ايسرانيءَ کان ڪرائڻ جي صلاح ڏني، نئين دنيا لاءِ مالي امداد حاصل ڪرڻ جو مسئلو به سامهون آيو. سوڀي صلاح ڏني، سنڌ جي سفر تي ٿا نڪرون، چندن ۽ دان وسيلي ڪجهه ڪري وٺنداسين، ڪتاب گهر کي بند ٿيڻ نه ڏيو. واسديو گدوانيءَ، واسديو دي ريڊ کي جو ڪڙڪ پيئي نه هئو به پاڻ ضد ڪري بيٺو ته مان اوهان سان هلندس. مون ڪراچيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو شهر ڏٺو ئي ڪونهي. چون ٿا، هندستان ڳوٺن جو ملڪ آهي. گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جا ڳوٺ ته ڏسي وٺان. سوڀو جو وس ورندي ڪنهن ڳالهه لاءِ ”نه“ نه ڪندو هو. چيائين، ”هل، ٻن کان ٽي ڀلا“. سوڀي روٽ به طي ڪيو - ڪوٽڙي، دادو، لاڙڪاڻو، ڏوڪري، پنڊي، موهن جو دڙو ......“ هو جيل مان نڪرڻ بعد گهر نه ويو هو ۽ جي ويو به هو (اَڄا منهنجو حافظو چوي ٿو نه ويو هو) ته هڪ ٻن راتين لاءِ. اسان جو گول سفر پوءِ شڪارپور، سکر، نارو شاه، نوابشاه، ٽنڊو آدم، حيدرآباد، اري ڪوٽڙي ۽ دنگ ڪراچي. صحيح معنيٰ ۾ ڳوٺ به هئا- سوڀي جو پنڊي ۽ منهنجو نارو شاه ٽنهن ۾ پنڊي نه ڳوٺڙو هو، اَڄا به واهڻ. وري شهر هڪ، حيدرآباد، وڌ ۾ وڌ سکر - شڪارپور. ٻيا شهر، وڏا ڳوٺ، شهر ٻڻجڻ جي تياريءَ ۾ هئا. نمايان فرق هو شهري ۽ ڳوناڻي منورٿيءَ ۾ -

هوم. پر ڊنو ءانس، شاعري رنگ ۾ نہ، مفڪر سو بہ سياسي مفڪر جي روپ ۾. اُن وقت جو ڪورٽ آف وارڊس (ڪنٽل ڪاڻي) ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي جو هو بالا عملدار هو. لڏا ٿي هن وٽ هئاسين. چرچن گهڻن سان وندرايائين ۽ خاطرداريءَ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏيائين، گهڻيرتا سان ملڪ جي حالتن خاص طور ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مسلم نواز پاليسيءَ تي ناراضپو ظاهر ڪيائين. جناح الائي گهڻا ڀيرا پنهنجا خار ظاهر ڪيائين.

اسان حيدرآباد کان اڳ نواب شاهہ ۽ اُن کان اڳ ٿارو شاهہ ۾ ويا هئاسين. اُتي ٿي ڏينهن رهياسين. بابا جي سياڻي بزرگيءَ ۽ گهر اندر ۽ ٻاهر وهنوار کان سوڀو ڪافي اثرانداز ٿيو هو. نواب شاهہ ايندي گاڏيءَ ۾ سوڀي مونکي چيو، " تنهنجي پيءُ جو دل ٿي دل ۾ تو سان غضب جو موه آهي، هن کي تنهنجي ڳالهيڪي تي وهڻ جو اونو آهي ۽ تنهنجي آئينده بابت بہ گهڻي چنتا اٿس......"

ڀارت جي راڄنيتيءَ ۾ نئين سر چستي آئي هئي. نظربند اڳوان آزاد ڪيا ويا هئا ۽ ڪئبينيٽ مشن انگلنڊ جي وزير اعظم ائٽلي جا ٽي عيوضي، سٽئفورڊ ڪرپس، پيٿڪ لارينس ۽ اليگزينڊر ڀارت آيا هئا ۽ ڪانگريس نيتائن ۽ مسلم ليگ اڳوانن سان ٻهڻ نہ ڀارت کي آزادي ڏيڻ جي ڏس ۾ ڇا ٿو ڪري سگهجي.

اسان ڪراچي ٻهڻ تي ساهتيہ ۽ وديارٿي فرنٽ تي چست رهياسين. مان ڇاڪاڻ تہ ذندي کي لڳي ويو هوس، ڪراچي سٽوڊنٽس يونين جي ائڊهاڪ ڪاميٽيءَ تي سوڀو نامزد ڪرايو هوم. سنڌ جا نديا وڏا اڳوان بہ جيلن مان آزاد ٿيندا ويا هئا ۽ سيڌي جون نگاهون وديارٿي سنگهٽن تي هيون. ڏيري ڏيري ڪانگريس ويچارڌارا ۽ ڪميونسٽ خيالات رکندڙ وديارٿين وچ ۾ ويڇا پوڻ لڳا ۽ لفظي ڇڪتاڻ وڌڻ لڳي. نيٺ صلاح پيئي،

سوڀي سان ڪافي سنيهه هوس. اسان کي ٻه ڪافي قرب ڏنائين. اسانجي مهمانوازيءَ ۽ خاطرداريءَ ۾ شخصي چاهه ورتائين، ان ۾ ڪا ڪسر نه پاڻ ڇڏيائين نه ٻئي ننڍي وڏي کي ڇڏڻ ڏنائين. ٻيون ٻه شخصيتون حيدرآباد ۾ هيون. ٻئي اثردار هيون ۽ ٻنهي کي نظرانداز ڪرڻ ناممڪن هو. ٻنهي ۾ ساڳيايون به هيون ته نرالايون به - ٻئي شخص رعبدار هئا ۽ ٻنهي جو رعب قابليت ڪري هو، ٻنهي ۾ عجيب ڪشش هئي ۽ ٻنهي جي صحبت مان من ڀاڄڻ جو نه هو. ڀائي پرتاب ڏيئلداس سنڌ ورڪي سيٺ هو- خوش خلق. جواهر لال نهرو حيدرآباد ۾ سدائين هن جو مهمان رهندو هو، ڀائي پرتاب تنهنڪري سرمايدار هوندي به سوشلزم طرف مائل هو. مختصر ڀيرين ملاقات ۾ ئي مون تي ڪافي اثر ڇڏيائين. سوڀي ۽ مون بابت اڳہ ئي گهڻو ڪي ٻڌو هئائين. اَسان کي آيو ڏسي کلي کيڪاريائين ۽ ڀريندي ئي پاڇي وڌو ته اَسان ونس دان لاءِ ويا هئاسين. چيائين، "ڪامريڊ، سرمايه دار وٽان دان جي اُميد ٿا رکو؟" سوڀو هن جو اَڳہ ئي واقف هو، جواب ڏنائين، "اَسان پارٽيءَ لاءِ نه، ساهتيه لاءِ دان وٺڻ لاءِ آيا آهيون." ڀائيءَ چيو، "ساهتيه پارٽيءَ کي اوچ ڏيڻ جو بهترين ذريعو آهي. خير، ڀيرين ڳالهه ڪريو ڇا کائيندا، ڇا پيئندا؟" پوءِ پنهنجي منيب کي چيائين، "پنج سؤ رپيه روڪ ڪٽي اچو. ڪامريڊن جو ڪو کاتو ته بئنڪ ۾ هوندو ڪونه."

ناشتو ڪرائي، چانهه پيئاري پوءِ ٻنهي هٿن ۾ نوٽ وجهي اڳيان وڌايائين، چيائين، "ڪامريڊ، اسان لاءِ ته اوهان به ٻرهمڻ آهيو. جتي هن مهل ٿائين اسان کي ڪنهن هڪ سڄڻ سؤ روپيه به دان نه ڏنا هئا، ڀائيءَ پنج سؤ ڏنا هئا، اهو ڄاڻندي به ته هن جا اسان سان سياسي متڀيد هئا. حيدربخش جتوئيءَ جو نالو اڳہ ئي ٻڌو هوم. هن جو شعر "درياهه شاهه" بر زبان ياد

جي ناليءَ سان ۽ ”انقلابي سپاهي“ جنهنکي منهنجو ڀرپور ن اصلوڪو ناول سڏي سگهجي ٿو، ٻه لکيم. اُن ناول ۾ ٻي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ وديارٿين جي هلچل ۽ سنڌين ۾ راجنيتي جاڳرتا جو پس منظر ڪڍيم ...... اُن ۾ ڀريان ڏهه صفحا هڪ هندي ناول تان ورتا هئم.

پناڻي هڪ دفعو وري مونسان ٽڪرائجي ويئي. سدائين جيان اوچتو ۽ عجيب نموني. مان گوبند واري پريس (جا هڪ گجراتيءَ نيٺيءَ خريد ڪئي هئي) مان پروف پڙهي پنڌ ئي پنڌ بندر روڊ تان بولٽن مارڪيٽ طرف اچي رهيو هوس پنهنجي آفيس ڏانءِ ...... هوءَ فٽ پاٿ تي ويٺل هڪ نام نهاد جوتشيءَ جي جهرڪيءَ جو ٿهي مان ڪڍيل اڳڪٿيءَ جو پنو پڙهي رهي هئي. مون هنکي ڏٺو، ٿورو ڇرڪيس، پوءِ هنکي نظر انداز ڪري اڳتي وڌي ويس. هوءَ پنيان هلي آئي، پنو جوتشيءَ جي هٿ ۾ رهيو. ”سو هاڻ تون مونکي ڏسي به هليو ٿي وڃين!“ هن منهنجو هٿ پڪڙي ورتو. مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳس. هن وري چيو، ”مون ڪهڙي ٻلي ماري آهي، تنهنجي؟“ مون بي اختيار چيو، ”ٻلي نه، ٻلو ماريو اٿيئي؟“ هن پڌو اُڻ پڌو ڪري چيو، ”مان اڄ پاپيءَ سان گڏجي آئي آهيان.“ مان هڪو ٻڪو ٿي هن ڏانهن نهاريندو رهيس. پاپي؟ ڪٿي هوءَ ديويءَ سان ته نه ملي آئي آهي؟ پر... مون پنهنجو گهر بولٽن مارڪيٽ مان ڦيرائي بندر روڊ ايڪسٽينشن ۾ ڪيو هو، سهري جي هڪ مٽر جي ڪمپائونڊ ۾. منهنجو هٿ اڃا هن پڪڙي رکيو هو، ”انڊين ملٽان لڌو آهي. پاپوءَ جي گهر ويئي هئس. هن تنهنجي گهر جو پتو ڏنو.“ مون هٿ ڇڏائي هڏيءَ مان چيو، ”تون منهنجي گهر هلي وئينءَ؟“ هن ٽهڪ ڏنو ۽ چيو، ”پي ڳالهه پڌه پاپيءَ مونکي نٽاڻ ڪرڻ ڏنيو. اِها

وديارٿي يونين جي تنظيم ڪرائي وڃي؛ باقاعدي چونڊون ڪرائڻ لاءِ خالقڏنيءَ هال ۾ چونڊن جي تاريخ بہ مقرر ڪئي ويئي. سوڀي جنرل سيڪريٽري جي عهدي لاءِ پارٽيءَ همدردن اڳيان ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو نالو تجويز ڪيو. هو سوڀي کان جيل اندر متاثر ٿيو هو ۽ وديارٿي هلچل ۾ وچين واهہ وٺڻ جي فائدي ۾ رهيو هو - ڪانگريسي نيتائن جو خيال بہ هو تہ ڪيرت جنرل سيڪريٽري ٿئي پر چونڊ کان اڳ اعلان ڪري تہ هو ڪانگريس جي پروگرام ۽ پاليسيءَ سان ٻڌل رهندو. پردي پٺيان ان چال جي سٽس اسان کي پئجي ويئي. اسان جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ سنڌو سوڀي کي بيهارڻ جو اعلان ڪيو - ان جي هڪ مراد اِها هئي تہ ڪيرت سوڀي جي مخالفت نہ ڪندو مگر ڪيرت تي ڪانگريسين جو ايترو زور بار هليو جو هن ۽ سوڀي وچ ۾ مقابلو ٿيو، سوڀي هارايو! ڪيرت اُن وقت تہ نہ پر سال اندر ئي اعتراف ڪيو تہ هنجي سياسي جيون جي اها وڏي ۾ وڏي غلطي هئي. ڪيئن بہ، سنڌ ۾ وديارٿي هلچل ٻن ڌاڪن ۾ ورهائجي ويئي.

مان مکيہ ريت ساهتيہ کيتر ۾ چست رهيس. نئي دنيا ڪتاب گهر طرفان چار ڪتاب هڪ ٻئي پٺيان ترجمو ڪيم ۽ شايع ڪرايم، راهول سانڪرتاين جو ”وولگا سي گنگا تڪ“ ٻن ڀاڱن ۾، احمد نديم قاسمي ۽ ابراهيم جليس جون ٻيون ڪهاڻيون الڳ الڳ ٽرڪٽن ۾ ناولٽ ڪري. ان وچ ۾ ٻهاري چاٻڙيہ ”زندگي“ رسالو جاري ڪيو. اُن لاءِ ڪرشن چندر جي لنبي ڪهاڻي ”زندگي ڪي موڙ پر“ اڌوري سفر جي نالي سان ۽ يشپال جو ناول ”دادا ڪامريڊ“ ساٿي جي نالي سان ترجمو ڪيم. ان ئي دؤران ۾ موهن پنجابيءَ هندستان ساهتيہ آستان برپا ڪيو، اُن لاءِ بہ اڳيہ جو هندي ناول ”انقلابي شاهراهہ“

جي سخت رخ اڳيان بخاريءَ کي مڙڻو پيو. فيصلو ٿيو ته پير حيدر استعفا ڏئي ۽ لاڙڪاڻي ضلع ۾ وزير فضل الله سان چونڊن ۾ مقابلو ڪري. اُن ٽڪ ۾ حيدر جون ٻه زميندون هيون. سوڀي پيو ضد ٻڌو: مان حيدر جي حمايت ۾ ڪم ڪندس. مون ٻه- بخاريءَ کي چيو، ”مان به حيدر جي ورڪ ڪندس.“ بخاري ٽپي باهه ٿي ويو: پوءِ پارٽيءَ جي واڳ، ڏور به مون-کان ورتو. حيدر ۽ سوڀي مونکي چيو، ”تون بخاريءَ جي مرضي رکي عبدل قادر جو ڪم ڪر.“

مون مڃيو. پارٽيءَ اندر ساز سلوڪ موٽي آئي. بخاريءَ پاڻ ٻئي هڪ همراه سان گڏ مينگهواڙ ڪامريڊ جي ٽڪ ۾ ڪم ڪرڻ جي جوابداري کنئي.

اِن چونڊن جي چڪريءَ جي دؤران ۾ منهنجو هيڊ ڪوارٽر ٽنڊو جام رهيو. رهيس ڌرمسالا ۾. ڪائينڊو به هڪ هندو سڄڻ وٽ هوس. ڳوٺ به اِلاهي ڏٺم. نصرپور ڏٺم. جهولي لال جو آدي مندر ڏٺم. (۽ اُن وقت خبر نه هيم ته اِن نصرپور جي ئي هڪ عامل نينگريءَ سان مان ديس وديس سنڌي سنگيت ياترا ڪندس.) ڳوناڻن جي حب ڪي وري هڪ دفعو وڃڻائيءَ ٽان ڏٺم. مقابلو ٽه طرفو هو- ميران محمد شاهه، مير اڪبر علي ۽ عبدالقادر شاهه ۽ مير جي مقابلي ۾ اسان وٽ ڪو استر شستر نه هو. هڪ جيپ هئي، الائي ڪيئن ۽ ڪٿان اِن جو انتظام ٿيو هو. اسان پاڻ ۾ همراه به ڳاڻ ڳٽيا هئاسين. مونکي ڀڙيندي ٻن ٻاڙن وچ ۾ جهرڪيءَ جي قتل عام جو انديشو رهيو.

ٽنڊي جام جي پولنگ سٽيشن تي عبدالقادر جو ايجنٽ مان هوس. مير جي ايجنٽ چيو، ”ڪامريڊ، تون اجايو آيو آهين. هت عبدالقادر کي ٽالي ڪاڻ هڪ ووٽ به نه ملندو. هت گهڻو ٽڻو مير جا ئي ووٽر ايندا. هوُ اسان سڀني جو حقدار

خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ مان تو وٽ ٿي آيس. آفيس مان شيوي ٻڌايو، تون پريس ۾ ويو آهين. هُن مونکي پريس جو پتو ڏنو. واٽ تي اِن جوتشيءَ کي ڏٺم. چاهيم، آئيندو ٻڌي وٺان. اڄ ئي، اُهو اَڌ ئي ٻڌو اٿم......" هوءَ جوتشيءَ طرف هلي ويئي. مان کن ٻڌتڙ ۾ رهيس، ٻهان يا هلان. مان آفيس طرف وڌڻ لڳس. هوءَ منهنجي پٺيان نه آئي. آفيس ۾ به نه آئي. مون آفيس ۾ شيوي کي رهڻ ڪيڻ چاهي پر ڪيڏيم ڪانه. هن شيوي کي به نه ڇيو هوندائين، "منهنجو ڀاڳ آهي......" پوءِ سڄو ڏينهن من ئي من ۾ دهرائيندو رهيس: هن مان جند ڪيئن ڇڏندي؟ گهر گهڙيس ته ديويءَ ٻهريندي ڇيو، "مونکي اوهان جي پيڻ پسند آئي. دادن جي جاءِ ته پري نه سگهندي، هن جون سڪون لاهي سگهي ٿي......"

ٻئي هفتي ڏهين ڏينهن منهنجي گهر اچڻ لڳي- منهنجي پرڀات.

سنڌ اسيمبليءَ چونڊن جو اعلان ٿيو. ٻخاريءَ ٻن ٽڪن مان پارٽيءَ طرفان اُميدوار بيهارڻ جو فيصلو ڪيو، حيدرآباد جي ٻهراريءَ ۽ ٽنڊي جام ٽڪ مان ڪامريڊ عبدل قادر ۽ ميرپور خاص جي پر واري ٽڪ مان هڪ مينگهواڙ جو هڄو ڪجهه وقت اڳ واقف ٿيو هو. اِن لاءِ ٻخاري، سوڀو ۽ مان حيدرآباد وياسين شروعاتي بندوبست لاءِ. اُتي حيدربخش جتوئي به تيار ويٺو هو، اعليٰ عهدو ڇڏي چونڊن ۾ اميدوار بيهڻ لاءِ. ٻخاري هن جي عهدي ڇڏڻ جي حق ۾ نه هو. حيدربخش به هڪ تي ٿي ويٺو. ٻنهي وچ ۾ گرماگرم بحث ٿي نه هليو، ترشي به ٿي. حيدر، ٻخاريءَ کي نه، سوڀي کي چيو، "ٻخاري مڃي نه مڃي، مان عملداري طوق ترڪ ڪري پنهنجي قسمت سنڌ جي عوام سان ڳنڍيندس." سوڀي ۽ ٻخاريءَ وچ ۾ به ان ڳالهه تي بحث ٿيو. نيٺ سوڀي

آهي. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪي شاھ کي ووٽ ڪندا، سي ٻه مسلم ليگ ڪري. تون آيو آهين ته آرام سان ويٺو رھه." شاھ جي ايجنٽ هن جي حمايت ڪئي: مان ٻه آيو آهيان ته صرف نالو ڪرڻ.

تن ڏينهن منڇر جي مانيءَ لاءِ ووٽن داخل ڪرائڻ لا ڪلاڪ جي رسيس رهندي هئي. ماني صرف مير جي ايجنٽ جي آئي - ٻوڙ پلاءُ هيڪاندو. ٻئي ايجنٽ ٻوڙو وڃائي مير جي ايجنٽ چيو، "ڪامريڊ، آءٌ ڪر بسم الله، آهين ڪامريڊ، ورڪ ٻه مسلمان جي تو ڪرين. تو کي مسلمانڪو ڪاڌ کائڻ تي اعتراض نه هوندو. ها، هڪ خاطري تو ڏيانءِ. وڏ گوشت نه هوندو." مان ٻه ٻوڙي تي ويهي هنن سان گڏ هڪ ئي ٿالهه مان گوشت پيل پلاءُ کائڻ لڳس.

چونڊن جو نتيجو نڪتو، مير کي سوَن ٽان هارايو، سو ٻ لن ڪري جو شاھ کي مسلم ليگ ٽڪيٽ هئي. عبدالقادر جي ضمانت ضبط ٿي. سؤ سوا سؤ ووٽ مليا هئا، ٻوري ٽڪ پ مينگهواڙ ڪامريڊ جي لن ڪان ٻه ٻري گتي ٿي. هارايو حيدر ٻ ٽن هزار ووٽن ٽان. سوڀي جو خيال هو ته جي اسين ٻن ٽڪن ٽان هٿ ڪٽي سمورو زور، سڀ ئي همراھ حيدر جي حق ۾ لڳايون ها ته وزير هوندي، مسلم ليگ ٽڪيٽ هوندي ٻه فضل الله حيد ڪان هارائي ئي ها. حيدر گڏيو ته هوُ سرهو هو، هار هنکي ڪا لڳس نه رسائي هئي. هوُ هڪ منو ٿي هاري هلچل ۾ گهڙي پيو

C-I
114

ADAB AIN ADIB – Gobind Malhi
(Autobiography)

SINDHI TIMES PUBLICATION–88